




فهرست

- ٻه اکر
- سنڌ جو قديم واپار ۽ واپاري رستا
- سنڌ تي عربن جي ڪاهه ۽ راجا ڏاهر
- سنڌ ۾ مزاحمت جو مختصر اڀياس
- اين.جِي مَجُمدار : وڃايل سنڌ جو ڳولائُو
- ڪلهوڙن جو ٽيون وڏو تختگاهه
- گاج ندي: تهذيب
- سنڌ: سنڌُوءَ جو تحفو



| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | تاريخ جا ترورا |
| موضوع: | تاريخ/تحقيق |
| ليکڪ: | عزيز ڪنگراڻي |
| پيج ميڪنگ ۽ لي آئوٽ: | سنڌي العام |
| تعداد: | هڪ هزار |
| ڇاپو پهريون: | ڊسمبر 2016 |
| ڇپائيندڙ: | نئون نياپو اڪيڊمي |

C-4 سچل ڳوٺ گلشن اقبال ٽائون ڪراچي
Ph#021_34690389, Cell#0333_2311582
E_mail: naonniapo@yahoo.com

قيمت: =/200



# ارپنا

تاج صحرائي ۽ عبدالله مگسيءَ جي نالي

# اَوَل ﭘﮧ اکر

تاريخ ۽ تحقيق وڏي وِنڊ وارو وکر آهي. سچ تہ سوچيو بہ نہ هُئم تہ هن پٿريلي ۽ پُر پيچ پيچري سان پنڌ ڪرڻ جو خفت گُلن جي وڪري جهڙو ڪاروبار لڳندو. منهنجو بنيادي تعلق تخليقي ادب سان رهيو آهي. تاريخ ۽ تحقيق سان صرف مطالعي جي حد تائين سُبَنڌ رهندو آيو. ياد اٿم تہ 1986_87 ۾ سنڌيءَ ۾ ايم اي ڪرڻ دؤران مونو گراف لکڻ جو خيال جاڳيو. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ يونيوسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي تڏهوڪي چيئرمين محترم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سان مليس جنهن همت افزائي ڪندي مون کان ٽي عُنوان طلب ڪيا. مون سوچ ويچار کان پوءِ " اُستاد بُخاريءَ جي شاعري ۽ شخصيت"، "جوهي تعلقي جو تاريخي ۽ ادبي اڀياس" ۽ ٽيون موضوع هينئر ياد نہ رهيو آهي، سي وجي سندس آڏو رکيا. اُستاد بخاريءِ بابت اهو دليل رکيو ويو تہ اُستاد بخاري زنده آهي ۽ زنده ماڻهوءَ بابت تحقيقي مقالو لکرائڻ يونيورسٽيءَ جي قاعدن ۽ ضابطن جي ذمري ۾ نہ ٿو اچي. اُن ڪري مونکي مونو گراف لکي ڏيڻ لاءِ "جوهي تعلقي جو تاريخي ۽ ادبي اڀياس" وارو موضوع منظور ڪري ڏنو ويو. مونو گراف لکڻ، تاريخ توڙي تحقيق جي ميدان ۾ منهنجي پهرين ڏڪندڙ وِک هُئي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ڏاڍي همت افزائي ۽ رهنمائي ڪئي. اُنهيءَ مونو گراف کي مرحوم پروفيسر عبدالله مگسي نہ صرف ساراهيو پر پنهنجي هڪ مقالي ۾ ماخذ طور بہ ڪم آندو تہ ويتر مون ۾ تاريخ پڙهڻ ۽ تحقيقي ڪم


books.sindhsalamat.com

ڪرڻ جو اُتساهہ وڌيو. پروفيسر عبدالله مگسيءَ جي صحبت ، پُرمغز ڪچهرين ۽ سندس حوصلي افزائي ، تاريخ ۽ تحقيق ڏانهن منهنجي لاڙي ۾ وڌيڪ پختگي پيدا ڪئي تہ مرحوم تاج صحرائي اُن ۾ جوت اوتڻ جهڙو ڪم ڪيو. محترم تاج صحرائي نہ رڳو مونکي اُڪساهيو پر قلندر شهباز جي ميلي جي موقعي تي منعقد ٿيندڙ لال شهباز ادبي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ۽ تحقيقي مقالن لکڻ جو موقعو فراهم ڪيو. ايئن ئي مونکي تاريخ ۽ تحقيق جو خفت وچڙي ويو جنهن کي پنهنجي وس،وت ۽ مطالعي جي آڌار تي جاري رکيو اچان ٿو. تاريخ ۽ تحقيق جو خفت ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي تخليقي ادب واري ڪم تي بہ حاوي ٿيندي محسُوس ڪيو اٿم پر تنهن هوندي بہ تاريخ ۽ تحقيق جي ڪم کي هميشہ ترجيح ڏني اٿم.

هن ڪتاب ۾ صرف ست مقالا شامل آهن. ڪنهن بہ کيپ کتڻ جي نہ ڪڏهن دعويٰ ڪئي اٿم ۽ نہ ئي اهڙو سَٽُ ساري سگهان ٿو. ها البت رات ڏينهن هڪ ڪري ، اکين کي اوجاڳا آڇي ، انهيءَ آس اُميد ۾ نُور ضرُور نچوڙيو اٿم تہ شال منهنجي محنت ساب پوي. آخر ۾ مان محترم انعام سنڌيءَ جو نهايت ٿورائتو آهيان جنهن منهنجي هن پورهيئي کي ڪتاب جي صورت ۾ پڌرو ڪيو آهي.

عزيز ڪنگراڻي
نومبر 2021


www.sindhsalamat.com

## سنڌ جو قديم واپار ۽ واپاري رستا

تاريخ جا عالم، محقق، مؤرخ، پراڻا ڪتاب ،سياح ۽ آثار قديمه جا ماهر، انهي ڳالهه جا گواهه آهن تہ قديم سنڌ تهذيب و تمدن جي امين رهي آهي. قديم سنڌ جا قديم رهواسي نہ صرف مهذب ۽ هنرمند، ڪاهوڙي ۽ صحتمند دماغ رکندڙ هئا پر انهن اعليٰ ترين مهذب ۽ مُتمدن معاشري جي تشڪيل ۽ تخليق سان گڏ پاڙيسري ۽ پروارين تهذيبن کي پڻ انهيءَ کان روشناس ڪرايو. قديم سنڌين، تهذيب ۽ تمدن جي ماهيت کان شعوري يا لاشعوري واقف هئا، جنهن ڪري انهن دنيا جي تختي تي اعليٰ ترين ۽ عظيم تهذيب برپا ڪئي، جنهن وسيلي سندن شناخت نمودار ٿي، قديم سنڌين پنهنجي مهذب پڻي ، عقل، تخليقي صلاحيتن، اعليٰ ارتقائي تمدني عملن ۽ لاڙن جي مدد سان اهم حيثيت حاصل ڪئي، آڳاٽن سنڌين جي اعليٰ تهذيبي، تمدني، مذهبي، ثقافتي ۽ ڪاريگري واري رجحان دنيا جي هم عصر تهذيبن ۽ ثقافتن کي اڪساهڻ ۽ ارتقائي مرحلا طئہ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو پر افسوس اهو اهي تہ انهي جو تفصيلي احوال صفحہ هستي تان گم ٿيل آهي. انهي المئي جو ڪارڻ وقت، حالتون ۽ سنڌ جي خوشحالي رهي. سنڌو ماٿري جي خوشحالي جي ڪشش دنيا جي قومن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي آندو پر مختلف وقتن ۽ مختلف حالتن ۾ انهن قومن لالچ ۾ اچي وحشي پڻي جي حد تائين سنڌو ماٿري تي عذاب نازل ڪيا ۽ سندن خونخوار حملن جي ور چڙهي سنڌو ماٿري جو تاريخي تسلسل ۽ اهڃاڻ آثارن جو وجود قائم رهي نہ سگهيو .اسين سنڌو ماٿري جي



تهذيب تمدن، ثقافت، مذهب ۽ ٻولي جو پوري ريت يا تاريخي پنيرائي سان احوال پڙهڻ يا هٿ ڪرڻ کان قاصر رهجي ويل آهيون. سنڌو ماٿري تي وقت بہ وقت ڌارين جي يلغار رهي.انهن ڌارين قومن پنهنجي مذهبي، ثقافتي ۽ تهذيبي تسلط کي برقرار رکڻ لاءِ سنڌو ماٿري جي اصلوڪي تهذيب، تمدن، ثقافت، مذهب ۽ ٻولي تي نہ صرف اثر انداز ٿيون پر اُنهن کي ڊانوان ڊول ڪرڻ ۾ بہ وسان نہ گهٽايو . اهوئي سبب آهي جو سنڌو تهذيب جي ممڪن دور کان وٺي عربن جي دور تائين قديم سنڌ جي تهذيب، تمدن، تاريخ، ادب ۽ ٻولي جو ڪوبہ مڪمل ۽ مستند مواد يا رڪارڊ موجود ناهي. يا تہ اهو گم ڪيو ويو هوندو يا وري حالتن جي ور چڙهي غائب ٿي ويو هوندو. مصرين، ڪلدانين، بابلين، اشور وارن، فنيقيا وارن، ايرانين، يونانين، باخترين، پارٿين، آرين، يوچين، سٿين (هن)، ساسانين، رومين کان وٺي عربن تائين سنڌو ماٿري تمام وڏو عرصو ڌارين جي مضطرب تلسط ۽ حڪمراني هيٺ رهي، جن پنهنجي طرفان ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي هوندي ۽ سنڌ جو اصل مواد، تاريخ ۽ ٻولي جي لکڻ جو تلسلسل ناپيد ڪري ڇڏيو هوندو، رهيل ڪسر آخر ۾ اچي عربن پوري ڪئي ۽ پنهنجي قومي نفسيات پٽاندڙ سنڌ جي تهذيب، تمدن، ثقافت، ٻولي ۽ تاريخ کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو. اجان بہ جي ڪجهہ بچيو هو سو عربن کان پوءِ وچ ايشيا کان ايندڙ افغاني، منگول، ترخانن ۽ ارغونن لٽي لتاڙي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. سنڌ قديم زماني کان ادب، تاريخ ۽ ٻولي جي مستند رڪارڊ کان محروم رهجي ويئي ۽ سنڌ جي تاريخي، ادبي ۽ تهذيبي ڪيتر تي ڏنڌ ڇانئجي وئي ۽ هڪ وڏو خال پيدا ٿي ويو، جيڪو پرڻ کان مٿانهون ٿي پيو.هاڻ قديم سنڌ جي تاريخ، ادبي ۽ تهذيبي اتهاس

جو انحصار محض روايتن، چند آڳاٽن ڪتابن، آثار قديمه جي کوجنائن، پراڻن مذهبي ڪتابن، پرڏيهي مؤرخن، سياحن ۽ حملي آورن جي بيانن موجب ملي ٿو. اهوئي اهم سبب آهي جو معلومات جو وڏو خال پيدا ٿيو ۽ مهين جي تهذيب واري ٻولي سنڌي عالم ته نهيو پرڏيهي عالم پڙهڻ کان قاصر آهن. منهنجو خيال اهو آهي ته سنڌو ماٿري جي تهذيب واري ممڪن دور کان وٺي سنڌي ٻولي جو عربن جي دور تائين تهذيبي، تاريخي ۽ ادبي سلسلو يا رشتو منقطع ٿي ويل ٿو ڀائنجي، جنهن ڪري اسين سنڌي ٻولي جي قديم ذخيري کان به محروم آهيون ته مُهين جي قديم سنڌي پڙهڻ ۽ پرجهڻ کان لاچار آهيون. جيڪڏهن سنڌو تهذيب جي ٻوليءَ جو وقت به وقت ارتقائي مرحلن ۾ تبديلين کان گذرندي سومرن جي دور جي ٻولي، تاريخ ۽ ادب سان سلسلو رشتو يا لاڳاپو ڳنڍيل رهي ها يا منقطع نه ٿئي ها يا اڳ وارو رڪارڊ محفوظ هجي ها ته اڄ آساني سان مهين جي تهذيبي دور واري لکت جي پاڄ ڪري وڃون ها. بهرحال سنڌو ماٿري قديم زماني کان سرسبز آباد ۽ خوشحال رهندي آئي، جنهن ڌارين کي وِسڪائي به آندو، ساٿس لاڳاپن جي لاءِ به اُڪساهيو ته ڦاڙ لاءِ تباهيءَ جو سامان به آندو.

قديم زماني کان سنڌ جي طبعي خوبصورتي ۽ جاگرافيائي بيهڪ ۾ سنڌ جي شادابي ۽ خوشحالي جو اصل راز سمايل آهي. سنڌ جي طبعي مرڪزيت يا طبعي بيهڪ جي لحاظ کان ملڪن جي ويجهڙائپ، دائمي وهندڙ سنڌ درياهه ۽ سنڌ درياهه ۾ پوندڙ ٻيا درياهه، آبهوا، سمنڊ، رڻ پٽ، زرخيز زمينون ۽ سنڌو جا ڪنارا سِنڌ کي سِنڌ بڻائڻ جا ضامن آهن. انهيءَ مرڪزي طبعي بيهڪ جي لحاظ کان سنڌ مشرقي توڙي مغربي



ملڪن جي ويجهو ۽ نظرن جو مرڪز رهندي آئي. سنڌ طبعي يا جاگرافيائي لحاظ کان پرڏيهي ملڪن سان ڳنڍيل رهي آهي. اتر ۾ ڪڇيءَ جو دشت بيدار شروع ٿئي ٿو، جنهن مان به لنگهه بولان ۽ مولا شروع ٿين ٿا، جتان وچ ايشيا ۽ ايران جي مٿانهين پٽن ڏانهن رستا وڃن ٿا. سنڌ ملڪ جي مکيه ندي سنڌو تبت جي ڪيلاش پهاڙين جي گهيري منجهان نڪري ٿي. ڪشمير جي وادي ۽ ناگا پربت جو جابلو علائقو اُڪرِي گلگت کي گُلگَشت آچيندي، سرحد جي سرحدي ضلعي کي عُبُور ڪرڻ وقت اٽڪ وٽ ڪابل ندي مليس ٿي ۽ ڪوٽ منڻ وٽ جهلم، راوي، ستلج، چناب ۽ بياس ان ۾ چوڙ ڪن ٿيون. اڳي منجهس سرسوتي به پوندي هئي ۽ منجهانئس پنج ند وٽان هاڪڙو به ڦُٽي نڪرندو هو. پنجاب ۽ سنڌ جي ميداني علائقن کي سيراب ڪندي، ڏوڪيندي وڃي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. قديم زماني ۾ سنڌ درياهه ۾ اڪثر ندين جو چوڙ ان کي اوهاڳ، گهرو وسيع ۽ ويڪرو بڻائي ڇڏيو ٿي، جنهن ڪري سنڌو ۾ جهاز راني تمام آسان ۽ سفر لاءِ لاپائتي بڻيل هئي ته سنڌو جي سمنڊ ۾ چوڙ وري سنڌ کي سمنڊ وسيلي مشرقي ۽ مغربي ملڪن سان ڳنڍي ڇڏيو هو. قديم وقت ۾ سنڌ ڏانهن آمد و رفت ۾ سنڌ درياهه پڻ اهم ترين وسيلو رهيو ۽ اهو درياهه ئي آهي جنهن سنڌ جي طبعي اڪيلائپ کي توڙي ان کي دنيا جي ملڪن سان ملائي ڇڏيو. سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب تي سنڌو درياهه جو وڏو ڏت آهي، جنهن جي ڪناري سنڌو ماٿري جي عظيم تر تهذيب پروان چڙهي. قديم سنڌ جون جاگرافيائي حدون يا سرحدون اڄوڪيون سوڙهيون ڪيل نه هيون، پراڻي زماني ۾ اٽڪل 1843ع کان اڳ سنڌ هڪ آزاد ملڪ هو. سنڌ درياهه موج ۽ مستي سان وهندو وڃي سمنڊ ۾

چوڙ ڪندو هو. آڳاٽي وقت ۾ سنڌ جون سرحدون وسيع هيون. راءِ
گهراڻي جي ڏينهن ۾ سنڌ اپرندي کان ڪشمير، الهندي کان
مڪران، ڏکڻ کان عربي سمنڊ ۽ اتر ۾ ڪردن جي جبل ڪيڪانا
تائين ڦهليل هئي ۽ چئن انتظامي پرڳڻن ۾ ورهايل هئي (3) جنت
السنڌ موجب اتر ۾ جهلم  در ياهه ۽ ڪشمير جا بعض هيٺيان
ضلعا ۽ درياهه هيلمند، ڏکڻ اولهه ۾ مڪران، ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ
۽اوڀر ۾ راجپوتانا ۽ جيسلمير جي ريگستان تائين سنڌ جون
سرحدون هيون  قديم زماني ۾ سنڌ جي انهي سرحد بندي، سنڌ
کي هندستان کان علاوه ٻين اپرندن ۽ الهندن ملڪن سان ڳنڍي
ڇڏيو هو. تاريخ يا تاريخ کان اڳ واري دور ۾ سنڌ جي اها سرحد
بندي يا طبعي بيهڪ سنڌ کي مرڪزي حيثيت عطا ڪئي ۽ سنڌ
انهي نعمت جي ڪري جنت جهڙي ڪشش رکندڙ ملڪ هو ۽
ڏانهس اچ وڃ قديم زماني کان جاري رهي. سنڌو ماٿري ڏانهن
پرڏيهي ملڪن جي اچ وڃ وارن لاڙن سبب سنڌو ماٿري جي
ماڻهن کان پرڏيهي ماڻهو روشناس ٿيا ۽ انهي شناسائي تهذيبي،
تمدني، رهڻي ڪهڻي، هنر،فن، مذهبي ۽ وڻج جي رجحان کي
جنم ڏنو تہ سنڌ جا تعلقات ڪشادي پئماني تي قائم ٿيا. اهڙي
ريت سنڌ جي تهذيب، هنر ڪاريگري جي سڃاڻپ جو دائرو
وسيع تر بڻجي ويو. انهن لاڳاپن ۾ وڻج واپار اهم ڪردار ادا ڪيو.
ڪنهن بہ ملڪ جو وڻج واپار تڏهن اسرندو آهي، جڏهن
ملڪ ۾ قدرتي ۽ طبعي لحاظ کان پيداواري قوت جي سگهہ موجود
هوندي آهي. جڏهن معاشري ۾ پيداواري قوت جي سطح ضرورت
کان زياده هوندي آهي يا ان کي وڌائڻ جي قوت موجود هوندي آهي
تہ اهو مهذب معاشرو ضرورت کان وڌيڪ شيون جوڙڻ شروع
ڪندو آهي. تڏهن اضافي شين جي درآمد جو تصور جنم وٺي ٿو.



درآمد جو اهو تصور وري ان وقت پيدا ٿيندو آهي، جڏهن ان جي
طلب ٿيندي آهي ۽ طلب يا گهر وري اهو ڪندو آهي جنهن وٽ
انهن پيداواري شين جي کوٽ يا اڻاٺ هوندي آهي.جڏهن طلب
ڪندڙ اهي پيداواري شيون خريد ڪندو آهي تہ پوءِ مٽا سٽا  يا
درآمد برآمد جو رواج وڌڻ لڳي ٿو ۽ مٽا سٽا جي انهن مرحلن مان
گذرندي هڪ معاشرو يا مُلڪ ٻئي معاشري يا مُلڪ کان ضرورت
جون شيون حاصل ڪرڻ يا ڏيڻ لڳندو آهي. شين جي طلب،
پيداوار جي طريقہ ڪار ۽ انهن جي معيار ۽ طلب جي نسبت سان
مقدار ڏانهن ڌيان ڏيڻ جو سبب بڻجي ٿي. معياري ۽ بهتر شين
جي طلب وڌي ٿي تہ مهذب، معاشري جا تخليقي ذهن پنهنجي
تخليقي صلاحيتن کي ڪتب آڻيندا آهن.معياري شين جي
پيداوار وڻج واپار جي رجحان کي وڌائي ٿي تہ فرد بهتر کان بهتر
شيون تيار ڪرڻ ڏانهن ڌيان ڏيڻ لڳندا آهن. اهڙي ريت مهذب
معاشري ۾ هنر ڪاريگري ۽ فن پروان چڙهڻ شروع ڪندو آهي.
ڪنهن بہ مهذب معاشري ۾ هنر، فن، ڪاريگري، تهذيب ۽ تمدن
تڏهن پروان چڙهندي جڏهن معاشري ۾ امن سڪون ۽ هم
آهنگي وارو ماحول هوندو آهي. ماڻهو اعليٰ صلاحيت جا مالڪ،
ڀرپور صلاحيتن جي استعمال وسيلي قدرتي يا طبعي پيداواري
سگهہ کي مفيد نموني ڪم آڻڻ جا اڪابر بنجي پوندا آهن.
ذهني طور ڪنهن دٻاءُ يا پريشاني کان آجا هوندا آهن. انهي
معاشري ۾ زراعت ۽ صنعت خوب ارتقا ڪري ڪماليت کي
رسندي آهي ۽ پوءِ ڪماليت واري زماني ۾ سندس اضافي
پيداواري شين جي ضرورت پر وارن ٻين معاشرن ۾ وڌندي آهي تہ
وڻج واپار زور وٺندو آهي.وڻج واپار وري آمدرفت ۾ تيزي آڻي ٿو.
آمدرفت سبب  شاهوڪار معاشرو ۽ ان جي اعليٰ تهذيب پنهنجا

گهرا اثر منتقل ڪندي آهي. قديم سنڌ جي تاريخ جيتوڻيڪ مڪمل يا مسلسل رڪارڊ تي مبني نہ آهي پر تنهن هوندي جيڪو رڪارڊ يا شاهديون ملن ٿيون, انهن جي روشني ۾ وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ قديم زماني کان شاهوڪار هئي. مهين جي تهذيب ان جو وڏو مثال ۽ ثبوت آهي.مهين جي تهذيب جا ٻين قديم تهذيبن سان لاڳاپا ۽ ان جي اثر جا دليل ٻين تهذيبن جي تقابلي جائزي ۽ انهن جي آثارن مان ملندڙ شين ذريعي مليا آهن, جن جي مدد سان قديم سنڌ جي تهذيب ۽ مهذب معاشري جي سڌ پوي ٿي. سنڌوءَ ماٿري جي تهذيب جي ڦهلاءُ بابت بحث ڪندي اندازو لڳايو ويو آهي تہ مهين جو دڙو پنهنجي پوئين ڏينهن ۾ ماڻهن سان ڀاڳاهت ٿيل شهر هو. آدمشماري جي واڌ جو سبب گهڻو ڪري لڏي ايندڙن جي آمد هئي, جيڪي يا تہ وچ بلوچستان (تڏهن ويجها پهاڙي علائقا) يا سنڌو وارن ننڍن شهرن يا آمري ۽ سنڌوءَ جي انهن ڪاريگرن کي آندو ويو هو جن کي پسند ڪيو هئائون.ظاهر ٿئي ٿو تہ مهين جو دڙو قديم زماني ۾ وڏو شهر ۽ تهذيب, تمدن, هنر ۽ ڪاريگري جو شاهڪار هو. انهي جي ڪري سنڌ ملڪان ملڪ سڃاتل هئي. سنڌو ماٿري جي شاهوڪاري ۽ سڌريل معاشري جي تصديق مهين جي تهذيب وارو زمانو تہ ڪري ٿو پر ان کانسواءِ پوئين زماني ۾ بہ سنڌ تهذيب تمدن ۽ ڪاريگري ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. آرين سنڌو ماٿري کي مسڪن بڻايو تن ڏينهن ۾ بہ سنڌ سکي هئي. ويدن جي مطالعي مان تاريخ ۽ قديم آثارن جي عالمن ۽ محققن ڄاڻايو آهي تہ سندن زمانو هڪ هزار ق. م کان پوءِ شروع ٿيو آهي. ڪن انهن جو زمانو 900 ق م ڪٿيو آهي. قديم سنڌ جي باشندن جي مهذبپڻي, ذهانت ۽ هنرمندي تي آريا لوڪن جي تهذيب کي فوقيت ڏني



ويئي پر ويدن جي علم مان واضح ڪيو ويو تہ قديم سنڌي ڪائنئن گهڻو سڌريل هئا. جڏهن آريا سنڌو ماٿري ۾ داخل ٿيا هئا تہ انهن قديم رهاڪن کي لوڌي ڪڍيو ۽ اصل رهاڪن کي دشمني ۽ تعصب سبب دسيو (غلام) سڏيو. حالانڪ سنڌ جا رهاڪو دراوڙ آرين کان وڌيڪ مهذب هئا. وٽن قلعا, رٿ, محلات, جهاز ۽ زيور هئا. مؤرخن جي بيانن مان پتو پوي ٿو تہ سنڌ جا قديم باشندا مهذب هئا. ويدن جي زماني ۾ سنڌو ماٿري تهذيبي مرڪزن مان هڪ مرڪز هئي. زراعت ڪاريگري ۽ صنعت گيري سندن اهم مشغلا هئا.

اهڙي قديم سنڌ جي اتهاس نگر ۾ جهاتي پائڻ سان معلوم ٿيندو تہ قديم زماني کان سنڌو ماٿري تهذيب ۽ هنر جو مرڪز رهي, جنهن ڪري دنيا جي ٻين تهذيبن سان نہ صرف ويجها لاڳاپا ۽ تعلقات برپا ٿيا پر وڌيڪ مهذب هجڻ ڪري دنيا تائين سندس سڃاڻپ وڌي. پرامن ۽ پُرسڪون هئڻ جي ناتي سنڌو ماٿريءَ ۾ مهذب معاشري جي تشڪيل ٿي. سندس هنر, صنعت, زراعت ۽ تهذيب وڏي پئماني تي فروغ پاتو. هوئڻ بہ معاشري ۾ جنگ, جَدل, جهڳڙا فساد تباهي جو سبب بڻجي, معاشري کي غير تهذيب يا فتني جي حالتن ۾ جڪڙي ڇڏيندا آهن, مگر جنهن معاشري ۾ امن ۽ سلامتي جا بادل برسندا آهن, انهيءَ معاشري ۾ خوشحالي جي اوسر ٿيندي آهي. روز بروز سندس هنر ۽ ڪاريگري ۾ سڌارا اچڻ لڳندا آهن ۽ معاشري جو دائرو اورانگهي ٻين معاشرن ۾ مقبوليت بہ ماڻي ٿو تہ انهي معاشري جي سڃاڻپ جو اهڃاڻ بہ سندس پيداواري ۽ معياري شيون ٿي پونديون آهن. مهذب معاشري جي اهڙي صورتحال ٻين گهٽ مهذب معاشرن لاءِ اُتساهہ جو سبب بڻبي آهي ۽ گهٽ

سڌريل معاشرا، مهذب معاشرن جي اثر هيٺ ارتقا ماڻڻ شروع ڪندا آهن. هميشہ شاهوڪار ۽ خودڪفيل معاشرا پاڻ کان گهٽ شاهوڪار ۽ مهذب معاشرن کي متاثر ڪندا آهن. مهذب ۽ متمدن تهذيبون نہ صرف مرڪز بڻجن ٿيون پر پنهنجي شناخت برقرار رکڻ جي سگهہ رکنديون آهن ۽ اثر انداز ٿينديون آهن. چاڪاڻ تہ تهذيبون هڪٻئي جو اثر قبول ڪنديون آهن. اهو بہ تڏهن ممڪن هوندو آهي، جڏهن ٻن تهذيبن جي وچ ۾ ميل جول مستقل ۽ دائمي هوندو آهي. سڌريل تهذيب گهٽ سڌريل تهذيب تي يا وڌيڪ سڌريل تهذيب گهٽ سڌريل تهذيب تي اثر ڇڏيندي آهي. انهي جو دارومدار باهمي تعلق ۽ اچ وڃ تي هوندو آهي. باهمي تعلقات ۽ لڳ لاڳاپو تهذيبي اثر منتقل ڪرڻ يا وٺڻ جو سبب بڻجن ٿا. سنڌ جي جهوني ڪاهوڙي ۽ سيلاني محترم تاج صحرائي انهي تقابلي جائزي جي مدد سان سنڌو تهذيب کي شاهوڪار ۽ تهذيب يافتہ قرار ڏيندي ان جو سمير ۽ مصري تهذيب تي اثر جو ذڪر ڪيو آهي.

اها ڳالهہ اڳ ۾ ذڪر هيٺ اچي چڪي آهي تہ سنڌو ماٿري خوبصورت ۽ دنيا جي وچهہ وٽان طبعي بيهڪ ۽ نعمت جهڙي جاگرافيائي حالتن سبب نہ صرف مهذب معاشري کي جنم ڏنو پر سندس هنر، تهذيب ۽ ڪاريگري کي ڦهلاءُ ۽ پکيڙ لاءِ سازگار ۽ سهنجو ماحول جوڙي يا مهيا ڪري ڏنو جنهن وسيلي سندس اچ وڃ ۽ وڻج واپار جا تعلقات ججها ۽ دائمي رهيا. انهن لاڳاپن سبب سنڌ جي تهذيب ۽ ڪاريگري دنيا ۾ مشهور ٿي. اُن جو تجارتي يا شين جي مٽا سٽا وارو عمل چالو رهيو. انهن تهذيبي اثرن جي مٽا سٽا ۽ تجارت ٻن ذريعن سان چالو هئي. هڪ خشڪي وسيلي سنڌ مشرقي ۽ مغربي ملڪن يا تهذيبن



سان ڳنڍيل هئي ۽ ٻيو سنڌس اچ وڃ ۽ واپار جو رستو يا ذريعو سمنڊ هو. انهن ٻنهي رستن جي مدد سان سنڌو ماٿري قديم زماني کان آمد و رفت ۽ واپار جي لحاظ کان برآمد ۽ درآمد ۾ مصروف هئي. سنڌو ماٿري زراعت، صنعت واري پيداوار ۾ ٻين ملڪن جي پيٽ ۾ اڳتي هئي، جنهن ڪري سنڌو ماٿري جو سامان ديسان ديس انهن ٻنهي رستن وسيلي پهچندو هو. جيڪو دنيا جي منڊين ۾ وڏي شوق سان وڪامندو هو. سنڌ جي مال جو ڪاپو مغربي توڙي مشرقي دنيا ۾ تمام گهڻو هو جنهن جي سُڌ تاريخ جا ورق اُٿلائي پڙهڻ ۽ پرجهڻ سان پوي ٿي. سنڌو ماٿري ۽ دنيا وچ ۾ خشڪي ۽ سمنڊ ذريعي آمدورفت ۽ وڻج واپار جا جيڪي قديم ۽ پراڻا رستا هئا ۽ جن وسيلي سنڌو ماٿري قديم زماني کان دنيا سان ڳنڍيل رهي، اُنهن جو الڳ الڳ بيان هيٺ ڏجي ٿو.

### خشڪي جا رستا

سنڌو ماٿري قديم آهي. سنڌ جي قديم تهذيب ۽ اُن جي قدامت جي علامت وارا آثار بہ قديم آهن. سنڌو ماٿريءَ ۽ ان جي قدامت جي ممڪن تهذيبي دور جي ڪٿ اٽڪل پنج هزار سال ڪئي وئي آهي. سنڌو ماٿري جي تهذيب جي ممڪن دور جي اُهوڪٿيل دؤر جان مارشل اٽڪل 3250 ق م کان 2750 ق م ڄاڻايو آهي. جنهن جو ثبوت سنڌو ماٿري جو ميسو پوٽيما (عراق) سان تعلق (اچ وڃ) ڄاڻايو ويو آهي ۽ گاد (Gad) وري سنڌو ماٿري ۽ ميسو پوٽيما تهذيب وچ ۾ واپاري تعلق جي دور جو تعين 2350 ق م کان 1770 ق م ڪيو آهي. سنڌو ماٿري جي تهذيبي ۽ واپاري لاڳاپن جي دور لاءِ ڪن محققن جا رايا تاريخي اهڃاڻن ۽ آثارن جي روشني ۾ لڳ ڀڳ ساڳا آهن. سواءِ جان مارشل جي. ويلر سنڌو ماٿري ۽ اوائلي ايران جي وچ ۾ واپاري

لاڳاپن جو دور 2300 ق م کان 2000 ق م ڀُڏائي ٿو. مهين جي دڙي جي کوٽائي دؤران تمام هيٺاهين تهه مان هلڪي رنگ جي ٺڪر جو نهايت خوبصورت  اڪريل برتن مليو هو. جنهن تي هلڪي رنگ جي پٽين ۽ ڪانن جي دروازن واري نقش ٺيل جهوپڙي، ميسو پوٽيما جي جهوپڙي کي ظاهر ڪري ٿي. مهين جي کوٽائي مان ملندڙ اهڙو برتن ميسو پوٽيما ۽ سنڌو ماٿري جي تهذيبن وچ ۾ باهمي تعلقات کي اجاگر ڪري ٿو ۽ تهذيبن جي هڪٻئي ڏانهن نقل ۽ حرڪت واري امر ڏانهن اشارو ڪري ٿي. مئڪي کي مهين جي کوٽائي مان مليل هڪ اڪريل ۽ نقش ٺيل برتن مان لڳو آهي ته اهو اُرجي قبرن (قبرن ۾ ڪتب ايندڙ) واري زماني جو آهي ۽ اٽڪل 2500 ق م جو آهي ۽ گارڊن (Garden) وري اهو 2400 ق م کان 2300 ق م جو ڄاڻايو آهي . سنڌو ماٿري جا مغربي تهذيبن سان جيڪي لاڳاپا رهيا، انهن ۾ وقت به وقت حالتن ۾ ڪن ٻين اڻ ٽر مجبورين سبب خلل پوندا رهيا ته وري سازگار ۽ موافق حالتن جي پيش نظر ٻيهر پڻ جُڙبا رهيا. ڪجهه وقت لاءِ منقطع ٿيڻ کانپوءِ وري بحال پئي ٿيا، ڇاڪاڻ ته سنڌو ماٿري جي مهذب معاشري جي پيداوار جي گهرج ڪين رهندي آئي هئي، جيڪا ناسازگار حالتن ۾ منقطع ٿيڻ کانپوءِ به ڪين چڪي آٽيندي هئي.

قديم سنڌ جي خوشحالي جو اهم سبب جهڙي ريت ان جي طبعي حالت هئي تهڙي ريت ان جا قديم باشندا پڻ محنتي، محبتي، پُرامن، جفاڪش ۽ ڀرپور صلاحيتن جا مالڪ هئا، جن پنهنجي ڏاهپ ۽ مهارت سان هڪ مهذب معاشرو تشڪيل ڏنو ۽ انهي ۾ هنر کي ترقي ڏياري. سنڌو ماٿري جي طبعي حالتن ۽ نعمتن جو ڀرپور فائدو وٺندي ڀرپور تخليقي صلاحيتن جو مظاهرو


books.sindhsalamat.com

ڪيو. انهن نه صرف جيئڻ ۽ رهڻ جو ڍنگ سکي ورتو پر فنون لطيفه ۽ هنر کي انتهائي تقويت بخشي، جنهن اڳتي هلي سنڌو ماٿري ڏانهن دنيا کي مرغوب بڻايو. سنڌ واسِي هنر ۽ حرفت جا ماهر بڻجي ويا. سون چاندي زيور، مٽي جا برتن، ڪاشيءَ جا ٿانو، سرون، اوني، ريشمي،سوٽي ڪپڙو ۽ سنگتراشي ۾ پڙ ٿي ويا.سنڌ جون باريڪ ململون بابُل،مصر ۽ ٻين مغربي ملڪن ۾ سنڌو جي نالي سان مشهور هيون.  قديم سنڌ جي هنر ۽ پيداوار جي ناماچار ديسان ديس پکڙيل هُئي. سرويلر موجب سنڌ ۽ سمير وچ ۾ واپار هلندڙ هو. سمير ۽ اڪاد جي تحقيق تي ڪنهن هڪ اهڙي سرزمين جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن کي دلمون يا قلمون سڏيو ويندو هو. يعني اها سرزمين جتان يا جنهن مان سج اڀري ٿو. جيڪا سمير جي اوڀر ۾ آهي، جتان ججهو مال ۽ سامان اچي ٿو. قديم زماني ۾ ڪپهه سنڌ جي اهم پيداوار هئي. ڪپهه ۽ ڪپهه مان ٺهيل ڪپڙي کي سميري "سنڌو"، يوناني "سيندان" ۽ مصري "سيڊال" ڪري سڏيندا هئا. ڪپهه ان زماني ۾ صرف سنڌ ۾ ئي ٿيندي هئي. ايران، سمير، يونان ۽ مصر جي ملڪن کي ڪپهه جي ڄاڻ 415 ق م ۽ 330 ق م تائين ڪانه هئي. ايراني ۽ سميري ان کي وڻ جي اُنِ (Tree wool) سمجهندا هئا. تاريخ جي ابي هيرو ڊوٽس (ڪن 490_431ق. م  ته ڪن 485؟ _ 425 ق.م لکيو آهي) به ساڳيو لفظ ڪپهه لاءِ ڪم آندو آهي، جيڪو ڪپهه لاءِ اصل جرمن لفظ آهي. ازانسواءِ اشور بينيپال جي لئبرري چارٽ ۾ سنڌو لفظ جي معنيٰ هندستاني (سنڌي) ڪپهه ڄاڻايل آهي، جيڪا سنڌ کان درآمد ڪئي ويندي هوندي.(15) قديم سنڌ نير جي اپت، صنعت ۽ برآمد ۾ به مشهُور هئي. نير جو واپار به فائدي مند ۽ مفيد هو. اهرامن واري مصر جا


www.sindhsalamat.com

رهواسي ڪپڙن کي سنڌ مان گهرايل نير سان ڏوئندا هئا ۽ فرعونن جي لاشن کي سنڌي ململ ۾ ويڙهي تابوتن ۾ رکي دفن ڪندا هئا.

سنڌو ماٿري جي تهذيبي ۽ واپاري لاڳاپن جا خاص طور خشڪي رستي، جيڪي بہ احوال مليا آهن، انهن جي روشني ۾ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌو ماٿري جا وڻجارا پنهنجي وڻجارڪي ڪرت ۾ وڏا ڪوڏيا هئا. قديم سنڌ کي دنيا سان ڳنڍيندڙ خشڪي وارا رستا ڏاڍا ڀيانڪ، اڻانگا ۽ ڪٺن هوندا هئا. ڏاڙيلن ۽ وحشي جهنگلي جيوتن جي خوف ۽ خطري سبب نهايت غير محفوظ هوندا هئا، پر تنهن هوندي بہ سنڌو ماٿري جي وڻجارن خشڪي وسيلي سفر جاري رکيو. سنڌو ماٿري جي ماڻهن خشڪي جي انهن وڻجارڪن رستن سان اتر الهندي مغربي ملڪن، وچ ايشيا، اولهہ وارن ملڪن ۽ اڀرندي علائقن ويندي چين ولايت تائين تعلقات قائم رکيا. اهي قديم واپاري رستا قديم زماني کان سفر ۽ وڻج وارن ڪارجن تحت ڪتب ايندا رهيا. 2100 ق.م کان 1900 ق.م تائين اٽڪل بہ سئو سال ميسوپوٽيما جا سنڌو ماٿري سان خشڪي رستي اچ وڃ ۽ واپار جا لاڳاپا قائم رهيا. اهي ممڪن واپاري رستا بلوچستان منجهان (ايران، افغانستان ۽ وچ ايشيا ڏانهن) مولاڪ وسيلي جوهي (ضلع لاڙڪاڻو هاڻ قمبر شهداد ڪوٽ) وٽان منڇر ڏانهن يا ڪرچات (ڪنراچ) ويجهو لڪ گاري ۽ لڪ ڦوسي ۽ لڪ روهيل وسيلي، واهي پانڌي ۽ ٽنڊو رحيم خان (جوهي ضلع دادو) تائين ٿي ويا. مذڪوره رستو ايم.ايڇ پنهور ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ ۾ درج ڪيو آهي. ساڳي ئي نموني انهن رستن کي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي سنڌو ماٿري ۽ اوائلي ايران جي لاڳاپن بابت



بحث ڪندي درج ڪيو آهي. سنڌو ماٿري ۽ اوائلي ايران جي ڳانڍاپن ۽ اچ وڃ جي باري ۾ لکيو آهي تہ سنڌ کي مغرب سان ڳنڍڻ لاءِ ٻہ تاريخي خشڪي رستا هئا، جيڪي ٻئي ايران ۾ وڃي مليا ٿي. قافلا يا تہ جوهي (ضلعو لاڙڪاڻو) کيرٿر جبلن جي هڪ لڪ مولا جي رستي بلوچستان ٽپي ايران ويندا هئا، جتان يونءَ وچ سمنڊ وارن ملڪن ڏانهن ويندا هئا يا وري ٽنڊي رحيم خان ۽ واهي پانڌي وٽان لڪ روهيل، لڪ ڦوسياند، لڪ گاري (ڪنراچ جي سامهون) مان ٿيندا ايران پهچندا هئا ۽ اتان ترڪي اُسهندا هئا. ايران وڃڻ لاءِ ٽيون رستو لس ٻيلي مڪران منجهان پڻ هو پر اهو رستو گهٽ استعمال ٿيندو هو. معلوم ٿئي ٿو تہ ڄاڻايل رستا قديم زماني کان سنڌو ماٿري کي مغربي ملڪن سان خشڪي وسيلي ڳنڍڻ لاءِ ڪليل ۽ چالو هئا، جيڪي 2100 ق م کان وٺي ويندي ارڙهين صديءَ جي اڌ تائين جاري رهيا. انهن مسافري جي رستن ۽ علائقن جي نالن جو اندراج پوئين دور جي محققن ڪيو هوندو نہ تہ اهو ممڪن آهي تہ لڪن ۽ علائقن جا نالا قبل مسيح ۾ ٻيا هجن پر انهن رستن جي مستحڪي مان اندازو يقين جي حد تائين ڪري سگهجي ٿو تہ اهي ئي خشڪي جا رستا هئا، جيڪي تاريخ کان اڳ ۽ پوءِ چالو رهيا ۽ انهن رستن وسيلي ئي سنڌو ماٿري جو مغربي ملڪن سان تعلق دائمي طرح قائم رهيو. ڇاڪاڻ تہ سڀني عالمن ۽ محققن جو بيان مشترڪ آهي. سواءِ ان جي تہ ايم ايڇ پنهور لڪ گاري کي ڪرچات پرسان ڄاڻايو آهي، جيڪو درست نہ آهي. اهو ڪچات بجاءِ ڪنراچ درست سمجهڻ گُهرجي. ڇو تہ لڪ گاري وسيلي مسافري وارو رستو هليلي ۽ ٽنڊي رحيم خان (جوهي ضلعي دادو) ڏانهن اچي ٿو ۽ ڪنراچ مان گذري پوءِ لڪ گاري پار ڪجي ٿو. جڏهن تہ

ڪرچات تعلقي محال ڪوهستان (هاڻ ضلع ڄامشورو) جو علائقو آهي. ان بابت ايچ ٽي لئمبرڪ لکي ٿو تہ هڪ واپاري رستو اولهہ طرف نري (نئين نري يا نليءَ جنهن جو ترجمو مترجم ناڙي ڪيو آهي، جيڪو درست ليکڻ نہ کپي) ۽ انگئي نئين تان ٿيندي ڪيرٿر اُڪري لڪن جي مکيہ ميڙ (لڪ شڪ لوئي، روهيل، ڦوسي ۽ گاري) ڏانهن وڃي ٿو ۽ اتان پوءِ "پناڻ واٽ" ۽ جهالا وان مان لگهندڙ ٻين رستن سان وڃي ملي ٿو. ٻيو رستو وري ڏکڻ طرف لڪي ۽ ان جي پاڙيسري ٽڪرين منجهان نئين بارڻ جي ماٿري ۾ وڃي پوي ٿو ۽ ان جون شاخون هيٺئين ٽاڪرو تر مان ٿينديون، ڪيترن ئي طرفن ڏانهن هليون وڃن ٿيون ۽ هليلي ٽنڊي رحيم خان ويجهو هڪ گس نئين انگئي ڪان گاري لڪ گذري ڪيرٿر جبل وٽان نئين لوئي (لوهي) ڪان ٿيندو مسافري لڪ اورانگهي حَب ماٿري ۾ پوي ٿو جتان وري ڪود جبل لنگهي، ٽپُوري لڪ ٽپي، وڃي جهالاوان ۾ پهچي ٿو جتان وري ايران فاران، خراسان ۽ افغانستان جي سرحدن ڏانهن رستا ڦٽن ٿا. جيڪي لوهي ۽ وڍ، خضدار، لوهيندڙ ۽ ساروٽو ماٿرين مان گذرن ٿا. ٻي واٽ (اولهہ ڪان) سارونا(ساروٽو) مان ٿيندي ساروٽا نئين جي ڪنڌي اُڪري ديوانا لتاڙي دُريجيءَ وٽ پهچي پوءِ حب اُڪري ٻيلي ٽٻ اچي ٿي، بعد ۾ گزماٿري منجهان ٿيندي توئنگ وٽ بارڻ جي ماٿري ۾ داخل ٿئي ٿي. اصل ۾ لئمبرڪ جو ڄاڻايل ٻيو رستو (واٽ) جنهن کي ٻِيش واٽ ڪوٺي ٿو سو هتان ڪوهستان يا ڪرچات کي ويجهو پوي ٿو. بهرحال انهن ئي خشڪي جي رستن وسيلي سنڌو ماٿري قديم زماني کان مغربي ملڪن سان ڳنڊيل هئي ۽ سندس وڻج واپار ارڙهين صدي جي اڌ تائين جاري رهيو. انهن رستن وسيلي مسافري يا واپار، اٺن يا ٻين جانورن وسيلي چالو هو. پرڏيهي



books.sindhsalamat.com

واپارين جا قافلن جا قافلا سامان ڪٽي ايندا هئا ۽ هتان ضروري شيون خريد ڪري پرڏيهہ ويندا هئا. مٿين ڄاڻايل خشڪي جي رستن ڪانسواءِ سنڌو ماٿري ڏانهن ايندڙ ۽ ويندڙ رستو سليمان-هالار جبلن جي قطار جي سولن لڪن يا دَرن مان لنگهي، بولان دري مان ٽپي افغانستان جي شهرن قنڌار، هري روڊ، مرو ڪان ٿيندو ترڪستان ۾ وڃي ختم ٿيو ٿي. هي افغانستان ۽ ٻين اترين (وچ ايشيا)ملڪن سان واپار جو هڪ شاهي رستو هو. قديم وقت ۾ انهن خشڪي وارن رستن سان سنڌو ماٿري جو وڻج جاري رهيو، جنهن جا دليل تاريخي اهڃاڻن منجهان ملن ٿا. مئڪي موجب 1850 ق.م ڪان 1800 ق.م تائين بابلي تهذيب جا سنڌو ماٿري سان ٻيهر لاڳاپا جڙيا. سندس خيال موجب مهين جي دڙي مان ملندڙ واهولو ڪهاڙو ۽ خنجر شام ۽ فلسطين واري اٽڪل 2000 ق م ڪان 1900 ق م سان برابري رکندڙ دور کي ظاهر ڪندڙ واپارين طرفان مهين ڏانهن آندا هئا يا آندا ويا هوندا. اٽڪل 2400 ق.م ڪان 200 عيسوي تائين سنڌو ماٿري جا الهندن ۽ اڀرندن ملڪن سان جيڪي گهرا واپاري ناتا رهيا، انهن سنڌو ماٿري کي اهم واپاري مرڪز بڻائي ڇڏيو هو. هونئين جيڪڏهن انهن خشڪي وارن رستن جو جائزو سنڌو تهذيب جي اوائلي تهذيبي ممڪن دور ڪان وٺجي تہ اهي 2400 ق.م ڪان جاري رهيا هوندا ۽ اٽڪل ارڙهين صدي جي اڌ تائين اُهي مصروف رهيا هوندا. آڳاٽي دور ڪان وٺي انهن رستن سان خشڪي رستي مسافري ۽ واپار جاري هو. اٽڪل 2400 ق.م ڪان سنڌو ماٿري پرڏيهہ ۾ هنر ۽ واپار جي ڪري مقبول هئي. ڪوٽ ڏجي، هڙاپا ۽ مهين جي تهذيب واري دور ڪان وٺي سنڌو درياهہ سڄي اتر-الهندي هندستان ڪان شين جي درآمد (۽ برآمد) ۾ اهم حصو ورتو



www.sindhsalamat.com

تہ مذڪوره رستن سنڌو ماٿري کي مغربي ملڪن سان بہ ملائي چڏيو. غرض تہ انهن قديم خشڪي رستن وسيلي بابلين، سميرين، اشوز وارن ۽ اوائلي ايرانين جي سنڌو ماٿري ڏانهن اچ وڃ جاري رهي تہ ان کان پوءِ بہ اهي گس انهي مقصد لاءِ ڪليل هئا.
ويدن واري زماني کانپوءِ اوائلي هند (سنڌ) ايراني سلطنت جو ويهون پرڳڻو هُئي، جيڪو سيني کان شاهوڪار ۽ گهڻي آدمشماري وارو هئو. اوائلي ايران سان اچ وڃ ۽ واپاري لاڳاپن واري دور ۾ سنڌ جي ململ ايران ۽ ايران کان بابل ۽ ترڪي تائين ويندي هئي. سنڌ جي ڪپڙي جو ڪاپو ايران ۽ ترڪي ۾ گهڻو هو. خاص طور چونڪڙين واري سنڌي کيسُ ۽ بافتي جي ايران ۽ ترڪي ۾ گهڻي طلب هئي. سنڌ مان چمڙو عرب (اوائلي) ۽ ايران ڏانهن برآمد ٿيندو هو. اوائلي ايرانين کان پوءِ يونانين ۽ رومين جو سڌي طرح سنڌوماٿري سان واسطو پيو. سڪندر مقدوني سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ خشڪي وسيلي حب ندي جي اپرندي علائقي عربتي ۽ اورٿي کان سخت تڪليف ڪاٽي، مڪران رسيو هو. ان کان اڳ بہ يوناني ۽ رومين جو سنڌو ماٿري سان گهرو سُپنڌ پائنجي ٿو ۽ لڳي ٿو تہ قديم زماني کان يوناني سنڌو ماٿري کان روشناس هُئا. عظيم يوناني شاعر هو مر جي اوڊيسي شعرن ۾ ايترو اشارو ملي ٿو تہ سج جي اپرندي (هند-سنڌ) هڪ سياهہ قوم رهي ٿي.اها قوم شايد دراوڙ هئي، جنهن جو واپار مغربي دنيا سان هلندڙ هو. سڪندراعظم پهريون يوناني فاتح هو جنهن مغرب وارن لاءِ مشرق جي واپار جو در پٽيو ۽ ان کان پوءِ سيليوڪس جي زماني ۾ سنڌ جي واپار گهڻي ترقي ڪئي هئي. يونانين جي ڏينهن ۾ سنڌ جو مال خشڪي وسيلي تدمر تائين پهچندو هو.



موريا گهراڻي جي ايامڪاري ۾ بہ سنڌو ماٿري جي آمد ور رفت ۽ تجارت پرڏيهہ سان جاري هئي. سنڌ جا اوير ۽ اولهہ وارن ملڪن سان تعلقات هئا. موريا گهراڻي جي ڏينهن ۾ سنڌ جون سرحدون هرات تائين هيون. هن گهراڻي جي ڏينهن ۾ باخترين وقت بہ وقت حملا ڪيا ۽ حڪمراني جون سرحدون باختر (افغانستان) کان سنڌ تائين 185 ق.م کان وڌائي چڏيون ۽ سندن حڪمراني ڪچ تائين قائم تي . موريا گهراڻي جي آخري حڪمران (199 - 187 ق.م) مات کائي ويو ۽ سنڌ باخترين جي قبضي ۾ اچي وئي. سندن تسلط اٽڪل 70 ق.م تائين رهيو . جنهن کان پوءِ سنڌ سياڇين جي چنبي ۾ اچي وئي، جن اٽڪل 22 سال سنڌ تي حڪمراني ڪئي. باخترين کان پوءِ بيا بہ مسلط رهيا ۽ ويندي راءِ گهراڻي تائين سنڌ ڏارين جي ميراث رهي. باخترين کان پوءِ سياڇين پارٿين، ڪشن ۽ سامانين جو سنڌو ماٿري تي تسلط قائم هو.
محترم ايم ايچ پنهور ڪرنالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ ۾ هڪ نقشو (13ع) ڏنو آهي، جنهن ۾ 200 ق.م کان 200ع دوران سنڌ ۽ دنيا وچ ۾ واپاري رستن کي واضح ڪيو ويو آهي. هن نقشي مان موريا گهراڻي جي پونين حڪمرانن (200 ق.م کان 187 ق.م) ۽ اوائلي ڪُشن حڪمرانيءَ جو دؤر پڙ اچي وڃي ٿو. انهي عرصي ۾ سنڌو ماٿريءَ جو هندستان ۽ بين اپرندن ملڪن ڪانسواءِ مغربي ملڪن سان وڏي پيماني تي واپار هلندڙ هو. سنڌ سِلڪي (ريشمي) رستن سان چين ۽ وچ ايشيا سان ڳنڍيل هئي. سنڌ جو مال روس، افغانستان، ايران ۽ باختر تائين خشڪي وسيلي پهچندو هو ۽ ساڳو مال ڪئپسين سمنڊ جي ساحلي بندرن ۽ ڪاري سمنڊ جي ڪنارن تائين پهچي ويندو هو. جتان

پوءِ يونان روم ۽ ٻين مغربي ملڪن جي مَنڊين تائين رسندو هو. اولهه_ڏڪڻ وارن ملڪن ڏانهن سنڌ جو سامان وري ايران ۽ ايراني نار جي ساموندي بندرن تائين پهچندو هو جيڪو پوءِ عراق، مصر، شام عربستان جي شهرن ڏانهن ويندو هو ۽ پوءِ وچ سمنڊ جي ساحلي بندرن ذريعي يورپي دنيا ڏانهن. سوئز ڪينال ۽ ڳاڙهي سمنڊ جي ڪنارن وسيلي آفريڪا تائين ويندو هو. موريا گهراڻي ڪانپوءِ سياچين ساسانين ۽ ٻين قومن جي تسلط وارن ڏينهن ۾ بہ سنڌ جي وڻج واپار جا اهڃاڻ موجود آهن.

راءِ گهراڻي جي ڏينهن ۾ سنڌي وڃارا الهندن ۽ اڀرندن ملڪن ڏانهن لڪ لتاڙي ۽ ميدان ماري سنڌ جو قيمتي سامان نيَڻ ۽ پرڏيهه کان ضروري سامان آڻڻ ۾ مصروف رهيا. تاريخ ساک پري ٿي تہ راءِ گهراڻي جي ايامڪاري ۾ سنڌ امن ۽ سڪون واري آزاد ملڪ جي حيثيت ۾ گهڻي ترقي ڪئي. هن زماني ۾ سنڌ ملڪ جون حدون بہ تمام ڪشاديون هيون. جنهن ڪري سنڌ مغربي ملڪن کي تمام ويجهو هئي تہ اڀرندي هندستان سان بہ قريب تر هئي. سندن ڏينهن ۾ سنڌ جي هنر، ڪاريگري ۽ زراعت کي پرڏيهه ۾ وڏي مقبوليت حاصل هئي.راءِ گهراڻي جي دؤر ۾ سنڌ جو واپار مشرق ۽ مغرب ڏُور تائين خشڪي وسيلي چالو هو. برهمڻ گهراڻي جي تاريخي احوالن مان سُڌ پوي ٿي تہ سنڌ جو واپار خشڪي وارن رستن سان هلندڙ هو. برهمڻ گهراڻي جي حڪمراني واري زماني ۾ سنڌ نهايت خوشحال هئي. سون چاندي جا زيور، ڪپڙي جي صنعتن ۽ ٻئي قيمتي سامان جوڙڻ جا حوال ملن ٿا. سنڌ برهمڻ حڪمرانن جي وقت بہ مشرقي ۽ مغربي ملڪن سان خشڪي رستي ڳنڍيل هئي. سنڌ جي گادي جو هنڌ الور اهم واپاري مرڪز هو. ان کان سواءِ برهمڻاباد، سيوهڻ، نيرون



ڪوٽ ۽ ديبل اهم شهر هئا. جن ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي سامان وڪامندو هو. عرب فاتحن جي ڪاهہ وقت جيڪي بہ واقعا ۽ واقعن بعد فتح بعد مال غنيمت هٿ ٿيڻ جا جيڪي بہ احوال ملن ٿا انهن منجهان پتو پوي ٿو تہ سنڌ انتهائي شاهوڪار، مالدار ۽ هنرمنديءَ جو ڳڙهہ هئي. سنڌ جي قيمتي سامان جو نيڪال يورپي ۽ عرب ملڪن ۾ ٿيندو هو جتي سندس خوشحالي ۽ هنرمندي جي هاڪ هئي. عرب راءِ گهراڻي جي ڏينهن کان سنڌ کي مفتوح بڻائڻ وارين سرگرمين ۾ رڌل هئا ۽ نيٺ انهيءَ مهم جوئي ۾ ڪامياب ٿيا. برهمڻ گهراڻي بابت عرب تاريخ نويسن جاگرافيدان ، سياحن توڙي ٻين مؤرخن، ڪو خاص احوال تہ نہ ڏنو آهي پر جيڪو بہ اهڃاڻي مواد ملي ٿو انهي جي روشني ۾ چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ جا خشڪي رستي لاڳاپا قائم هئا. اهي ممڪن رستا مغرب ڏانهن ساڳا قديم زماني وارا موجود هئا، جن وسيلي سنڌ الهندن ملڪن سان انهن ئي خشڪي وارن مسافري ۽ واپاري پيچرن ذريعي مليل هئي.

جڏهن عربن سنڌ فتح ڪئي تہ سنڌ سندن خلافت جو حصو بڻجي ويئي. عربن جي ڏينهن ۾ سنڌ ۽ خراسان ۾، ڪابل ۽ باميان رستي، سنڌ ۽ زابلستان وچ ۾، غزني ۽ قنڌار رستي واپاري قافلا ايندا ويندا هئا. سنڌ خشڪي رستي مڪران جي ڪناري کان عراق، شام سينائي اُپ ٻيٽ کان قاهره قبرون، طنجہ، مغرب، اقصيٰ ۽ اندلس سان مليل هئي. بصري کان ٻيو رستو ايشيا ڪو چڪ کان انطاڪيا ۽ حلب ڏانهن ويندو هو. خوزستان، فارس ۽ ڪرمان جا قافلا سنڌ ايندا ويندا هئا. اتر الهندي ۾ بولان ۽ موله درن جي ڪري قنڌار، هرات، خراسان، بحيره حضر، آرمينيا ۽ ڪاري سمنڊ ٻريان قافلا يورپ تائين ويندا هئا. البيروني

(973ع_ 1048ع) جنهن هندستان ۾ اچي سنسڪرت ۽ ٻين علمن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي، تنهن لکيو آهي تہ اسين پنهنجي ملڪ (ترڪستان) مان نميروز جي ملڪ يعني سَجستان مان گذري سنڌ ۾ پهچنداسون ۽ هند ۾ وري ڪابل رستي پهچنداسين، منهنجو اهو مقصد نہ آهي تہ فقط اهو ئي هڪڙو رستو آهي. جڏهن در کليل هوندا آهن تڏهن هر ڪنهن طرف کان هتي پهچي سگهجي ٿو. اُن جو مطلب تہ مغرب کان خشڪيءَ جا ڪيترائي رستا سنڌ ڏانهن آيا پئي. خشڪي وارا اهي رستا سمن، مغلن، ارغونن ، ترخانن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي ڏينهن تائين اچ وڃ ۽ وڻج واپار لاءِ کليل رهندا آيا. ايم. ايچ پنهور سنڌ جي ڪراناالاجيڪل ڊڪشنري ۾ جيڪو نقشو شامل ڪيو آهي، تنهن ۾ 519 ق.م کان 1524ع تائين ٿيل سنڌ تي خشڪي وسيلي حملن جا گس ۽ گهٽ ڄاڻا آهن. انهن موجب اتر، اولهہ وارن ملڪن کان سنڌ ايندڙ هڪ رستو ايران کان قنڌار ۽ ڪوچڪ دري کان ڪوئٽا ۽ جتان وري بولان ماٿري مان لنگهي، بولان دري مان سنڌ ۾ داخل ٿي سنڌ هالو کان گذرندو منڇر ديبل ۽ پٽالا (نيرون ڪوٽ) آيو ٿي. ٻيو ممڪن رستو وري ملتان کان سنڌ ڏانهن ٿي آيو، جيڪو وري ملتان کان اُتر_ الهندن علائقن ڏانهن ويندي، لڪ ٽوچي يا گومل کان لنگهي ڪابل ٿي ويو ۽ پوءِ ڪابل کان وچ ايشيا جي مختلف ملڪن ۽ چين ڏانهن ويندي مختلف پيچرن ۾ ورڇجي ٿي ويو. اهي رستا روس، چين کان علاوه افغانستان جي شهرن باميان، غزني ۽ ٻين حصن ڏانهن ويا ٿي. سنڌ جو واپار افغانستان ۽ خراسان، ايران، عربستان ۽ ترڪي، ميسو پوٽيما، ايشيا مائنر، چين ۽ مغربي يورپ سان گهاٽن واپاري ناتن وسيلي هلندڙ هو. پونئين ڏينهن ۾ ٺٽي ۽



بکرجي اوچ هڏڪيون پريون تہ شڪارپور سنڌ جو خشڪي رستي واپار جو مرڪزي شهر بڻجي ويو. تن ڏينهن ۾ شڪارپور شهر جو واپار اوج تي هو ۽ واپاري قافلا بولان لنگهہ کان گذري قنڌار کان پوءِ وچ ايشيا ۽ ٻين شهرن ڏانهن ويندا هئا. شڪارپور شهر پنهنجي اوج ۾ انتهائي خوشحال ۽ وڻج ۾ تمام گهڻو وس پرو هو. شڪارپور جو بنياد دائود پوٽن سن 1617ع ۾ وڌو. جيڪو اوڻيهين صدي ۾ بکر کان بہ گوءِ کڻي ويو. اتر هندستانءِ وچ ايشيا جي شهرن ۽ ملڪن سان واپار جو مرڪز بڻجي ويو. شڪارپور جو خشڪي رستي اولهہ_ ڏکڻ جي مختلف شهرن توڙي دنيا جي ٻين ساحلي شهرن لاڳاپو هو ۽ منڍين لاءِ ايجنٽ يا نمائنده مقرر هوندا هئا، جن وسيلي سنڌن ڪاروبار ديسان ديس هلندڙ هو. سنڌ خشڪي وسيلي اتر ۾ روس، اوپر ۾ ڪلڪتي ۽ حيدرآباد[دکن( سان ڳنڍيل هئي. واپار تي هندو واپاري ڇانيل هئا ۽ سندن واپاري لاڳاپو مسقط ،بندرعباس، ڪرمان، يزد، خوارزم، سبزوار، قنڌار، غزني، قابل، شهد، استراخان، بخارا، سمرقند، ڪوڪن، يرقند، ڪونڊوز ڪابل کان علاوه هندستان جي شهرن امرتسر، جيپور، بيڪانير، جيسلمير سان هو. اهڙي ريت سنڌ جو لاڳاپو سمن، مغلن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپر تائين پرڏيهہ سان رهندو آيو ۽ اهو واپاري رستو يا ڳانڍاپو تڏهن قائم رهندو آيو، جڏهن سنڌ ملڪ پيداواري سگهہ رکندڙ هو. سندس هنر ۽ ڪاريگري ڪنهن نہ ڪنهن طرح دنيا ۾ انمول ۽ ڪشش ڪندڙ ۽ ضرورت هيٺ هئي. جيستائين سنڌ ملڪ جي پيداواري قوت پاڻ پري حيثيت کان مٿي هئي ۽ جيستائين سنڌو ماٿري جو هنر فن ۽ ڪاريگري زنده رهي تيستائين دنيا ان جي ڳيجهو ۽ محتاج رهي ۽ سنڌ جو پرڏيهہ ۾ ناماچار رهيو پر جڏهن سندس هنر، فن، زرعي پيداوار ۽

ڪاريگري ڪنگالپڻي جو شڪار ٿيڻ لڳي تڏهن سندس واپار زوال پذير ٿيڻ شروع ٿيو ۽ جڏهن وڻج واپار هيٺو ٿيڻ لڳو تڏهن سنڌ جو انهي حوالي سان دنيا کان نالو وسرڻ شروع ٿيو ۽ آهستي آهستي مڪمل طرح دنيا کان وسرڻ لڳي. سنڌ جي واپار ۽ لاڳاپن تي اهو قحط انگريز نازل ڪيو. سنڌ صنعتي طور ڪمزور، معاشي ۽ اقتصادي طرح نبل ٿجي وئي ته سندس واپار به ختم ٿي ويو. ويتر سامونڊي واپار واري لاڙي کي تقويت ملي ته خشڪي وسيلي واپار ۾ اچ وڃ جا رستا جهڪا پوندا ويا، جيڪي اڳتي هلي يا ته بلڪل ختم ٿي ويا، يا وري محض مقامي طرح اچ وڃ يا نقل و حرڪت لاءِ ڪتب اچڻ لڳا.

### سامونڊي رستا

خشڪي جي پيٽ ۾ سنڌو ماٿري جو واپار ۾ اچ وڃ وارو ڳانڍاپو سمنڊ ذريعي وڌيڪ سهنجو ۽ ڪارائتو معلوم ٿئي ٿو. سمنڊ وسيلي آمدرفت گهٽي نظر اچي ٿي. هڪ سنڌو ماٿري جي غنيمت جهڙي طبعي بيهڪ ۽ ٻيو سندس درياهه انهي ڳالهه کي هٿي ڏئي ٿو ته وڻج واپار ۾ آمدرفت خشڪي جي پيٽ ۾ سامونڊي سفر سولو ۽ سڪيو جاتو ويو هوندو. سنڌو ندي ۽ ان جي سمنڊ ۾ ڇوڙ انهن ٻنهي ڳالهين لاءِ انتهائي خوشوار ۽ لاياٿتو ماحول جوڙي ڇڏيو. جنهن ڪري سنڌو ماٿري مغربي توڙي مشرقي سامونڊي ڪنارن، ٻيٽن ۽ اپ ٻيٽن سان جڙجي، دنيا کي قريب تر ٿي وئي. قديم سنڌي نهايت جفاڪش، باصلاحيت، محنتي ۽ ڏاها هئا، جن سنڌ درياهه جي سفر جي ڄاڻ حاصل ڪري ورتي هئي ته سمنڊ سان واسطي پوڻ ڪري ان کي به سُوجهڻ جا اڪابر ۽ سڄاڻ ٿجي ويا. سنڌ ماٿري جا قديم رهواسي وڏا ڪاري ڪيڙائو وڻج واپار ۾ پڙ ۽ جهاز ناهڻ جا يگانه هئا. قديم سنڌي جهاز ناهڻ،



جهاز راني جي فن ۽ سامونڊي وڻج واپار جا ماهر ۽ ڪوڏيا هوندا هئا. سنڌ جي تاريخ ۾ تهذيب جو پارکو تاج صحرائي لکي ٿو ته مهين جي ڪوٽائي دوران مئڪي ڪي مُهر ملي آهي، جنهن تي ٻيڙي جي شڪل اُڪريل آهي ۽ راءِ صاحب ڪي گجرات ۾ سنڌو تهذيب جي مرڪزي شهر لوٿل مان مٽي جي ٺهيل ٻيڙين جا ڪي نمونا مليا آهن. انهن ٻيڙين مان هڪ ٻيڙي جو تري ۾ تکو ۽ نوڪدار ڪنڊو، ڇهنبدار ڪمان، سخت پاڇل ۽ سوراخ آهي، جنهن ۾ سڙهه چاڙهڻ لاءِ لڪڙو وڏو ويندو هوندو. اها ٻيڙي سمنڊ تي سفر ڪرڻ لاءِ هوندي، ڇاڪاڻ ته سمنڊ ۾ سفر ڪرڻ وارين ٻيڙين ۾ غورابن جي ساخت سامونڊي لهرن جي بچاءُ لاءِ اهڙي ئي نموني جي هوندي آهي. اهڙا ٻيڙا ۽ غوراب سنڌي وڻجارا ۽ ناکئا سمنڊ تي سفر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا هوندا. محترم تاج صحرائي ڪي گجرات ۾ لفظ مياڻي جي رواج ۽ گجرات جي نال پال ڏنڊ جي مهاڻن ۽ منڇَر جي مهاڻن جي رنگ نسل ، شڪل شبيهه ۽ رهڻي ڪهڻي ۾ هڪجهڙائي نظر آئي آهي.

سنڌو ماٿري قديم زماني کان قدرتي نعمتن سان مالا مال هئي، سنڌ ۾ ٿيندڙ انهن قيمتي شين ۽ نعمتن جي ڪري هزارن سالن کان سنڌ جو واپار هلندڙ هو. سنڌ ۾ ڪيترين املهه شيون جهڙوڪ: جواهرات، ياقوت، الماس، خوشبودار مصالا، عنبر، عاج، عمارتي ڪاٺ، ريشمي ڪپڙو، ململون ۽ ٻيو سامان ملندو ۽ ٺهندو هو جيڪو پرڏيهه وڪري لاءِ ويندو هو. سنڌو تهذيب جي ممڪن تهذيبي ۽ تمدني دور ۾ پڻ انهن شين جي واپار ۽ انهن وسيلي پرڏيهي تعلقات جا اهڃاڻ مليا آهن. قديم سنڌ جا قديم زماني ۾ ٻين ملڪن ۽ قديم تهذيبن سان آمدورفت جا توڙي واپاري ۽ تهذيبي تعلقات قائم هئا. سميرِي واپارين جي بستين

ڪي ڦروم ڇئبو هو. اُرجي ڦروم ۽ مقبرن جي کوٽائي مان مهين جي دڙي جي زماني جون مصنوعات مليون آهن. مثال طور بادشاهه ميلس گلم ڊگ (2750 ق.م) جي قبر ۾ سون جي هڪ پن (پٽيءَ) ملي آهي، جنهن جي منڍ يا سِري تي باندر ٺهيل آهي. قديم زماني ۾ باندر سنڌو ماٿري جي جهنگلن ۽ دريائي ڪناري سان ٿيندڙ وڏين بانس جي جهنگن ۾ عام جام هوندا هئا. جيڪي سنڌو ماٿري جي خاص سڃاڻپ ۾ شمار ڪيا ويا آهن. سمير ۽ اڪاد جي تختين مان ماهرن کي معلوم ٿيو آهي ته دلمون (سنڌ) ملڪ جا ٻيڙا ڪاٺ ڪٽي لاگاش جي اُر بندر تي ايندا هئا. اهو واپار 2400 ق.م ۾ پڻ هلندڙ هو. سمير تهذيب قديم ترين تهذيبن مان هڪ شمار ڪئي وڃي ٿي. انهي قديم ترين تهذيب جو سنڌو ماٿري سان ويجهو ناتو قائم هو. سنڌو ماٿري ۽ سمير وارن جا گهاٽا ۽ گهرا ناتا هُئا. 2250 ق.م ۾ سنڌو ماٿري ۽ سمير تهذيب جو ساموندي رستي بحرين (بندر) وسيلي ڳانڍاپو هو. سمير ۽ بابلي تهذيبن جا دنيا جي ٻين مهذب تهذيبن سان پڻ لاڳاپا هئا. سندن واپاري ۽ سفر جا واسطا ڳنڍيل رهيا ته ڪڏهن تعطل جو شڪار پڻ رهيا. ار ۽ ٻين علائقن ۾ 2400 ق.م جون ججهي مقدار ۾ نقش ٿيل يا چٽيل مهرون مليون آهن، جيڪي سنڌو ماٿري جا واپاري پاڻ سان کڻي ويندا هئا پر سنڌو ماٿري سان واپار ۽ اچ وڃ جا اهي سلسلا 1600 ق.م ڌاري منقطع ٿي ويا، جيڪي 500 ق.م ڌاري ٻيهر جُڙيا هئا. سنڌو ماٿري جا قديم باشندا نهايت هنرمند ۽ محنتي هئا. ساڻن دنيا اعليٰ سطح تي لاڳاپا رکيا. ڪلداني، بابلي ۽ اشور وارا سنڌ مان عمارتي ڪاٺ گهرائيندا هئا. مصر وارا مُردن کي ممي ٺاهڻ لاءِ سنڌ مان نير ۽ باريڪ ململون گهرائيندا هئا. ڪلديا جا قديم بندر اوفير، سيپارا ۽ نپور سنڌ



جي پيداواري واپار جي ڪري دولتمند هئا. انهن بندرن مان سنڌ جا مور ۽ باندر حضرت سليمان جي تخت گاهه بيت المقدس پهتا هئا. سنڌو ماٿري جو مغربي تهذيبن سان واپار وڏي پئماني تي ٿيندو هو. سنڌ جي خوشحالي دنيا جي واپارين کي پاڻ ڏانهن ڇڪي آندو. سمير ۽ بابل وارا واپار ۾ وڏا ماهر هئا. سمير ۽ بابل جا واپاري اناطوليه سنڌ ڪنعان، مصر ۽ ايران سان گڏ ان وقت جي پوري مهذب دنيا جو سفر ڪندا رهيا. خام مال جي خريداري ۽ شين جو وڪرو انهن جو بنيادي مقصد هو. دنيا جي اهم واپاري منڊين ۾ انهن جو ٻئنڪون قائم هيون. سنڌو ماٿري انهن ڏينهن ۾ نهايت تهذيب يافته، تيار ٿيل ۽ خام مال جو مرڪز هئي، جنهن ڪري پرڏيهي واپارين سنڌ ڏانهن سفر ڪيو ۽ واپاري لاڳاپا رکيا. سنڌ جو مال ايراني نار ۽ يمن جي بندرن کان مغربي ملڪن ڏانهن ويندو هو. قافلا (جهازن ۽ غورابن جا) انهن شين کي شام ۽ مصر جي مارڪيٽن تائين پهچائيندا هئا. سنڌ جي شين جي ڪري پرڏيهي ملڪ سنڌ جا محتاج هوندا هئا. قديم سنڌ جي شين، پيداوار ۽ صنعت جي قدر ۽ اهميت انهي ڳالهه جي ساک پري ٿي ته سنڌ ڏانهن دنيا جي اٽڪل هر مهذب ۽ سڌريل معاشري جي واپارين سفر ڪيو ۽ خريد و فروخت ڪري خوب نفعو ڪمايو. سنڌ دنيا جي واپار جو اهم مرڪز هئي ۽ مغربي ملڪن جا شهر سندس واپار جو مرڪز هئا. ڪلديه سنڌ جي واپار جو ڳڙهه هو. ڪلديه عراق جي ان حصي جو نالو آهي، جتي فرات ۽ دجله پاڻ ۾ ملن ٿيون. 2234 ق.م ۾ ڪلدانين جو سڄي ايشيا تي اقتدار هو. ڪلديه جا مکيه بندر (اُر) سيپارا، ارخ، نپور ۽ اغاد (اڪاد) جا شهر ايراني نار جي منهن وٽ واپار جو مرڪز هئا. سنڌ جون آڳاٽيون ململيون ۽ خوشبودار شيون هٿي وڪامنديون

هيون. مهين جي دڙي مان نڪتل شيون ڪلديہ ۽ سنڌ جي آڳاٽن لاڳاپن تي روشني وجهن ٿيون. بابلي تهذيب جنهن جو اڳ ۾ بہ ذڪر ڪري چڪا آهيون تہ دنيا جي قديم تهذيبن ۾ شمار ٿئي ٿي. بابلي تهذيب سان سنڌو ماٿري جو ڳانڍاپو ايترو ئي قديم آهي، جيترو سنڌ تهذيب جو ممڪن دور ڪٿيو ويو آهي. بابل شهر فرات تي هو، جنهن جو بنياد نمرود وڌو هو، جيڪو سڄي ايشيا ۾ برک هو ۽ اشور وارن جو تخت گاهہ وري نينوا دجلہ تي هو، جنهن جو بنياد نينوس 282 ق.م ۾ وڌو هو. بابل ۽ نينوا وارا باقاعده جهازن وسيلي سنڌ سان واپار ڪندا هئا. هنگلاج جي ديوي جي بت جي ايلم ۽ بابل وارا پوڄا ڪندا هئا. هونئن بہ مغربي مهذب دنيا خاص طور ميسو پوٽيما ۽ سنڌوءَ جو ڳانڍاپو اٽڪل 3200 ق.م 1770 ق.م تائين قائم رهيو ۽ اهڙي ريت وقت بہ وقت جڙندا ۽ معطل ٿيندا رهيا.

دنيا جي پهرين جهاز ران قوم فنيقيا (3000ق.م کان 2000ق.م) جنهن کي يونانين "فونيشن" ۽ عبرانين "ڪنعاني" ڪوٺيو سا قرآن شريف ۾ "عاد ۽ ارم" جي نالي سان مشهور آهي. انهن بحرين کان نڪري شام جي ڪناري کي وسايو. سندن بہ بندر سيدا (سيڊان) ۽ صور (تائري) مشرقي دنيا ۾ واپاري مرڪز هئا. يونانين بہ هنن کان ڄاڻ حاصل ڪئي. هنن جون مشرق ۽ مغرب ۾ تجارتي ڪوٺيون قائم هيون. فنيقيہ قوم جي انهي زماني ۾ مشرقي ۽ مغربي دنيا ڏانهن آمدرفت تمام گهٽي هئي. سندن واپار تي جهڙوڪر تسلط قائم هو ۽ سموري مهذب دنيا سان سندن لاڳاپا هئا، جنهن جي تصديق تاريخ ڪري ٿي.مشرق توڙي مغرب جي ملڪن جي بندرن تي ۽ پيٽن تائين سندن واپاري جهاز مال برداري ۾ مصروف هئا. سندن جهاز سئو فوٽ ڊگها چوويهہ کان



books.sindhsalamat.com

ٽيٽيهہ فوٽ ويڪرا ۽ منجهن چار سئو ٽن وزن کڻڻ جي گنجائش هوندي هئي. سندن واپار اتر الهندي هندستان (سنڌ) تائين چالو هو.

ويدن واري زماني ۾ سنڌو ماٿري دنيا جي مهذب ۽ سڌريل ملڪن مان هڪ هئي. ڀيرومل مهر چند آڏواڻي چواڻي تہ پروفيسر ولسن رگ ويد جو ترجمو ڪري ثابت ڪيو آهي تہ سنڌ جا قديم باشندا سمنڊ سوجهڻ جا ماهر ۽ جهازن ٺاهڻ جا قابل ماڻهو هئا. سمنڊ وسيلي واپار جا وڏا ڄاڻو ۽ ڏاها هئا. سندن واپار بنگال، چين، سيلون، مصر، ايراني نار ۽ اولهہ ايشيا سان هلندو هو. قديم سنڌ جا اوائلي ايران سان گهاٽا تعلقات هئا، سندن ڏينهن ۾ سنڌ ايران جو اهم پرڳڻو هئي. اوائلي ايران جي حڪمران دارا اعظم کي سنڌ پرڳڻي مان ساليانو آمدني لکين روپيہ ٿيندي هئي. سندس ڀيڙو يوناني ناکئي سائڪلاس جي اڳواڻي ۾ اٽڪ کان سنڌوندي جي چوڙ تائين جهاز راني ڪئي هئي. سنڌ درياهہ جي جهڙي اڄ رحم لائق حالت ۾ آهي، آڳاٽي وقت ۾ اُن جي اهڙي حالت نہ هئي. اڄ ڪلهہ سنڌو درياهہ کي بندن جي قيد ڪڙول ۾ قابو ڪري، سوڙهو ۽ محدود ڪيو ويو آهي ۽ مٿس ڊيم اڏي سندس پاڻي هڙپ ڪري ان جي موج مستين کي ڄڻ هڏ ٽريون هنيون ويون آهن. هاڻ ان جي پيٽ مان واري اڏامي وقت جي ستم ظريفي تي ماتم ڪري رهي آهي. شايد شاهہ لطيف جي پاراتي "واهڙ وهين م چال، سُڪي ٻيلاٽيون ٿين" جي لپيٽ ۾ اچي پنهنجي اڳين آزاد ۽ مست وهڪ وڃائي ويٺو آهي. سندس وهڪ ۽ رخ هاڻ هڪڙو ۽ مستقل بڻجي ويو آهي، مگر آڳاٽي زماني ۾ سنڌو اجهاڳ بڻجي، سنڌو ماٿري جي ميدانن تي لٽيندو وقت بہ وقت وهڪرا بدلائيندو ۽ چال ڏيندو وڃي



www.sindhsalamat.com

سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو جنهن ڪري قديم زماني کان سنڌو کي درياهه بادشاهه جو خطاب به مليو. قديم زماني ۾ سنڌو جي جي چوڙ واري علائقي ۾ ساموندي ڪناري پنيور اهم بندر گاهه هو. سنڌو ماٿريءَ جي تهذيبي دور ۾ سنڌو وسيلي جهاز راني هلندي هئي. مهين جو شهر سنڌو ڪناري هو جنهن جو سنڌو وسيلي ساموندي ڪناري سان سڌو ۽ آساني وارو رابطو قائم هو. قطع نظر انهي جي ته پنيور يا ديبل به الڳ بندر هئا؟ هت اهو ضرور چوڻو آهي ته پنيور سنڌو ماٿري لاءِ اهم بندر هو جيڪو سنڌ درياهه جي چوڙ وٽ سنڌوءَ ڪناري اهم واپاري مرڪز هو جنهن جا اٽڪل 2 عيسوي صدي تائين مشرقي ۽ مغربي دنيا سان وسيع پئماني تي واپاري ۽ آمدورفت جا لاڳاپا هئا. پنيور ذريعي سنڌ سڄي دنيا سان ڳنڍيل هئي.

جناب مولائي شيدائي لکي ٿو ته سنڌو ماٿري جي ذڪر ۾ سمنڊ کان سنڌو جي ڪناري ڊيلٽا واري شاخن تي ديبل (پنيور؟) جو مشهور قلعو هو. اڳتي هلي لکي ٿو ته قديم زماني ۾ پنيور سنڌ جو قديم بندرگاهه هو جتان سنڌو ندي جي جهازن جو سامان ساموندي غورابن ۾ چڙهندو هو. پنيور ڪانسواءِ سنڌو ماٿري کي آمدورفت ۽ واپار جي لحاظ کان سمنڊ سان ملائڻ يا ڳنڍڻ لاءِ سنڌو درياهه جي قديم شاخ هاڪڙو جي ڪنڌي سان ڊيلٽا واري علائقي جي قريب “امر ڪوٽ” ۽ پارينگر به مکيه بندر هئا. هاڪڙو سنڌو درياهه جي شاهي ۽ اهم چاڙ هئي، جنهن جون چتانگ، سرسوتي، گهاگهر، ستلج ۽ ٻيون نديون پرتي ڪندڙ هيون. هاڪڙو درياهه کان ساعدي (سنڌ) وٽان ريٽي شاخ به نڪرندي هئي، ٻئي شاخون جهاز راني جي لائق هيون. وڏا ٻيڙا سمنڊ کان وٺي اروڙ اُچ ۽ ملتان تائين ويندا هئا. روارتي هاڪڙو


books.sindhsalamat.com

درياهه تي پتڻ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته بکر ۽ کپري کان علاوه ٿر ۽ پارڪر ۾ نوَ پتڻ هئا ۽ گمان ظاهر ڪري ٿو ته هاڪڙي جو ٿورو گهڻو وهڪرو نادرشاهه ۽ دهلي جي حڪمران محمد شاهه جي وچ ۾ 1739ع ۾ ٺاهه واري زماني تائين سڪي نه ويو هو ليڪن مولائي شيدائي جو خيال آهي ته هاڪڙو يونانين ۽ اوائلي ايرانين جي ڪاهه کان اڳي مٽجي ويو هو چاڪاڻ ته جيڪڏهن سنڌو جي هاٽوڪي بکر-سيوهڻ-پٽالا(نيرون ڪوٽ) واري وهڪ نه هجي ها ته سڪندر مقدوني يا ان کان اڳ داراعظم جا جهاز سيوهڻ ۽ پٽالا بجاءِ الور کان پارينگر وڃن ها. بهرحال انهن بيانن منجهان معلوم ٿئي ٿو ته قديم زماني ۾ هاڪڙو سنڌو ماٿري جو سمنڊ وسيلي واپار جو اهم ذريعو هو ۽ سنڌوندي جي وهڪري جي ڪنڌي تي ساموندي چوڙ وٽ پنيور سمنڊ وسيلي واپار جو مکيه مرڪز هو جنهن جو واپار دنيا جي ملڪن سان هلندڙ هو.سنڌ جو قديم بندر پنيور پٽالا کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي هو. هت سنڌو ندي جي ٻيڙين جو مال ساموندي غورابن ۾ پربو هو ۽ واپارين کي مال تي محصول پرٽو پوندو هو. هتان چين جو ريشم، سنڌ جون سوٽي ململون، نير ۽ خوشبوءِ دار مصالا مصر ۽ مغربي دنيا ڏانهن ويندا هئا. عيسوي 2 صدي تائين پارينگر وانگر پنيور جو اوج هو.

قديم زماني ۾ سنڌ ايراني نار ۽ عربي سمنڊ وسيلي يمن کان مغربي تهذيبن سان لاڳاپن ۾ رهي. انهن ٻنهي ساموندي رستن سان سنڌو ماٿري ممڪن تهذيبي دور وارن ڏينهن کان مغربي ملڪن جو مرڪز رهي ۽ ان جي آمدرفت ۽ واپار هلندڙ هو. ڪلديه، سمير ، بابل، اشور، فنيقيا ۽ ٻين سڌريل مغربي تهذيبن سان سمنڊ ذريعي رابطي ۾ هئي. سنڌو ماٿري جا قديم


www.sindhsalamat.com

بندر مذڪوره مغربي تهذيبن جي بندرن سان اچ وڃ ۾ تجارت ۾ مصروف هئا. اهي رستا آرين ۽ اوائلي ايرانين تائين چالو هئا.

سڪندراعظم پهريون يوناني فاتح هو. جنهن مغرب وارن لاءِ مشرق جي ملڪن سان واپار جو در کوليو. سڪندر اعظم اٽڪل 327ق.م ڌاري ڪابل ۽ سوات رستي پنجاب ۽ پوءِ سنڌو وسيلي پٽالا پهتو هو ۽ ميناڳر فتح ڪري ڪجهه لشڪر ٻيڙي وسيلي سنڌو جي ڊيلٽا وارن بندرن پٽالا ۽ ٻنڀور کان مڪران ڪناري موڪليائين. سڪندر مقدوني سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ شام ۽ مصر فتح ڪري شام ڪناري سڪندرونه ۽ مصر ڪناري سڪندريه بندر تعمير ڪرايا. جن سيڊان ۽ صور کانپوءِ گهڻي ترقي ڪئي. سنڌ يوناني سلطنت جو حصو بڻجڻ ڪري مغربي دنيا جي واپار جو اهم مرڪز بڻجي وئي. سنڌو ماٿري جا سڪندريه ۽ سڪندرونه بندرن سان ٻنڀور ذرعي جهڙوڪر سڌا لاڳاپا قائم ٿي ويا هئا. سڪندر مقدوني جي وفات کانپوءِ سنڌو ماٿري سندس جرنيل سيليوڪس جي حوالي ٿي وئي. سيليوڪس جي ايامڪاري ۾ به سنڌ جي واپار گهڻي ترقي ڪئي. روم تائين لکين روپين جو مال بحيره قلزم جي بندرگاهه برنائيس تائين پهچندو هو.

يونانين کانپوءِ موريا گهراڻي، باخترين، سياٿين، پارٿين، ڪُشن ۽ ساسانين جي ڏينهن ۾ سنڌو ماٿري جو سمنڊ رستي واپار انهن ئي ممڪن سامونڊي رستن ذريعي جاري هجڻ جو گمان ظاهر ڪري سگهجي ٿو جن جو ذڪر سنڌ جي ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري جي مصنف نقشي نمبر 13 ۾ 200 ق.م کان 200ع دوران ظاهر ڪيو آهي. انهي نقشي کي نظر مان ڪيڻ کانپوءِ معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جا سمنڊ ذريعي سڄي دنيا



سان وسيع تر لاڳاپا قائم هئا. سنڌ جو قديم بندرگاهه ٻنڀور (باربيريڪن) ڏور مشرق ۽ مغرب سان سمنڊ وسيلي ڳنڍيل هو جتي سنڌ جو قيمتي مال ٻيڙن ۽ غورابن ۾ چڙهندو هو ۽ سنڌو ماٿري جي طلب واريون شيون لنگر انداز ٿيندڙ جهازن مان لهنديون هيون. اهي ٻيڙا ۽ غوراب مغرب طرف يا ته ايراني نار جي ساحلي بندرن کان ٿيندا، ايراني نار جي منهن وٽ لنگرانداز ٿيندا هئا. جتان پوءِ سامان ايران، عراق، شام، مصر، ترڪي ۽ ٻين ملڪن تائين پهچندو هو. يا وري جهاز ٻنڀور کان عربي سمنڊ منجهان يمن ويندا هئا ۽ پوءِ يمن وٽان ڳاڙهي سمنڊ جو ڪنارو ڏئي سوئز ڪئنال ۽ پونءَ وچ سمنڊ جي ساحلي بندرن کان ٿيندا مغرب ڏور تائين ويندا هئا. پوئين شاهي رستي سان سنڌو ماٿري جو بندرگاهه ٻنڀور، مصر ۽ شام، عربستان، يمن، عراق، ترڪي، هسپانيه، مراڪش، روم، يونان ۽ ٻين يورپي ملڪن سان انتهائي گهاٽن واپاري ناتن وسيلي ڳنڍيل هو. انهيءَ دور ۾ غوراب ٻنڀور کان ايراني نار جي منهن وٽ بندر محمره تائين اچ وڃ ۾ تجارت ۾ مصروف هئا. يا وري عربي سمنڊ جي لهرن سان لڏندي غوراب ۽ ٻيڙا يمن ۾ عدن ويندا هئا. جتان پوءِ ڳاڙهو سمنڊ جهاڳي، ان جي ساحلي بندرگاهن کان ٿيندا سڪندريه، غزا، پطرس، دمشق، سيڊان، ٽائر ۽ ٻين بندرگاهن تي لنگر هٽندا هئا ۽ پونءَ وچ سمنڊ جا ساحلي بندر، روم، گيڊز لتاڙي هسپانيه ۽ مراڪش کان مغرب ڏور جي ملڪن ڏانهن سامان کڻي ويندا هئا. عربي سمنڊ ڳاڙهي سمنڊ، سوئز ڪئنال ۽ پونءَ وچ سمنڊ رستي سنڌ جو واپار ايشيا جي ملڪن، عربستان، مصر، شام، ترڪي کان علاوه آفريڪا ۽ يورپ کنڊ جي ملڪن روم، يونان، هسپانيه وغيره تائين هلندڙ هو. مغربي ملڪن جا واپاري جهاز ٻنڀور وٽ لنگرانداز ٿي سامان

لاهيندا ۽ ضروري مال کڻندا هئا. مشرقي ملڪن طرف پنڀور کان مال بردار جهاز عربي سمنڊ جي ساحلي بندرن، پڙوچ، سپارا، ڪليانہ ۽ ٻين ساحلي بندرن تائين مسافري ڪندا هئا، جتان پوءِ هندستان جي سامونڊي ڪنارن کان ٿيندا هندستان جي اپرندن پيٽن ۽ بنگال اُپ سمنڊ کي اورانگهي چين تائين سفر ڪندا هئا. سنڌو جو واپار هندستان جي علائقن گجرات، ڪاٺياواڙ ڪنيات، بنگال، سيلون ۽ چين سان هلندڙ هو. مٿيون بحث سنڌ جي ڪراناالاجيڪل ڊڪشنري ۾ درج نقشي جي مطالعي جي روشني ۾ ڪيو ويو آهي. تڏهوڪن سامونڊي رستن جي اشارن ۽ اهڃاڻن جي پيش نظر مذڪوره ڪن ملڪن جا موجوده نالا محض انهن ملڪن جي نقشي ۾ موجود جاگرافيائي ۽ طبعي بيهڪ کي نظر ۾ رکي درج ڪيا ويا آهن.

پنڀور جو اوج زوال پذير ٿيو تہ واپار جي لحاظ کان ديبل جي اهميت عروج کي پهتي. سنڌ جي قديم تر بندرگاهن پنڀور ۽ ديبل بابت متضاد تاريخي ۽ تحقيقي ڳالهين جي بحث ۾ الجهڻ کانسواءِ چئي سگهجي ٿو تہ جڏهن پنڀور جو اوج پريو نالو ميسارجڻ، تبديل ٿيڻ يا وسرڻ لڳو تہ ديبل سمنڊ ويجهو سنڌو جي ڊيلٽا واري پاڳي ۾ سنڌو ڪناري نروار ٿي واپار ۾ تمام وڏي ترقي ڪئي. انهي موضوع جي حوالي سان پراڻو ۽ ولوڙيل بحث تہ پنڀور ۽ ديبل ہہ الڳ محل وقوع يا ساڳي محل وقوع تي مختلف دورن ۾ مختلف نالن وارو هڪ بندرگاهہ هو يا نہ، کان پاسو ڪندي محض اهو چوڻ مناسب ٿيندو تہ ديبل نالي بندر جو ذڪر، عرب مورخن سياحن، محققن کانسواءِ ٻين پرڏيهي جاگرافيدانن ۽ مورخن پڻ پنهنجي بيانن ۾ تمام گهڻو ڪيو آهي.



سنڌ جو قديم بندرگاهہ ديبل دنيا ۾ مسافري ۽ واپار جي حوالي سان مشهور هو. راءِ ۽ برهمڻ گهراڻي کانپوءِ ديبل عربن جي ڏينهن ۾ بہ اهم واپاري مرڪز هو. عربن جي ڏينهن تائين ديبل جي دنيا ۾ ناماچاري هئي. عرب واپاري هزارن سالن کان بحيره قلزم، يمن، عمان جي بندرن کان مڪران ۽ سنڌ جا بندر اورانگهي ڪنيات، سرانديپ ڪنارن کان بنگال اپ سمنڊ ٽپي هندستان جي مشرقي پيٽن کان ٿيندا چين تائين واپار ۽ مسافري ڪندا هئا. يمن جي بندرگاهن تان قريش واپاري سنڌ جون مصنوعات خريد ڪري شام ۽ مصر تائين نيڪال ڪندا هئا ۽ نيندا هئا. عرب سوداگر سنڌ کانسواءِ مالديپ ۽ جاوا جي پيٽن تائين واپار ڪندا هئا. بصري جا جهاز سنڌ جي ساحلي بندرن کان گذرندي چين تائين مسافري ڪندا هئا. تن ڏينهن ۾ سنڌو ماٿري جا رهواسي هنر ۽ صنعت ۾ پڙ هئا. سنڌ مان عاج پرڏيهہ ويندو هو. مالهائون ۽ خوبصورت هار جڙندا هئا. سنڌو ماٿري جي الهندي ۾ ايراني نار عمان، يمن ۽ حبش جا ڪنارا هئا ۽ اپرندي ۾ گجرات، ڪوڪن، ملبار ۽ هندستان جي ڏکڻ الهندي وارا پيٽ هئا، جنهن ڪري سنڌ واپار ۾ گهڻي ترقي ڪئي.

عرب دور ۾ سمنڊ وسيلي واپار ۽ آمدو رفت ۾ ديبل بندر جي وڏي اهميت هئي. بصره دنيا جي واپار جو مرڪز بڻيو تہ ديبل بصري جي کجور جي منڊي بڻجي ويو. سنڌ جي پيداوار ۾ کجور کان علاوه چانور، ڪمند، انب، ليمن، ڪيلن، ماکي ۽ ٻين شين جو ذڪر ملي ٿو. سنڌ جو عنبر قاهره جي مارڪيٽن ۾ پنجوڻ قيمت تي وڪامڻ لڳو. تن ڏينهن ۾ سنڌ جا شهر ديبل، نيرون ڪوٽ، سيوستان، قصدار (خضدار) قنزبيون، منصوره ۽ ملتان تجارت جو مرڪز هئا. ديبل بندر وسيلي وڏي درآمد ۽

بر آمد ٿيندي هئي. يمن، سڪندريہ ۽ دمشق جا رنگين ۽ باريڪ ڪپڙا بغداد جا شمعدان ۽ قنديلون، مصر جو شراب، چين جاپان جو قيمتي سامان سنڌ جي شهرن ۾ وڪامندو هو. سنڌ جو نير، عطر، مصالا، عاج ۽ ڪپهہ وغيره پرڏيهہ موڪليا ويندا هئا. وڻج ۽ واپار جي واسطن ۽ لاڳاپن سبب سنڌ جي صنعت ۽ حرفت ۾ پڻ اضافو ٿيو. سنڌ ۾ ڇُن سان چمڙو ڪمايو ويندو هو مگر پوءِ عربن کان کجور سان چمڙي جي رڱاوت جو هنر سکيائون. ڪپڙي جي صنعت ڪانپوءِ سنڌ ۾ هنر مندن کي چمڙي جي هنر ۾ مهارت حاصل هئي. سنڌ جون رنگين ۽ خوبصورت نهيل جُوتيون صرف امير خريد ڪري سگهندا هئا. سنڌ جو رنگين ۽ نرم چمڙو دنيا ۾ السنديہ جي نالي سان مارڪيٽن ۾ وڪامندو هو. عرب دور ۾ سنڌ جا تمام وسيع تجارتي ڳانڍاپا ۽ لاڳاپا دنيا سان جڙيل هئا. انهن جو گهڻو تڻو انحصار سامونڊي رستي تي هو. ديبل سنڌ جو مکيہ بندر هو. جيڪو سمنڊ وسيلي الهندن ۽ اڀرندن ملڪن سان مليل هو. عرب دور ۾ بہ ممڪن سامونڊي رستا بہ هئا، جن سان سمنڊ وسيلي واپار ۽ اچ وڃ جاري هئي. مغربي ملڪن ڏانهن ويندڙ انهن ٻن رستن ۾ هڪ ديبل کان ايراني نار جي منهن وارن بندرن ڏانهن ٿي ويو. سنڌ جي بندرگاهہ ديبل کان ننڍا وڏا مالبردار ٻيڙا ۽ غوراب مڪران جي بندر تيز کان حيره، سيراف، بندرعباس کان ٿيندا بصري تائين ويندا هئا. ٻيو سامونڊي رستو عربي سمنڊ وسيلي يمن ۽ عدن جي بندرن کان ويندو هو ۽ ڳاڙهي سمنڊ ۽ سوئز ڪئنال کان ٿيندو، يورپَ وچ سمنڊ جي ساحلي بندرن تائين ويندو هو. هن رستي بابت تفصيل سان اڳ بحث ڪري آيا آهيون. صرف ديبل ۽ مغربي ملڪن جي ٻين چند بندرگاهن جي نالن جي ڦير گهير جي هيءُ رستو قديم زماني کان سمنڊ رستي



books.sindhsalamat.com

واپار لاءِ  شاهہ راهہ رهيو آهي. عربن جي ڏينهن ۾ واپار بابت تاريخ ۾ ان حقيقت جا دليل موجود آهن تہ ايشيا ۾ خراسان، سيستان، زابلستان، ملبار، سيلون ۽ چين سان سنڌ جو تمام گهڻو واپار هلندو هو. اڀرندي طرف سنڌ جي بندرگاهہ ديبل کان واپاري جهاز هندستان جي ساحلي بندرن کان ٿيندا چين تائين ويندا هئا. خليفي عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ ڪوفي، يمن ۽ سڪندريہ جي باريڪ ۽ رنگين چاندرَن پائڻ جو سنڌ ۾ رواج پيو تہ سنڌ جي ڪپڙي واري صنعت تمام گهڻي ترقي ڪئي.

سنڌ جي زرخيزي ۽ خوشحالي سنڌ لاءِ عذاب بڻجي آندا.

واپاري ڪارج جي سلسلي ۾ آيل قومن جي اول واپاري شين تي دل هرکي تہ  سنڌ جي قيمتي سامان جي تجارت ڪيائون ۽ پرڏيهہ ۾ ان جي عيوض ججهو نفعو ڪمايائون ۽ جڏهن انهي نفعي مان بہ نہ ڍاپيون تہ انهي جنت کي پنهنجي قبضي هيٺ آڻڻ جي لالچ ۾ گهيرجي سنڌ جي آزادي تي سنگهر سٿڻ جون انيڪ سازشون سٽي مقامي ماڻهن ۽ واپارين کي ڪمزور ڪري سنڌو ماٿري تي قبضو بہ قائم ڪيائون پر تاريخ شاهد آهي تہ سنڌ جي ڪابہ قوم مستقل غالب رهي نہ سگهي. ان جا سبب ڪهڙا بہ هجن ۽ ان جا محرڪ ڇا بہ هجن پر ڌارين جي تسلط کي سنڌو ماٿري تي جٽاءُ ڪڏهن بہ ملي نہ سگهيو. جيڪڏهن مليو بہ سهي تہ انهي صورت ۾ جو انهن کي هن سرزمين جو ٿيڻو ۽ هتان جي ماڻهن ۾ ضم ٿيڻو پيو. عرب اقتدار جو سج پڇاڙڪن پساهن کي پڳو تہ سنڌ جي مقامي سومرا سردارن پنهنجي سگهہ سهيڙي حڪمراني جا مينار کڙا ڪيا. سومرن کي عرب نسل جو سمجهڻ يا نہ سمجهڻ بہ هت بحث فضول ٿيندو پر  صرف پنهنجي ذاتي راءِ ڏيندي بہ اکر چوندس تہ سمورا سردارن جي دور بابت مستند تاريخي مواد نہ ملڻ



www.sindhsalamat.com

سبب ٿي اهي مونجهارا سامهون آيا ته سومرا سنڌ جي سرزمين جي پيداوار هئا. انهن عرب نسل جو سڏايو يا انهن کي عرب نسل سان ڳنڍيو ويو. سومرن کي عرب نسل سان ڳنڍڻ پٺيان اصل ڳالهه هيءُ ڪارفرما آهي ته ڌارين قومن سنڌ تي حڪمراني ڪرڻ وقت پاڻ کي اعليٰ ۽ خدائي مخلوق سمجهي حڪومت ڪئي ۽ مقامي قبيلن کي ڪمتر ڪوٺي، انهن کي احساس ڪمتري جي ڏٻڻ ۾ ڌڪي ڇڏيو ۽ وٽن لاشعور جي حد تائين تاثر قائم ڪيو ته حڪمراني جو حق صرف انهن ماڻهن يا قومن کي آهي جن جو تعلق خاص طور عربستان ۽ ايران سان آهي. اُهي ئي سنڌي عوام تي حڪمراني ڪرڻ جي لائق آهن. انهي لاڙي سنڌ تي عرب تسلط کان پوءِ زور ورتو. عوام ته اڳ ئي ابوجهه ۽ مظلوم رهيو پر جڏهن مقامي ڪنهن سرڪش سردار يا ڪن سرڪش قبيلن جي مذهبي رهنماءُ يا اڳواڻ حڪمراني جي واڳ سنڀالي ته انهي کي به پنهنجو شجرو عرب نسل جي قبيلن سان ڳنڍڻو پيو. سنڌ جي ٻين مقامي قبيلن پڻ پنهنجو حسب نسب عربستان ۽ ايران جي قبيلن سان ملائڻ شروع ڪيو.انهيءَ سلسلي ۾ ڪن ر وايت پسند مورخن اصليت کي بگاڙي پيش ڪيو ته پوءِ غلطين مٿان غلطيون به ٿيون ۽ مونجهارا به پيدا ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ڪلهوڙن کي به عباسي گهراڻي سان نسلي طور پنهنجو شجرو ملائڻو پيو. بهرحال سومرن جي دور ۾ به سنڌ جي واپار گهڻي آسودگي ماڻي ۽ سنڌ پرڏيهه سان قريب رهي. سومرن جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ سنڌ جي واپاري جي سڏ پوي ٿي. ابن بطوط مراڪش سياح (1323ع) لکي ٿو ته مان سنڌو وسيلي لاهري بندر پهتس، جيڪو هند جي ساموندي ڪناري تي واقع آهي. پرسان سنڌو سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي، هتي هڪ وڏو بندر آهي،



جتي فارس، يمن ۽ ٻين ملڪن جا ٻيڙا اچي بيهندا آهن. راورٽي پُرمغز بحث ۽ دليلن سان لاهري کي ديبل ڪوٺي ٿو ۽ ديبل کي اورنگزيب عالمگير جي ڏينهن تائين موجود سمجهي ٿو. ڊاڪٽر ممتاز علي وري لکي ٿو ته ديبل جو ذڪر آخري بار 1221ع ۾ ملي ٿو ۽ پور چوگيزن لاهري جو نالو ديول سنڌ يا صرف ديول ڏنو. حقيقت ۾ ديبل بندر جي تباهه ٿيڻ ڪانپوءِ به ان جو نالو زبان تي رهيو جنهن ڪري لاهري کي ديبل ڪوٺيو ويو. پوچوگيزن وري لاهري کي سنڌو سان منصوب ڪيو. انهن بيانن تي مباحثي ڪانسواءِ چئي سگهجي ٿو ته سومرن جي ڏهاڙن ۾ سنڌ جو واپار ڏيساور سان هلندڙ هو. سنڌ جو واپار سمنڊ وسيلي هرمز، قيس، بحرين، عدن (الهندي طرف) گجرات ملبار ۽ چين سان هلندو هو. انهن ملڪن جي دولت لاهري (ديبل؟) ڏانهن ايندي هئي. سنڌ ۾ عربن ۽ چينين جو جهازن وسيلي واپار جاري هو. سنڌ جو ڪپڙو هندستان جي بندرن تي نيڪال ٿيندو هو. پرڏيهه مان ريشمي ڪپڙو خوشبودار شيون ۽ موتي سنڌ ايندا هئا. تراريون، خوشبودار شيون، ڪپڙو ۽ گهوڙن جون زينون سنڌ کان ٻاهر ويندڙيون هيون. هرمز قيس توڙي بحرين ۽ عدن کان هر سال ڏهه هزار گهوڙا هند ۽ سنڌ ۾ وڪامندا هئا. مورخن محققن ۽ تاريخدانن جي بيانن منجهان پتو پوي ٿو ته سنڌ جو واپار سمنڊ وسيلي ساڳن ساموندي رستن سان هلندڙ هو. سومرن جي ايامڪاري جي آخري ڏينهن ۾ ديبل جي عروج جو سج به لهڻ شروع ٿيو هو ۽ ان جي جاءِ لاهري بندر والارڻ شروع ڪئي هئي. سومرن جي آخري ڏينهن ۾ سنڌ خلجي حڪمرانن جي ماتحت پڻ رهي. سنڌ جو واپار عدن ۽ آفريڪا تائين هلندڙ هو. عربستان ۽ ايران جا سوداگر تيز ،ڪنيات ۽ ڀڙوچ جي بندرن تائين گهوڙن

جو واپار ڪري اتان نير، ڪپهه ۽ چمڙو خريد ڪندا هئا. سنڌونديءَ تي جهازراني چالو هئي. تن ڏينهن ۾ سنڌ جي بندرن تيز ۽ لاهري واپار ۾ ترقي ڪئي. ابن بطوطه سنڌو وسيلي ڪشمور کان لاهري پهتو هو. جنهن موجب باغن جي گلن جي وڪري، مڇي مارڻ، نيرولين تي ڪپڙي رڱڻ ۽ دڪاندارن کي واپار ڪرڻ ۽ واپاري شين ۾ نشيدار شين جي وڪري جي ڏيل ڏيٽي پوي پئي. چين، عراق ۽ سڪندريه جي ڪپڙي جو سنڌ ۾ ڪاپو هو ۽ وڪرو ٿيندو هو.

سمن سلطانن جو دؤر سنڌ جي تجارت ۽ آمدورفت جي لحاظ کان ڪافي بهتر دور ليکيو ويو آهي. سمن سوچ سمجهه ۽ ڏاهپ سان حڪمراني ڪئي. سمن زراعت صنعت ۽ تجارت جي همت افزائي ڪري سنڌ کي ڪافي ترقي ڏياري. سمن جو دور هن ڏس ۾ سونهري دور ليکيو وڃي ٿو. سمن جي دور ۾ لهري بندر تمام وڏي ترقي ڪئي ۽ واپاري لحاظ کان اوج کي پهتو. سمن جو دور امن، آشتي ۽ پرسڪون دور ڄاڻايو ويو آهي، جنهن ڪري واپار ۽ صنعت عروج تي پهتو. مئڪنرڊو جي حوالي سان ايس پي چبلاڻي لکي ٿو ته سنڌ جو واپار ڪماليت تي هو. خشڪي کان علاوه سمنڊ رستي واپار لاهري ۽ ٺٽي سان مشرقي ۽ مغربي ملڪن پاران واپار چالو هو. مغل ترخان دؤر ۾ هرمز ٻيٽ ۽ گجرات جا بندر ڊيو ۽ دمن پورچوگيزن جي قبضي هيٺ اچي ويا هئا، جن جو ايجنٽ ٺٽي ۾ رهندو هو. پورچوگيز پهرين سفيد فام دريائي ڌاڙيل قوم هئي، جيڪا پندرهين صدي جي آخر ۾ هندستان آئي، جنهن سمنڊ رستي هندستان جو گس ڳولي لڌو. پورچو گيزن هٿ واپاري ۽ سياسي تعلقن جي مدد سان پنهنجو اثر رسوخ وڌايو. انهن گوا (GOA) کي پنهنجي مشرقي مقبوضات



جو مرڪز بڻايو ۽ ڊيو دمن، سال سيٽ، بي سين، چول، بمبئي اوهگلي ۾ پنهنجون نوآباديون قائم ڪيون ۽ برصغير ۾ پنهنجي اثر کي پڪيڙيو. سندن ٻه اهم مقصد هئا. واپاري هڪ هٽي قائم ڪرڻ ۽ ماڻهن کي مذهبي طور عيسائي بڻائڻ سندن ترجيحات ۾ شامل هو. هنن ماڻهن کي زوري عيسائي بڻائڻ جون پڻ ڪوششون ڪيون. پورچوگيزن سنت سمنڊ وسيلي تسلط قائم ڪري ورتو. سنڌ ۾ پورچوگيزن اٽڪل 1555ع ۾ مرزا عيسي ترخان جي آچ تي واپاري ڪوٺي قائم ڪئي. مولائي شيدائي موجب 1553ع ۾ سلطان سليمان اعظم مرزا شاهه بيگ ارغون ڏانهن سامونڊي معاهدي لاءِ سيد علي کي سفير ڪري .جهازن جي دستي سان بصري کان سنڌ روانو ڪيو. جيڪو گجرات سنڌ، پنجاب ۽ ڪابل کان ٿيندو واپس استمبول (ترڪي) پهتو هو. تڏهن پورچوگيزن جون سنڌ ۽ هند ۾ واپاري ڪوٺيون قائم هيون. سندن ٺٽي ۾ واپاري ڪوٺين جو ذڪر ملي ٿو. پورچوگيزن هرمز بندر گاهه تي قبضي سبب ايراني نار ۽ سنڌ جي سڄي علائقي (ساموڊي ڪنارا) تي پنهنجو تسلط قائم ڪيو هو. تن ڏينهن ۾ سنڌ وٽ پنهنجا جهاز نه هئا، تنهن ڪري پورچوگيزن جي جهازن ۾ ئي سنڌ جو مال روانو ٿيندو هو.

مغل دور ۾ به سنڌ جي واپار تمام گهٽي ڪئي پر سنڌ جي آسودگي ۽ واپار جي آمدني مغل حڪمرانن جي شاهي خرچن جي حوالي هئي. سندن منصبدارن محصول جي اُڳاڙي تي گهٽو ۽ صنعت جي ترقي ڏانهن گهٽ ڌيان ڏنو. سنڌي هنرمندن ۽ ڪاريگرن پنهنجي هڙان وڙان معاشي گذران لاءِ هنر ۽ فن جي ترقي ۽ شين جي گهٽي نيڪال لاءِ معيار ڏانهن توجهه ڏنو. ملڪ ۾ موجود واپاري منڊين ۽ پرڏيهي طلب سبب شين جي ججهي

نيڪال جو وجهه موجود هو جنهن ڪري سنڌي هنرمندن کي پنهنجي محنت ۽ ذهانت مڃائڻ ۽ وڌ ۾ وڌ مال تيار ڪرڻ جو موقعو مليو. جيڪو سنڌ جي واپار جي وڏي هٿي بڻيو ۽ سنڌ جي واپار وڏي ترقي ڪئي. پورچوگيزن کي مغلن جو آشيرواد حاصل هو. انهي ڪري سندن مڪمل طرح واپار تي قبضو هو. پورچوگيز واپاري ڪوٺين ۽ نمائندن سبب سنڌ جو واپار ايرندن ۽ الهندن ملڪن سان هنن معرفت وسيع پئماني تي پکڙيل هو. مغل دور ۾ اٽڪل 1600ع يا 1602ع ڌاري انگريزن ايسٽ انڊيا ڪمپني جي حوالي سان هندستان سان پنهنجا واپاري لاڳاپا قائم ڪيا. انگريزن جا برصغير ۾ واپاري مقصدن پنيان سندن سياسي مقصد لڪل هئا، جن کي انهن پنهنجين ڪامياب حڪمت عملين ۽ چالبازين وسيلي عملي جامو پهرايو ۽ برصغير تي سندن راڄ جو سج اٽڪل سئو سال چمڪندو رهيو. انگريزن جي اچڻ کان اڳ هت پورچوگيزن جو تسلط قائم هو. انهن ڪنهن به قيمت تي نه ٿي چاهيو ته ڪا ٻي قوم هند ۽ سنڌ جي واپار تي نفعو ڪمائي يا پنهنجا پير کوڙي. جڏهن انگريز واپارين واپاري ڪوٺي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته پورچوگيزن مزاحمتي احتجاج ڪيو هو. اٽڪل 1613ع ۾ انگريز رابرٽ شيرلي جڏهن سنڌ آيو هو ته صورتحال جو جائزو وٺي حڪومت کان واپاري ڪوٺي قائم ڪرڻ جي اجازت گُهري ته منصبدار پورچوگيزن پاران کين هڪ لک ساليانو محصول ملڻ جي ڳالهه ڪندي چيو ته جيڪڏهن انگريز اُن کان وڌيڪ ڏين ته اجازت ملي سگهي ٿي(83) پورچوگيز ڪنهن به قيمت تي انهي حق ۾ نه هئا ته انگريز يا ٻي ڪا يورپي قوم هندستان جي واپار تي قابض ٿئي.جڏهن ٿامس رو انهيءَ سلسلي ۾ آيو ته پورچوگيزن ڌمڪي ڏئي ڇڏي ته


books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن انگريزن کي واپار جي اجازت ملي ته اهي بندرگاهه تباهه ڪري بندرگاهن جا رستا بند ڪري ڇڏيندا. 1615ع ۾ سرٿامس رو پنهنجي ڪمپني کي جيڪا رپورٽ ڏني هئي، انهي منجهان ظاهر ٿئي ٿو تن ڏينهن ۾ سنڌ درياهه جهازراني جي لائق هو. سرٿامس رو لکي ٿو ته سنڌوندي واپار لاءِ مفيد آهي، ڇاڪاڻ ته لاهور کان سنڌ تائين آساني سان درياهه رستي مسافري ڪري سگهجي ٿي. سنڌ جو نير ۽ ٻيو سامان انگلينڊ لاءِ ڪارآمد ثابت ٿيندو. انگريزن سنڌ جي خوشحالي ۽ زرخيزي تاڙي ورتي هئي ۽ سندن واپاري ذهن سنڌ جي اعلي مصنوعات ۽ قيمتي پيداواري شين جي دنيا ۾ طلب ۽ انهن جي وڪري مان ملندڙ ججهي منافعي جو اندازو لڳائي ورتو هو جنهن ڪري وڏين ڪوشش ڪانپوءِ نيٺ سنڌ ۾ انهن واپاري ڪوٺي قائم ڪري ورتي. انگريزن جي سنڌ ۾ پهرين واپاري ڪوٺي اٽڪل 1630ـ1635ع ۾ قائم ڪئي هئي، جيڪا اٽڪل 1662ع تائين قائم رهي، پر پوءِ ڏڪر ۽ وبائي بيمارين سبب بند ٿي وئي. سندن واپاري ڪوٺي هجڻ جي باوجود به پورچوگيزن جي واپاري هڪ هٽي جي موجودگي جو پتو پوي ٿو. پورچوگيزن جي احوالن مان سڌ ملي ٿي ته انهن ڏينهن ۾ سنڌ پيداوار ۾ انتهائي شاهوڪار هئي. پورچوگيز ٻڌائن ٿا ته سنڌ ۾ ڪاڏي جون شيون ۽ گوشت جام آهي. ايترو ڪپڙو تيار ٿيندو هو جو سنڌ ڏانهن ايندڙ جهازن کي ڀرڻ لاءِ ڪافي هو. انهن شين تي کين لک روپيه محصول ڀرڻو پوندو هو.1616ـ1619ع ۾ سرٿامس رو لکي ٿو ته هي ملڪ حيرت جهڙين دستڪارين ۽ هنر کان مشهور هو. سنڌ جي هنر، خوشحالي، واپار ۽ صنعت جي، پرڏيهي وڻجارا ساراهه ڪندي نه ٿا ڍاپن. پورچوگيزن جو سرڪاري روزنامچو لکندڙ ائنٽو نيوبو ڪارو 1631ع ۾ لکي ٿو ته


www.sindhsalamat.com

هي ملڪ بي حد شاهوڪار آهي. ملڪ جو واپار ايترو آهي جو جيڪي بہ جهاز اچن ٿا سي مال سان پرجي نڪرن ٿا. تن ڏينهن ۾ سنڌ جا شهر ڪنڊيارو، سيوهڻ، ٺٽو نصرپور ڪپڙي تيار ڪرڻ جا اهم مرڪز هئا. ڪپهہ سنڌ جو قديم پيداواري وکر هئي ۽ اڄ بہ آهي. ڪپهہ جي وڏي اپت سبب ئي هت ڪپڙي جي صنعت ترقي ڪئي. 1641ع ۾ مانرق نالي پورچوگيز شاهہ جهان جي پرواني سان درياهہ وسيلي بکر ۽ سيوهڻ کان ٺٽي پهتو هو جنهن چواڻي تہ ٺٽو صنعتي مرڪز ۽ سُکي بندر هو جنهن ۾ جهازن جون قطارون بيٺل هيون. اهي هر قسم جو مال ايشيا ۽ پورچوگال (پرتگال) جي مختلف حصن ڏانهن کڻي ويندا هئا(87) جڏهن ايسٽ انڊيا ڪمپني جا بہ گماشتا ٺٽي پهتا هئا تڏهن سنڌ جون ديسي شيون معياري ۽ سستيون هيون ۽ ولائتي شيون ساديون ۽ مهانگيون هيون. اهي گماشتا اتڪل 1647ع ڌاري سنڌ آيا هئا. مغل دور ۾ ڪپڙي جي صنعت وڏي ترقي ڪئي. سنڌ جي ڪپڙي جو پرڏيهہ ۾ وڏو کاپو هو جتي وڏين قيمتن تي وڪامندو هو ۽ واپاري وڏو نفعو ڪمائيندا هئا. انگريز واپارين انهن ئي ڏينهن ۾ 1647ع ۾ ڪنڊياري ۾ نصرپور جي ڪورين کان ٺيڪي تي سستي اگهہ ۾ ڪپڙو تيار ڪرائي سٺ سيڪڙو فائدي تي وڪڻ لڳا. جنهن تي ڪورين مغل حڪمرانن وٽ دانهيو پر سندن ڪوبہ تدارڪ نہ ڪيو ويو. انهي بيان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ مغل حڪمرانن جو عوام تہ نهيو پر ملڪ جي صنعتي ادارن ۽ پورهيتن ڏانهن بہ ڌيان نہ هو جن جي طفيلي هو وڏو محصول وصول ڪندا هئا. سندن برتاءُ ظالمانہ رهيو. عوام سان زيادتين ۽ عقوبتن واري سندن ورتاءُ جي تاريخ شاهد آهي. مغل دور جي تاريخ نويسيءَ ۾ عوام جي ڪنهن بہ طرح جهلڪ يا


books.sindhsalamat.com

سندن معاشي ۽ اقتصادي حالتن جي اصل تصوير هرگز نظر نہ ايندي. مغل حڪمرانن ، شهزادن ۽ سندن منصبدارن عوام سان جيڪي جنون ڪيون يا ڪين معاشي طرح نبل رکيو ان جي سُڌ تاريخ ۾ نہ هوندي بہ جڻ موجود آهي . درد جي هڪ ڏکهي چيخ جيان تاريخ جي پولار ۾ اڄ بہ گونجندي ٻُڌي سگهجي ٿي. تنهن هوندي بہ مغل حڪمرانن محصول جي آمدني جي اضافي جي حاصلات لاءِ واپار ڏانهن ڌيان ڏنو. اهو سچ آهي تہ سندن ڏينهن ۾ سنڌ جي واپاري وڏي ترقي ڪئي ۽ سنڌ جي صنعت ۽ حرفت دنيا جي واپارين کي مرغوب ۽ مرعوب بڻايو. انهي جو ٻيو سبب اهو بہ آهي تہ سندن دور جي واپار، صنعت، هنر، پيداوار، پيداواري ذريعن، واپاري رستن ۽ شهرن جو رڪارڊ يا احوال انگريزن ۽ پورچوگيزن جي روز نامچن، سرڪاري رپورٽن، يادگيريءَ جي نوٽ بوڪن يا ٻين ذريعن وسيلي موجود ۽ محفوظ نموني ملي ٿو يا ملي سگهي ٿو. جڏهن تہ مغل دور کان اڳ اهجاڻي روايتي ۽ ٻڌ سڌ تي درج ڪيل احوال سو بہ اٽپوري انداز ۾ مليو آهي. پورچوگيزن ۽ انگريزن جي واپاري ماڻهن جي اچ وڃ بابت لکتون يا ڪي مغل دور جي ايڪڙ ٻيڪڙ روايتي انداز ۾ لکيل تاريخن منجهان بہ مواد ججهو ملي ٿو جنهن ڪري اسين مغل دور ۾ سنڌ جي واپار ۽ آمدورفت بابت هام هڻي ويهون ٿا. مغل دور ۾ دراصل سنڌ جي صنعت ۽ حرفت پنهنجي مٿي ڪٿي هئي.لڳي ٿو تہ مغلن سنڌ جي صنعت ڏانهن يا ان جي ترقي ڏانهن ڪوبہ خاطر خواهہ ڌيان نہ ڏنو ۽ نہ ئي صنعت جي ترقي لاءِ سائنسي يا ان وقت جي جديد لاڙن يا صنعتي اصولن کي متعارف ڪرايو. مغل دور ۾ سنڌ جي صنعت مقامي ماڻهن يا خاندانن جي قديم اصولن يا مقصدن تحت ڪم پئي ڪيو ۽ مغلن جون نظرون ڏل اُگاڙڻ ۽ انهن شين جي نيڪال


www.sindhsalamat.com

تي محصول وصول ڪرڻ ۾ ڪتل هيون. آڏاٽن، ڪارخانن يا اهڙن ادارن ۾ انهن ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن يا پورهيت خاندانن جي نه ته همت افزائي ڪئي ويئي ۽ نه وري انهن جي معاشي بدحالي جو ازالو ڪيو ويو. جيڪڏهن پورهيت خاندانن ۽ صنعتي ادارن جي ترقي لاءِ مغل حڪمران سوچين ها ته سندن ڏينهن ۾ واپار اڃا به ڏهوڻ تي ترقي ڪري ها. چاڪاڻ ته سنڌ کي ورلي ڪنهن صنعت لاءِ خام مال گهرائڻ جي گهرج پوندي هئي. پورهيت گهراڻن پنهنجي ٻل ۽ هُنر منديءَ وسيلي ڪپڙي يا ٻي صنعت کي زور وٺرايو. ان جو ڪارڻ اهو هو ته انهن وڌ ۾ وڌ معيار ڏانهن ڌيان ڏنو ته جيئن سندن شئي مارڪيٽن ۾ وڌ ۾ وڌ وڪامي ۽ عيوض ۾ معاوضو خاطرخواهه نصيب ٿئي. جيئن جيئن سندن شين جي ڏيهي توڙي پرڏيهي منڊي ۾ طلب وڌندي وئي، تئين تئين اهي معياري کي بهتر کان بهتر بڻائيندا رهيا، ليڪن ڪين ڪابه سرڪاري همت افزائي يا سرپرستي حاصل نه هئي. ستم ظريفي اِها به آهي ته مغربي ۽ مشرقي سياحن، مورخن ۽ واپاري ڪارندن کي نه انهن پورهيت خاندانن جو حال نظر آيو ۽ نه وري ٻهراڙين ۾ رهندڙ اُبوجهه ماڻهن جي معلومات ڏانهن دِيد وڌائون. انهن کي صرف شهر جي نظاري، آبادي ۽ شادابي ۾ سڄو ڏيهه خوشحال معلوم ٿيو . انهن سياحن يا مورخن جو گهڻي قدر واسطو به شهرن سان پيو. ڇو ته انهن جو گذر يا ڊاهو به شهرن ۾ پئي ٿيو. سو معلوم ٿئي ٿو ته ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ سنڌ جي صنعت ۽ حرفت تي مغل حڪمرانن ڪوبه ڌيان نه ڪيو هو. سنڌ جي پورهيت ماڻهن ۽ خاندانن پنهنجي وس، وت ۽ سماجي حالتن تحت سنڌ جي صنعت کي ترقي وٺرائي جيڪا سنڌ جي واپار جي ترقي جو سبب بڻي. مغل دور ۾ به ٺٽو سنڌ جو اهم واپاري مرڪز هو جنهن



جو بنياد سمن سردارن جي ايامڪاري ۾ پيو هو ۽ تنهن ڏينهن ۾ ئي صنعتي، تعليمي ۽ واپاري مرڪز طور مشهور هو. 1659ع ۾ منوڪي لکي ٿو ته ٺٽي جو عاليشان صفيد ڪپڙو، ٿلهو ڪپڙو، سندس چمڙو عربستان ۽ ايران برآمد ڪيو ويندو آهي. ٺٽو ملڪان ملڪ هلندڙ واپار جي ڪري مشهور آهي. ملڪ ۾ مکڻ ۽ اناج جام ٿئي ٿو جنهن مان گهڻو حصو مسقط ڏانهن موڪليو ويجي ٿو.

مغل ايامڪاري ۾ سنڌ جي ڪپڙي، نِير، شوري ۽ چمڙي جي صنعت تمام گهڻي مقبول هئي. انهن شين جي پرڏيهي طلب جي پيش نظر هتان جي هنرمندن ۽ پورهيت خاندانن انهن جي معيار تي گهڻو توجهه ڏنو. سنڌ جو واپار مشرق ۽ مغرب ڏور تائين هلندڙ هو. ٺٽو شهر ۽ لاهري بندر اهم ساموندي واپار جا مرڪز هئا. 1669ع ۾ اسڪاٽلينڊ جو سوداگر هئملٽن سامان جي ڀريل جهاز سان لاهري بندر پهتو هو ۽ ٺٽو لاهري بندر کان ڪافي پنڌ پري هو. اندرون سنڌ ۾ آمدورفت ۽ واپار سنڌ درياهه وسيلي هلندڙ هو. لاهور کان ٺٽي تائين درياهه وسيلي ٻيڙا تجارتي مقصد ۾ مصروف هئا. گوئا جو هينرج روٽ پادري، آگري، لاهر، ملتان رستي سنڌ پڳو هو. ڏهه ورهين ۾ لاهري بندر کان سورت، بندر عباس ۽ ازمير کان روم پهتو هو. مغل دور ۾ لاهري بندر جو اوج هو. لاهري ڪانپوءِ ٻيو بندر اورنگ آباد به سنڌو جي ڊيلٽا واري علائقي ۾ نهرايو ويو هو. انگريز واپاري مخمل، اوني ڪپڙو، رنگين ڇيٽون، کنڊ، مصالا ۽ ڌاتو جو واپار ڪندا هئا. ماڙوار ۽ بلوچستان جا ڪتا سنڌ ۾ وڪرو ٿيندا هئا. گجرات کان ريشمي ڪپڙو اطلس ۽ ٻيو سامان درآمد ڪيو ويندو هو. 1678ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني ڪپڙي ۾ سُٽ ۽ ڇيٽن جون سوين ڳنڍيون

بمبمئي ۽ سورت روانيون ڪيون هيون، تن ڏينهن ۾ سنڌ جا ٻيا شهر دربيلو، سکر، بکر، بوبڪ، گمبٽ وغيره پڻ اهم واپاري پيداوار جا مرڪز هئا، پر ٺٽي جي اوج ۽ عروج سان ڪوبہ پُڄي نہ سگهيو. ٺٽي ۾ ڪپڙي جي آڏاڻن ۾ اٽڪل اسي هزار پورهيت ڪم ڪندا هئا. ڏيهي پرڏيهي واپارين جا گدام هوندا هئا. شهر ۾ بصري، بندر عباس، سورت ملبار، لاهور، ملتان ۽ شڪارپور جا واپاري مقيم هئا. ٺٽي جو ريشمي ڪپڙو سڄي هندستان ۾ مشهور هو. 1699ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني ٺٽي، لاهري ۽ اورنگ آباد ۾ ڪلمي شوري تيار ڪرڻ جا ڪارخانا قائم ڪيا هئا. هتان مڇي عربستان ۽ ٻين ملڪن ڏانهن موڪلي ويندي هئي. انهن ڏينهن ۾ سنڌ مکڻ ۽ گيهہ جي روانگي ۾ خود ڪفيل هئي. چمڙي جي صنعتي پيداوار ۾ سنڌ سڄي هندستان ۾ مشهور هئي. چمڙي جون زينون، پاکڙا، ڍالون، دستانا، بسترن جون نرم چادرون ۽ دسترخوان جڙندا هئا. گيهہ چمڙي جي ٻڌن ۾ بر آمد ڪيو ويندو هو. ٺٽو دنيا ۾ برک شهر هو. ايس پي چبلاڻي لکي ٿو تہ ٺٽو ريشمي ڪپڙي توڙي سوٽي ڪپڙي، چمڙي جي سامان، نير، شوري، چانور، مکڻ، کنڊ ۽ لوڻ جي مکيہ مارڪيٽ هو. نهايت آباد بندر هو. جنهن ۾ ننڍيون وڏيون ٻيڙيون اٽڪل چاليهہ هزار هونديون هيون. سندس واپار هندستان جي شهرن ۽ الهندي ڪناري گوا، ڪئمبي، سورت ۽ ڏکڻ ۾ ملبار جي مکيہ بندرن سان هلندو هو. ان ڪانسواءِ وچ ايشيا ۽ اولهہ يورپ تائين وڏو واپار جاري هو. هتي جو سامان واپاري ڪانگو (ايران) ۽ مصر جي بندرن ڏانهن موڪليندا هئا. ٺٽي جي رنگين ڇيٽن ۽ بافتي جي يورپ کي گهڻي ضرورت هئي.

سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت ڏيهن ۾ مشهور هئي. سنڌ جي عاليشان ڪپڙي ۾ ڇيٽون ململيون، گربيون، حلواڻ، لونگيون، کيس، ڇُنيون، سَوَڙيون، پٽراٽيون، اجرڪون ۽ ٻيو ڪپڙو تيار ٿيندو هو. ڪپڙي جي صنعت ۾ اٽڪل هڪ لک پورهيت برسر روزگار هئا. ڪپڙي جي صنعت لاءِ ڪچو ريشم چين، ايران ۽ ترڪستان مان درآمد ٿيندو هو. ريشمي ڪپڙي تي سون ۽ چاندي سان ڀرت ڀريو ويندو هو. مغل دور ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪوٺي قائم هئي. 1639ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني هڪ هزار مڻ نير خريد ڪيو هو. سيوهڻ ۾ ڪپڙي جي صنعت ۾ هڪ هزار پورهيت مصروف هئا. سيوهڻ ڪاشيءَ جي برتن جوڙڻ ۾ بہ برک هو. سيوهڻ ڪانپوءِ ڪپڙي جي صنعت ۾ نصرپور ، ڪنڊيارو ۽ گمبٽ ۾ بہ ڪورين جا آڏاڻا هئا. انگريزن نصرپور ۾ اٽڪل ٽي هزار تاڪيا خريد ڪيا. نصرپور ۽ گمبٽ جون سوسيون سڏو ولايت ونديون هيون. ازانسواءِ روهڙي ريشمي ڪپڙي، نير جي اپت جي ڪري بہ مقبول هئي.

مغل دور ۾ سنڌ جو واپار سمنڊ رستي ايراني نار جي ساحلي بندرن سان هلندڙ هو. لهري بندر تان ٻيڙا سامان سان پرجي ايراني نار جي بندرن، بصره، مسقط، بندر عباس، آرمز، ڪانگو ۽ بحرين تائين ويندا هئا. جتان پوءِ مال يورپ کي پهچائڻ لاءِ خشڪي رستي قسطنطنيہ (استمبول) ويندو هو. سمنڊ ڪناري جهاز سڌا هلندا هئا. ايراني نار کان وري سنڌ جي ڪاپي وارو سامان جهازن وسيلي لهري، اورنگ آباد ۽ وستا بندرن تي ايندو هو. هندي سمنڊ رستي مختلف بندرن ڏانهن، مشرق ڏور وندي چين تائين سنڌ جو مال جهاز ڪٽي ويندا هئا. اهڙي طرح سنڌ پرڏيهہ سان ايراني نار، عربي ۽ هندي سمنڊ وسيلي آمدورفت ۽ واپاري لاڳاپن ۾ ڳنڍيل هئي.

مغل حڪمراني يا سلطنت جو سج اورنگزيب عالمگير جي وفات (1707) کان پوءِ لهڻ شروع ٿيو. مغل سلطنت طائف الملوڪيءَ جو شڪار ٿي زوال ڏانهن وڪون پرڻ شروع ڪيون. انهن ئي ڏينهن ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙو پنهنجي سرائين جي مدد سان پير ڪوڙي پنهنجي عبوري حڪومت کي مضبوط ۽ ان جون سرحدون وسيع ڪرڻ ۾ مصروف هو. دائودپوٽن ۽ ٻين مقامي سردارن کان علاوه بروهين جي مخالفتن کي منهن ڏيڻ ۾ رڌل هو. اٽڪل 15_1717ع تائين سندس وقت عبوري حڪومت کي مستحڪم ڪرڻ ۾ صرف ٿيو. ان ڪري سندس ايامڪاري ۾ سنڌ جي واپار ۾ واڌارو ڪي قدر گهٽ نظر اچي ٿو. تنهن هوندي به تاريخ انهي ڳالهه تي اتفاق ڪري ٿي ته اوائلي ڪلهوڙا حڪمرانن جي ڏينهن ۾ سنڌ جي واپار گهٽي ترقي ڪئي. ميان نور ڪلهوڙي واپار کي ترقي ڏيارڻ ۽ پيداواري آمدني کي وڌائڻ لاءِ پورچگيزن ۽ انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپني سان دوستانا تعلقات پيدا ڪيا. سندس ئي ڏينهن ۾ فرينچ واپارين جو سنڌ سان واپاري لاڳاپو هو. فرينچ پورچوگيزن ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪارندن جي سنڌ ۾ واپار جي حوالي سان چرپر نظر اچي ٿي. ميان نور محمد ڪلهوڙو جي ايامڪاري ۾ 1739ع ۾ جڏهن نادر شاهه سنڌ تي ڪاهه ڪئي هئي، تڏهن سنڌ جو واپار عروج تي هو. تڏهن سنڌ جو واپار الهندن ۽ اڀرندن ملڪن سان چالو هو. سندس پٽ ميان غلام شاهه پڻ سنڌ جي واپار ڏانهن ڌيان ڏنو. هن سنڌ جي سامونڊي علائقي ۾ شاهه بندر نالي هڪ بندر تعمير ڪرايو. ميان غلام شاهه جا ڪجهه وقت لاءِ ايسٽ انڊيا ڪمپني سان لاڳاپا خراب رهيا پر پوءِ رابرٽ سيپمسن ڪوششون ڪري واپار جي اجازت ورتي ۽ سنڌ سندن واپار جو مرڪز بڻجي ويئي.



شاهه بندر ۽ اورنگ آباد وسيلي سنڌ جو واپار هندستان ۽ مغربي ملڪن سان هلندڙ هو. هن دور ۾ انگريز واپاري نيرِ، ڪلمي شورو، سوٽي ڪپڙو ۽ ٻيون پيداواري شيون خريد ڪري پرڏيهه ۾ وڪرو ڪندا هئا. لهري بندرڪان پوءِ شاهه بندر، اوستا بندر، وڪر، داراجا ۽ ڪراچي بندر رونما ٿيا. جن وسيلي سنڌ جو واپار جاري هو. شاهه بندر کان ٻيڙا واپاري مقصدن سان بمبئي، سورت ۽ بندر عباس هلڻ لڳا. ميان غلام شاهه پنهنجي شروعاتي دور ۾ سنڌ جي واپار کي فورغ ڏيڻ لاءِ ڪوششون ورتيون ۽ سنڌ جي هنر ۽ صنعت کي ترقي وٺرائي. هن سنڌ جي صنعت جي همت افزائي به ڪئي ۽ آمدني جي اضافي لاءِ وٽج واپار کي هٿي پڻ ڏني. سندس ئي ڏينهن ۾ اٽڪل 1758ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني سنڌ ۾ ٻيهر واپاري ڪوٺي قائم هئي. ميان غلام شاهه جي ايامڪاري جي پوئين دور ۾ سنڌ ملڪ سندس اقتداري رسا ڪشي جي ور چڙهي ويو. ملڪ بدامني، جهڳڙن ۽ لڙاين جي باهه ۾ اڙجي ويو. غلام شاهه ڪلهوڙي پڇاڙڪا ڏينهن پنهنجي اقتدار بچائڻ ۽ مستحڪم ڪرڻ ۾ گذاريا، جنهن ڪري سنڌ جي صنعت ۽ واپار تي گهرو اثر پيو. سنڌ جو واپار زوال پذير ٿيڻ شروع ٿيو. ڪلهوڙا حڪمرانن جي پوئين حاڪمن جي ڏينهن تائين پرڏيهي واپار بلڪل مانو ٿي ويل نظر اچي ٿو . چاڪاڻ ته سنڌ ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن جي جهڳڙن جي لپيٽ ۾ اچي وئي.

ڪلهوڙا دور جي پوئين حڪمرانن وانگر ٽالپر دور ۾ سنڌ جي واپار ڪابه خاطر خواهه ترقي نه ڪئي. ٽالپر اميرن سنڌ جي تجارت ڏانهن ڪوبه ڌيان نه ڏنو. برصغير جي سياسي حالتن ۾ گهٽو ڦيرو اچي چڪو هو.ڪيترين تحريڪن جنم ورتو. انگريزن ايسٽ انڊيا ڪمپني جي مدد سان هندستان جي ڪافي

علائقن تي سڌي طرح سياسي قبضو يا حڪمراني قائم ڪري ورتي هئي .انگريزن جي نظر ۾ سڄو برصغير هو. سنڌ انگريز جي اک ۾ انهي ڪري بہ هئي جو افغانستان جي حڪمرانن جي انگريزن جيڪا مخالفت شروع ڪئي, ٽالپور اميرن سياسي دٻاءُ ۾ اچي افغان حڪمرانن جي پنيرائي ڪئي هئي, جنهن ڪري انگريزن اهو هرگز نہ ٿي چاهيو تہ ٽالپر امير سندن وچ ۾ حائل ٿين. انگريزن جي ذهن ۾ اهو بہ هو تہ سنڌ قبضي هيٺ اچڻ سان افغانستان سان سرحدون قريب ٿينديون ۽ ائين ڪرڻ سان افغانستان جي بغاوت يا حملي کي روڪي انهن تي غالب اچي سگهجي ٿو ان ڪري ٽالپر حڪمران انهي سياسي چالبازين جي دٻاءُ ۾ رهيا ۽ نيٺ هڪڙي ڏينهن چالبازين ۽ مڪارين ۾ قاسي سنڌ جي آزادي تان هٿ کڻي ويٺا. ٻيو سبب اهو بہ هو تہ ٽالپر اميرن عياشي ۽ شاهاڻن شوقن ڏانهن گهڻو ڌيان ڏنو. ٽالپورن سنڌ جي هنر حرفت ۽ واپار ڏانهن ڌيان ڏيڻ بجاءِ شاهہ خرچين ۽ شڪار گاهن ٺهرائڻ ۾ گهڻي دلچسپي ورتي. انهي ئي سببن جي ڪري سنڌ جي واپار کي سخت ڇيهو رسيو. جڏهن واپار ٺپ ٿي ويو. تڏهن پرڏيهي واپارين جي اچڻ وڃڻ جو سلسلو بہ ختم ٿي ويو. آخرڪار ايسٽ انڊيا ڪمپني جي گماشتن ۽ سياسي چاڙتن سندن عياشين ۽ ٻين ڪمزورين جو فائدو وٺندي کين اقتدار کان بہ محروم ڪري ڇڏيو ۽ اهڙِي ريت سنڌ جي قديم واپار ۽ آمدروفت جا قديم ۽ پراڻا رستا سنڌ لاءِ هميشہ لاءِ بند ٿي ويا. سنڌ جون صنعتون تباهہ ۽ برباد ٿي ويون. سنڌ درياهہ وسيلي آمدروفت نالي ماتر وڃي رهي, جنهن جي تصديق ڊيل هوسٽ 1832ع ۾ ڪندي لکي ٿو تہ سنڌو رستي ڪوبہ پرڏيهي واپار ڪونہ ٿو هلي, صرف مقامي طرح کي ٻيڙيون هڪ هنڌان ٻئي



هنڌ ڪاٺ ۽ اناج پهچائڻ لاءِ هلن ٿيون. سنڌ جي واپار بابت ڏڪاري انداز ۾ پاٽنجر لکي ٿو تہ سنڌ ۾ تيار ٿيندڙ مال اڳي جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ ۽ سادي قسم جو آهي. انهي جو سبب رڳو ميرن جي هٻڇ ۽ تنگ نظري آهي. ان ڪري صوبي جي سڄي صنعت نہ رڳو دٻجي ويئي آهي پر نابود ٿي ويئي آهي. پاٽنجر جي بيان ۾ ڪيتري صداقت آهي اُن جي قطع نظر ٽالپر دور سنڌ جي واپار ۽ واپاري رستن لاءِ هڪ دکدائڪ باب لڳي ٿو جيڪو پڙهندي لڱ ڪانڊارجي وڃن ٿا. انهي باب ۾ وڌيڪ اضافو انگريزن ڪيو. انهن جي تسلط سنڌ جي صنعت جو مڪمل خاتمو آڻي ڇڏيو.

جناب ايس پي ڇبلاڻي پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي اقتصادي تاريخ جي مهڙ ۾ سنڌ جي سترهين ۽ ارڙهين صدي جي واپار جي ساموندي لاڳاپن ۽ رستن بابت هڪ نقشو ڏنو آهي, جنهن موجب سنڌ جي پرڏيهہ سان آمدورفت ۽ واپاري رستن جو پتو پوي ٿو. انهي عرصي ۾ سنڌ سمنڊ رستي مغربي ۽ مشرقي ملڪن سان گهاٽن لاڳاپن ۾ هئي. لهري ۽ ٺٽو مصروف ۽ مشهور واپاري مرڪز هئا, جتان مالبردار جهاز نڪرندا هئا ۽ مغرب طرف يا تہ ايراني نار جي بندرن گوادر, هرمز, گومروم کان ٿيندا مسقط يا بصري پهچندا هئا. بصري کانپوءِ واپاري سامان خشڪي وسيلي بغداد, اليپو قاهرا ۽ طوري پهچندو هو جتان پوءِ ڪاري سمنڊ جي بندر بروسا وسيلي رستو مغرب ڏور ويو ٿي. يا وري غوراب لهري ۽ ٺٽي کان عربي سمنڊ وسيلي ڳاڙهي سمنڊ ۽ ڳاڙهو سمنڊ جهاڳي طُور, قاهره ۽ سڪندريہ بندرن تائين ويندا هئا. مشرق ڏانهن سنڌ جو مال, گوا ۽ سورت تائين جهازن وسيلي پهچندو هو. اهڙي طرح سنڌ مشرق ڏور چين ۽ بنگال جي اُپ ٻيٽن سان سمنڊ وسيلي ڳنڍيل هئي ۽ سندس وڻج واپار ۽ اج وچ

جاري هئي. انگريزن جي تسلط کانپوءِ ارڙهين صدي جي وچ ڌاري انگريزن صنعتن انقلاب جو اثر سنڌ پهچايو ۽ پنهنجي صنعتن جو سامان ۽ مصنوعات سنڌ ۾ متعارف ڪرايون. سنڌ بر آمدي خطي مان ڦِري درآمدي خطو رهجي ويو ته ڪپڙي جي صنعت کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. سنڌ جا سوين آڏاڻا اجڙي ويا. هزارين پورهيت ۽ سندن خاندان بدحالي جو شڪار ٿي ويا. سنڌ جي صنعت ۽ واپار بربادي جو شڪار ٿي ويو. سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي دور ۾ سنڌ جي زراعت، صنعت، هنر، ڪاريگري، پيداوار ۽ وڻج واپار تي آيل ڪارِي ضرب جهڙن اهڙن ڏينهن کي ڏسي، انتهائي درد ۽ ڏک جي ڪيفيتن ۾ مبتلا ٿي سوچيندي چيئي ڏنو هو:

نه سي ووئڻ وٽن ۾، نه سي ڪاتاريُون
ڀِسِي بازاريُون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

## مددي ڪتاب


1. جنت السنڌ، رحيمداد مولائي شيدائي ، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو.
2. Chronological Dictionary of Sindh, M.H Penhwar, Institute of Sindhology, Jamshoro.
3. سنڌ جي اقتصادي تاريخ، ايس.پي چبلاڻي، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو.




books.sindhsalamat.com


4. سنڌو تهذيب، تاج صحرائي ، ثقا فت، سياحت ڪاتو حڪومت سنڌ.
5. سنڌ جو مهراڻ، راورتي، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو.
6. سنڌ هڪ عام جائزو، ايچ. ٽي لئمرڪ، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو.
7. قديم سنڌ، ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو.
8. چچ نامو عرف فتح نامءِ سنڌ، علي ڪوفي، محقق. مصحح ۽ شارح ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.
9. سنڌي شاعري تي فارسي جو اثر. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جامشورو.
10. سنڌ خاموشي کي آواز ڊاڪٽر مبارڪ علي .
11. ماضي ڪي مزار، سيد سبط حسن، مڪتبءِ دانيال ڪراچي.




www.sindhsalamat.com

## سنڌ تي عربن جي ڪاهه ۽ راجا ڏاهر

تاريخ گذريل وقت جي واقعن، سياسي، سماجي سرگرمين ۽ ڪار گذارين جو حقيقت جي روشني ۾ آئينو ٿئي ٿي، جنهن وسيلي ماضي جا چٽا عڪس ۽ اولڙا پسي سگهبا آهن. اسان وٽ اڪثر تاريخ نويسي ان جي برعڪس نظر اچي ٿي. سنڌ جي تاريخ سان خاص طور جيڪا ويڌن ٿيل آهي، تنهن بابت سوچيندي وار ڪانڌارجي وڃن ٿا.ڪنهن مت پيد ۽ مڪتب فڪر جي اثرن هيٺ، ڪن واقعن ۽ ڪردان جي جيڪا تاريخ نويسي نظر اچي ٿي، اُن سنڌ جي تاريخ ۾ خال پيدا ڪري ڇڏيوآهي، جنهن کي سنوارڻ ۽ درست ڪرڻ نهايت مشڪل ڪم بڻجي ويل آهي. ان جي تدارڪ جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ تہ انهي خال سبب مونجهارا جنم وٺن ٿا ۽ جڏهن مونجهارا ڪر موڙين ٿا تڏهن اصل واقعا ۽ واقعن سان منسلڪ ڪردارن جي اصل حقيقت پس پرده رهجي وڃي ٿي.انهي حوالي سان سنڌ جي تاريخ بابت صرف هڪ ئي ڪتاب سهيڙيو وڃي پر اهو مستند ۽ حقيقتن جي پيش نظرهجي تہ جيئن اسان جو ايندڙ نسل مونجهارن کان بچي وڃي.

اهو انهي ڪري چوڻو پيوآهي تہ سڄي ايشيا جي تاريخ صرف حڪمرانن، شهزادن، بادشاهن، سپهہ سالارن، منصبدارن، صوبيدارن ۽ ٻين حڪومتي ڪارندن جي بهادرين سخاوتن، ايماندارين، انصاف، عدل، خوبصورتين، سماجي، سياسي ۽ اقتداري ڏاهپن کي آڏو رکي ڏند ڪٿائي انداز ۾ لکي ويئي آهي تہ ٻئي پاسي مخالف حڪمرانن يا سالارن جي ڪردارن کي ضرب لڳائي وئي آهي، جنهن جو اثر سنڌ جي تاريخ تي پڻ



پيوآهي.بلڪ سنڌجي تاريخ جا ماخذ يا سنڌ بابت معلومات جا سرچشمہ ٻاهريان تاريخ نويس يا سياح ۽ انهن جون لکيل تاريخون يا بيان آهن. آڳاٽي وقت ۾ ڪنهن بہ مقامي تاريخ نويس عوام جي تاريخ تي قلم نہ کنيو ۽ نہ وري انهن تاريخن ۾ هينين طبقي (رعيت) جي سياسي،سماجي، اقتصادي حالتن، مذهب،ثقافت، رهڻي ڪهڻي ،ادب ٻولي، سک، سهنجائپ، آمدني جي ذريعن يا ٻين اهڙن انيڪ معاملن بابت ڪوخاطر خواهہ مواد ملي ٿو. ڪٿي اڻ لکوڪٽ اهڃاڻي ۽ اشارتي طور ڪنهن ذڪر ڪيو آهي تہ نيڪ ٻي صورت ۾ محض دربار يا حاڪميت جي ڪردار نگاري، سيرت نگاري ۽ رعيت پروري جي هٿ ٺوڪي تاريخ نويسي ڪئي ويئي.جنهن ڪري ڪن جاين تي اصل حقيقتون گم بہ ٿي چڪيون آهن. هڪ تہ سنڌ جي تاريخ تي ڪتاب تمام گهٽ لکيا ويا آهن پرجيڪي بہ لکيل آهن، اُهي مٿي بيان ڪيل نوعيت ۽ اثر هيٺ لکيل آهن. انهن ۾ اسين فتح نامہِ سنڌ عرف چچ نامہ ۽ تارخ مظهر شاهجهاني جوذڪرڪري سگهون ٿا.جيڪي مخصوص طرفداريءَ جي چانورن ۾ ويهي سرجيون يا لکيون ويون آهن. هتي موضوع جي نسبت سان آئون فتح نامي جي روشني ۾ بحث ڪرڻ چاهيندس تہ فتح نامي جي ليکڪ ڪهڙي خاص نفسيات ۽ اثر هيٺ تاريخ نويسي ڪئي آهي.

فتح نامو عرف چچ نامو اهڙي انداز ۾ لکيو ويو آهي، جهڙوڪر اهو ڪنهن عرب تاريخ نويس جو گهڙيل هجي. واقعن جي نسبت سان اهڙو قصو لڳي ٿو ، جنهن جا ضمني پلاٽ ۽ ڪردار سنڌ ملڪ سان منسلڪ آهن پر ان جا اهم ڪردار عربستان سان تعلق رکن ٿا. هن نيم تاريخي داستان جي انداز ۾

لکيل تاريخ ۾ عرب ڪردار ناحق ۽ باطل جي خلاف لڙندڙ حق، سچ، شجاعت،انصاف پروري جا پتلا نظر ايندا، جيڪي لاش سٽيندي، مُنڌيون وڍيندي بہ انصاف جا پيڪر ۽ سچائي جا سرچشما محسوس ٿي رهيا آهن. چچ نامي يا فتحنامي ۾ افسانوي ۽ غير تاريخي سنديافتہ واقعن جي شموليت فتحنامي جي روشني ۾ ئي جاچڻ يا ڏسڻ بهتر ٿيندو ۽ انهن افسانوي رنگن ۽ روپن جي سجاوٽ جي نشاندهي ڪرڻ لازمي ٿيو پوي جن فتحنامي کي تاريخ نويسيءَ جي حقيقي لوازمات کان پرپرو ڪري ڇڏيو آهي.

فتح نامي پڙهڻ سان محسوس ٿئي ٿو تہ عرب لشڪر جي سپهہ سالار، محمد بن قاسم وٽ پنهنجي ڪابہ جنگي حڪمت عملي، ڏاهپ، ذهانت، سياڻپ، جنگي مهارت ۽ رٿابندي نہ هئي، پر حجاج بن يوسف جي هدايتن ۽ حڪمن جي رموٽ ڪنٽرول وسيلي جنگي مهم جوئي ڪيائين. ڇاڪاڻ تہ سڄي فتحنامي ۾ ڪٿي بہ ڪا اهڙي چرپر يا جنگي حڪمت عمليءَ جو مثال موجود نہ آهي، جنهن وسيلي چئي سگهجي تہ محمد بن قاسم پنهنجي صلاحيت ۽ حڪمت عملي وسيلي جنگي مهم جاري رکي هئي. اهو پهلو، افسانوي رنگ ۽ دارالخلافت خاص طور حجاج بن يوسف جي وقت بہ وقت حُڪمن ۽ هدايتن منجهان لَکائي سگهجي ٿو. هن تاريخ ۾ عرب تاريخ نويس جي قلم جي حرڪت ۽ حرارت صرف حجاج بن يوسف ۽ محمد بن قاسم جي ساراهہ ۾ نظر اچي ٿي. نهايت برجستي تاريخ نويس ڊاڪٽر مبارڪ علي پڻ هن سلسلي ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي پنهنجا ويچار ”سنڌ خاموشي ڪِي آواز“ ۾ پيش ڪيا آهن تہ محمد بن قاسم جنگي مهم جوئي پنهنجي صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ بجاءِ حجاج بن يوسف جي حڪمن ۽ هدايتن تحت ڪئي ۽ ظاهر ٿئي



ٿو تہ وٽس ڪابہ ذهانت يا مهارت موجود نہ هئي. انهي ڳالهہ کي پرکڻ جا بہ پاسا آهن يا تہ انهي راءِ کي تسليم ڪرڻو پوندو تہ محمد بن قاسم واقعي باصلاحيت سپهہ سالار نہ هئو يا وري دارالحڪومت جي چانورن ۾ آسيس وٺندڙ يا اُن ڏانهن مائل تاريخ نويس جي افسانوي رنگ کي قبول ڪرڻو پوندو تہ هن افسانوي انداز ۾ واقع نگاري يا ڪردار نگاري ڪندي محمد بن قاسم کي جهڙوڪر صلاحيتن کان اڻ سڌي طرح وانجهو قرار ڏئي ڇڏيو آهي. بهرحال اها ڳالهہ فتحنامي جي مطالعي ڪرڻ سان واضح ٿي وڃي ٿي تہ محمد بن قاسم پنهنجي ڏاهپ يا مرضي کان ڪٿي بہ ڪم نہ ورتو آهي. هر ننڍي توڙي وڏي مسئلي تي حجاج بن يوسف سان خطن وسيلي مشورو ۽ حڪم حاصل ڪيو اٿائين. انهن معاملن سندس اهليت ۾ شڪ جي گنجائش پيدا ڪري ڇڏي آهي. جيڪڏهن ائين نہ آهي تہ پوءِ ليکڪ جي حقيقت بيانيءَ ۾ شڪ جي گنجائش موجود آهي. جڏهن محمد بن قاسم ديبل تي حملي وقت قلعي جي وجهو پڙاءُ ڪيو هو تہ کيس مُشڪلات پيش آئي ۽ قلعي فتح ڪرڻ لاءِ پريشان هئو. جَعونہَ نالي هڪ منجنيقيءَ کيس صلاح ڏني تہ عروسڪ منجنيق ۾ گز ڪپڻ سان قلعي جو برج ڪيرائي، قلعو فتح ڪري سگهجي ٿو.منجنيقيءَ جي ڳالهہ تي ويساهہ نہ ڪيائين تہ منجنيقيءَ پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي جي ٻل تي پروسي سان چيو تہ ائين ڪرڻ سان جيڪڏهن قلعي جو برج نہ ڪري تہ منهنجو ساڄو هٿ ڪپيو وڃي. ان جي باوجود بہ محمد بن قاسم سندس پروسي جوڳي ڳالهہ تي يقين نہ ڪيو ۽ حجاج بن يوسف کان خط وسيلي هدايت وصول ڪئي. حُجاج منجنيقيءَ جي اعتماد جو اندازو ڪري کيس اجازت ڏني مگر محمد بن قاسم اهو

اندازو ڪري نہ سگھيو(1)ديبل جي ويجھو منزل دوران پنھنجي
ليکي محمد بن قاسم حملي جو فيصلو ڪرڻ بجاءِ دارالخلافت يا
حجاج بن يوسف جي حڪم جو منتظر رھيو. جيستائين حڪم
پھچي، تيستائين ويٺو رھيو. حجاج پاران ھر روز خط( اھو ممڪن
ھُئو؟) ايندو ھو ۽ ترسڻ جو حڪم ڏيندو ھو. ائين ٿو لڳي تہ
حجاج بن يوسف جي حڪم يا ھدايت کانسواءِ محمد بن قاسم
ھڪ وک بہ نٿي چُريو. ڪو ڪک ٻيٽو ڪرڻو ٿي پيس تہ حڪم
جي ضرورت محسوس ڪندي ھدايت حاصل ٿي ڪيائين. ٻيو تہ
حجاج بن يوسف جو روزانو خط پھچڻ ٽپال جي اعلي ۽ سڌريل
نظام جي نشاندھي ڪري ٿو يا وري ليکڪ جي افسانوي انداز
بيان کي ظاھر ڪري ٿو. مون کي ناممڪن ٿو لڳي تہ تڏھوڪي
زماني ۾ ڪو خط ھڪ ڏينھن ۾ يا ايڏو جلدي پھچي! ھي ھڪ
افسانو ٿي سگھي ٿو. ھي بيان حقيقت جي دائري ۾ شامل ٿي نہ ٿو
سگھي، نہ ئي وسھڻ جھڙو معاملو آھي. جڏھن اسلام جو لشڪر
قلعي مٿان چڙھي ويو تڏھن ديبلين دروازو کولي امانُ گھري جنھن
تي محمد بن قاسم فرمايو تہ مونکي امان جو حُڪم ناھي (2) ان
سلسلي ۾ چچنامي ۾ ئي حجاج جو فرمان لکيل آھي تہ جيڪو بہ
توکان امانُ گھري تنھن کي امانُ ڏج (3). ھاڻ تاريخدان جي
افسانہ نگاري سمجھجي يا محمد بن قاسم جي صلاحيت کان
وانجھائپ؟؟ ان کانسواءِ محمد بن قاسم جڏھن اوڏا پور جي ماڳ
پھتو تہ کيس دارالخلافت کان پروانو پھتو تہ محمد بن قاسم جتي
بہ ھجي تہ کيس گھرجي تہ پاڻ کي ڪچي (تازيءَ) کل ۾ بند
ڪرائي دارالخلافت ڏانھن واپس ٿئي. جڏھن ھي فرمان اوڏاپور
پھتو تڏھن سندس(محمد بن قاسم جي) چوڻ موجب کيس
ڪچيءَ چمڙيءَ ۾ بند ڪري صندوق ۾ رکي واپس موٽيا (4)



جيڪڏھن پاڻ کي تازي چمڙيءَ ۾ بند ڪرائي صندوق ۾ وجھرايو
ھونداءِين تہ پوءِ آساني سان محمد بن قاسم جي انھي تابعداري
واري عمل مان سندس صلاحيت ۽ ذھانت جو اندازو ڪري
سگھجي ٿو. ڊاڪٽر بلوچ موجب خليفي عبدالملڪ جي وصيت
تحت ڪانئس پوءِ اول سندس پُٽ وليد بن عبدالملڪ خليفو ٿئي
۽ پوءِ سندس ٻيو پُٽ سليمان بن عبدالملڪ ٿئي. سن 85ھ ۾
خليفي عبدالملڪ جي وفات کان پوءِ وليد بن عبدالملڪ خليفو
مقرر ٿيو. ھن پاءُ سليمان بجاءِ پُٽ عبدالعزيز کي ولي عھد بنايو تہ
سليمان بغاوت ڪئي. وليد بن عبدالملڪ پاءُ سليمان کي ٻُنجو
ڏيڻ لاءِ حُجاج بن يوسف کي چيو. حُجاج، سليمان بن عبدالملڪ
۽ سندس حامين خلاف دشمني جي حد تائين پورو زور لڳايو ھو.
حُجاج رمضان مھيني ۾ سن 95 ھہ ۾ وفات ڪئي. خليفو وليد بن
عبدالملڪ جماد ال آخر سن 96 ھہ ۾ فوت ٿيو. اُن ساڳئي ڏينھن
سليمان بن عبدالملڪ بعيت وٺي خلافت قبضي ۾ ورتي. اڳين
گورنرن ۽ سالارن کي معزول ڪيو ويو. محمد بن قاسم بہ اوڏاپور ۾
منزل انداز ھو جو کيس دارالخلافت پاران معزولي جو حُڪم
پھتو. کيس گرفتار ڪيو ويو. سلمان بن عبدالملڪ جي خلافت
تي قابض ٿيڻ سان، محمد بن قاسم کي معذول ڪري واپس
دارالخلافت گھرايو يا قيد ڪرايو ويو ھوندو( 5) ڊاڪٽر بلوچ جو
مذڪوره بيان محمد بن قاسم کي کل ۾ بند نہ ڪرائڻ ۽ فتح
نامي جي تاريخ نويس جي بيان کي افسانو چوڻ ۾ يقين جي حد
تائين مددگار ثابت ٿئي ٿو.

محمد بن قاسم سنڌ جي فتح ۽ جنگ دوران مال غنيمت
۾ ھٿ آيل ٻن ڇوڪرين کي دارالخلافت موڪليو. انھن جي
حسن ۽ جمال تي وقت جو خليفو اکين ڇکن تي وجي ٿو ۽ کين

پنهنجي خلوت ۾ آڻڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو (6) جيڪو خليفي لاءِ اعتراض جوڳو ۽ ناجائز عمل آهي ڇاڪاڻ ته خلافت کي نبوت جي نائب چيو ويو آهي ۽ خلافت جي اهڙي پوِتر منصب وارو خليفو ان انسانيت سوز عمل لا ءِ تيار ٿي وڃي ته ڏاڍو نازيب عمل ڇئبو آهي پر جيڪڏهن خليفو ائين نه ٿي ڪري سگهيو ته پوءِ اها ڳالهه فتح نامي واري تاريخ نويس جي من گهڙت ۽ هٿ ٺوڪي روايت تي ٻڌل تاريخ نويسي کي ظاهر ڪري ٿي. ائين ٿو معلوم ٿئي ته محمد نالي هڪ علافيءَ جو مخصوص ۽ مشڪوڪ ڪردار ۽ ان جي واقعن جي نسبت سان مشڪوڪ ڪردار نگاري پڻ مخصوص مقصدن تحت ڪئي ويئي آهي ۽ ان جي اصل ڪردار تي پردو و ڌو ويو آهي. ڇچنامي موجب محمد علافيءَ ۽ سندس پياءُ مڪران جي گورنر سعد بن اسلم کي ڪن ڳالهين تان قتل ڪري، حجاج بن يوسف جو وڏو وڃاهه ڪيو هو. حجاج بن يوسف ٻيو گورنر موڪلي کين پڪڙي قتل ڪرڻ يا سخت بدلي وٺڻ جو حڪم جاري ڪيو هو پر انهي علافيءَ پنهنجي اڻالي سان پڄي نڪري اچي ، سنڌ ۾ راجا ڏاهر وٽ پناهه ورتي هئي. حجاج بن يوسف کان انهيءَ قتل جي معافي ۽ امان وٺڻ انهن لاءِ وڏو مسئلو هو. وڏي عرصي تائين محمد علافي ڏاهر وٽ پناهه گير هئو. منهنجي خيال مطابق حقيقت ايئن معلوم نه ٿي ٿئي. اندرُوني ٿاهه کان پوءِ دشمني جي بهاني ۾ آڙ ۾ حُجاج بن يوسف پاران محمد علافيءَ کان جاسُوسي جو ڪم وٺڻ شروع ڪيو هوندو. جيڪو وقت به وقت پنهنجي انهيءَ مُهم ۾ مصرُوف رهيو هوندو. جڏهن محمد بن قاسم ديبل تي ڪاهه ڪئي ته ڏاهر جو پٽ جيسنه پيءُ کان ساڻس مهاڏي اٽڪائڻ لاءِ ديبل وڃڻ جي اجازت گهري ٿو. ته ڏاهر علافيءَ کان راءِ پڇي ٿو ۽ علافيءَ عرب لشڪر



books.sindhsalamat.com

جي بهادري، جنگي مهارت ۽ شجاعت جي نيڪي ڪندي کيس روڪڻ جي صلاح ڏئي ٿو ته ڏاهر پنهنجي پٽ کي منع ڪري ڇڏي ٿو (7) محمد علافي ڏاهر پاران بظاهر جاسوس مقرر هو پر جڏهن علافيءَ کي ڏاهر عرب لشڪر خلاف جاسوسيءَ ۽ مک احوال معلوم ڪرڻ جو چوي ٿو ته هو اهو چئي انڪار ڪري ڇڏي ٿو ته مان مسلمان (عرب )آهيان ۽ مسلمان لشڪر (عرب لشڪر ) جي سامهون نه ٿيندس. (8) ڏاهر ڪاوڙجي پاڻ وٽان نيڪالي ڏئيس ٿو ته بيلمان هليو وڃي ٿو ۽ پوءِ محمد بن قاسم وٽ اچي ٿو ته محمد بن قاسم کيس امان ڏئي ٿو (9) محمد بن قاسم وٽ امان وٺڻ کانپوءِ ٻيهر علافي جو ڏاهر وٽ اچڻ ۽ ڏاهر جي قتل تي وڃڻ کانپوءِ سندس پٽ جيسنه کي جلا وطن ڪرڻ تائين انهيءَ خاندان سان رهڻ معنيٰ خيز ۽ خاص منصوبي تحت معلوم ٿئي ٿو. ديبل تي لشڪر جي حملي وقت محمد علافي محمد بن قاسم سان رابطي ۾ هوندو. بظاهر ڏاهر سان ٻانهن ٻيلي نظر اچي ٿو پر اندروني ٿاهه تحت عرب سپهه سالار جي مڪمل حمايت ۽ پنيرائي ڪندي نظر اچي ٿو. سندس اهڙين مشڪوڪ ڪارگذارين جي آڏار تي چئي سگهجي ٿو ته محمد علافي سِٽيل منصوبي تحت ڏاهر جي مارجي وڃڻ تائين جاسوسي به ڪئي ته ڏاهر جي پُٽ جيسنه کي جنگ بجاءِ ڀڄڻ ۽ پناهگير ٿيڻ جون صلاحون به ڏيندو رهيو. مون کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان ان ڳالهه تي اختلاف آهي، ته ڪو محمد علافي بيلمان ۾ وڃڻ ۽ مٿي ڪٿي ٿيڻ کانپوءِ محمد بن قاسم وٽ امان گهري هئي (10) جڏهن محمد علافي راجا ڏاهر جي وڃڻ کان پوءِ پنهجي پيرين سيرين ۽ پاڻ مٿي ڪٿي ٿي ويو هو ته پوءِ کيس محمد بن قاسم جي امان جي ڪهڙي گهرج هئي؟ جڏهن ته محمد علافي ڪشمير



www.sindhsalamat.com

جي راجا وٽ پناهہ ورتي جاگيرون حاصل ڪيون ۽ اتي مقيم ٿيو تہ ڪهڙي سر انجام ڏنل ڪارنامي تحت محمد بن قاسم ڪيس (11) حجاج بن يوسف کان پناهہ وٺي ڏيڻ يا امان ۽ معافي وٺي ڏيڻ جي خاطري ڏني هوندي؟ بقول ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ تہ علافيءَ کي امان هڪ تہ  ان ڪري ملي جو علافيءَ اسلام جي لشڪر خلاف ترار نہ کنئي ۽ ٻيو تہ جيسينہ کان جدا ٿي ڪشمير جي راجا وٽ وڏو درجو ماڻيائين. سندس اها ئي وڏي لياقت هئي جنهن کان محمد بن قاسم متاثر ٿيو. (12) اها ڪا ايڏي وڏي لياقت ڪانهي جنهن کان محمد بن قاسم متاثر ٿئي.علافيءَ جي انهي لياقت سان عرب سپهہ سالار ۽ سندس جنگي مهم کي ڪهڙو فائدو پيو؟ يا حُجاج سان سندس دشمني واري باهہ تي ڪهڙو ڇنڊو لڳو هوندو؟ جو ڪيس امان سان گڏ وزارت جو پروانو ملي ويجي ( 323ص) محمد بن قاسم حجاج جي حُڪم کان ٻاهر ڪو فيصلو ڪري نہ ٿي سگهيو تنهن آخر ڪهڙي مام تحت اهو فيصلو ڪيو يا قدم کنيو؟ يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ علافي کي جاسوسي ڪري ڏاهر کي ڪمزور ڪرڻ، ڪيس غلط مشورا ڏئي ڪاپائڻ، ڏاهر جي چوڻ جي باوجود عرب لشڪر خلاف ترار نہ ڪڍڻ، مقامي ماڻهن کي ٻيجاري هٿيار ڇڏڻ وغيره جهڙن شرطن عيوض علافيءَ کي سنڌ تي حملي کان اڳ حُجاج معافي ڏيڻ لاءِ راضي ٿيو هوندو. محمد علافي جو ٻيو ڪو ايڏو وڏو ڪارنامو نظر ئي نہ ٿو اچي، جو ڪيس حجاج بن يوسف کان معافي ملي سگهي يا محمد بن قاسم پاران نوازيو وڃي. هن ڳجهي ٺاهہ تحت عرب لشڪر لاءِ ڏاهر خلاف جاسوسي جو ڪارنامو سرانجام ڏئي عرب لشڪر کي فتح سان هم ڪنار ڪرڻ ۾ سرگرم عمل رهيو. جنهن عيوض ڪيس حجاج جهڙي سرڪش وائسراءِ کان معافي جي اميد



پيدا ٿي هوندي. ڏاهر بہ محسُوس ڪندي ڪيس نيڪالي ڏني. جڏهن ڏاهر ڪيس نيڪالي ڏني هوندي تہ هن عرب سپهہ سالار وٽ جوڙيل منصوبي تحت ٻيهر راجا ڏاهر کي هيٺ مٿانهيون ٻُڌائي، ڪوڙا وچن ڪري ۽ ڪيس راضي ڪري وٽس رهيو هوندو ۽ پنهنجي مقصد جي تڪميل تائين عرب لشڪر سان  وفادار رهيو هوندو. جنهن عيوض محمد بن قاسم ڪيس ملڪ جي وزارت بہ ڏني تہ سفير بہ بنايو ويو ۽ حجاج بن يوسف کان امان وٺي ڏيڻ جو وچن پاڙڻ جو بہ چيو هوندائين پر محمد بن قاسم جي معزولي سبب اهو افسانو اڌورو رهجي ويو هوندو. باقي جيڪوماڻهو آخرتائين راجا ڏاهر ۽ جيسنه سان رهي ۽ بعد ۾ پاڻ وچي پيرين سيرين ٿئي ۽ پوءِ صرف امان جو آسرو ملي سو سمجهہ کان بالاتر آهي. سنڌ تي حملي ۽ فتح دوران محمد بن قاسم جنهن بہ ماڻهو کي امان، خلعتون  يا جاگيرون عطا ڪيون هيون، تنهن کان اصل ۾ وفاداريون خريد ڪيون هيون. جنهن بہ وفاداري نہ ٿي ڪئي ۽ ڏاهر جي حمايت ڪئي ٿي، تنهن کي نہ معافي ٿي ملي نہ جاگير نہ خلعت ۽ نڪي امان ٿي مليو. چو تہ اهو ڪيس حجاج جو حڪم هو ۽ محمد بن قاسم جهڙو سپهہ سالار جيڪو حجاج بن يوسف جي حڪم کان  ٻاهر هڪ قدم نہ ٿي کنيو، سو انهي معمولي عذر عيوض پنهنجي ليکي ايڏو وڏو فيصلو ڪندي مڪران جي گورنر جي قاتل کي امان ڏئي ڇڏيندو، سو اعتبار کان ٻاهر ٿو لڳي!! حاصل مطلب تہ علافيءَ جي ڪردار تي پردو رکڻ ۽ منجهل ڪردارنگاري ڪرڻ فتحنامي جي مصنف جي افسانوي انداز کي واضح ڪري ٿو. ڇچ بن سيلائج جي حڪومت ۾ اچڻ واروافسانو بہ عجيب نموني بيان ڪيو ويو آهي. راءِ گهراڻي جي آخري حڪمران راءِ ساهسيءَ جي راڻيءَ جو ڇچ تي عاشق ٿي پوڻ ئي



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

واحد سبب ڄاڻايو ويو آهي، جنهن ڪري راءِ ساهسيءَ جي حڪمراني چچ جي حوالي ٿي. اها هڪ اهڙي ڏند ڪٿا معلوم ٿئي ٿي،جنهن کي ڪابہ تاريخي سند حاصل نہ آهي. اهو محض عام لوڪ ڪهاڻين، قصن يا ڏند ڪٿائن وانگر بيان ڪيو ويو آهي. انهيءَ عشق جو بيان، راڻيءَ جو مجبور ٿي ڏُوتيءَ جو موڪلڻ، لوڪ ڪهاڻين جي ڪردارن ۽ انهن جي ڪنهن جستيفيڪيشن بغير ڪردار نگاري نظر اچي ٿي. راءِ ساهسيءَ جي درٻار ۾ چچ جي شامل ٿيڻ جو سبب غالباً چچ جي ذهانت ۽ ڏاهپ آهي.لڳي ٿو تہ چچ حد درجي جو ذهين، شاطر، چالاڪ راهب هو جنهن کي چار ويد ياد، ٻولي ۽ لکت تي دسترس حاصل هئي.انهيءَ علم ۽ ذهانت سبب هن ٿوري عرصي ۾ راءِ ساهسيءَ کي متاثر ڪيو ۽ وڏو منصب ماڻيو. حڪومتي ڪاروهنوار ۾ هن مختصر عرصي ۾ راءِ ساهسي ۽ سندس اميرن وزيرن وٽ پذيرائي حاصل ڪري ورتي. پنهنجي عقلمندي ۽ علم جي ڪري هن ٿوري وقت ۾ پنهنجو حلقہِ احباب جوڙي ورتو هوندو ۽ سندس همدردن جودائرو جئين پوءِ تئين وڌندو ويو هوندو. اهوئي سبب آهي جو ٻين پراڻن اميرن جي هوندي ڪيس نائب وزير جي منصب تي مقررڪيو ويو ۽ رام وزيرجي مرڻ کانپوءِ ڪيس انجي جاءِ تي مقرر ڪيو ويو. سندس ڏاهپ ۽ ذهانت جي ساراهہ ممڪن آهي تہ راءِ ساهسي جي راڻي شوپا ديوي يا سُهندي يا سونهن ديويءَ بہ ٻُڌي هجي ۽ کانئس متاثر ٿي هجي. فتحنامي جي بيان موجب تہ چچ وزير ٿيڻ کانپوءِ راءِ ساهسي سان خاص ويجهو هو يا سندس ذاتي محلات ۾ پڻ، برهمڻ راحب هئڻ سبب ايندو ويندو هو. راڻيءَ سونهن ديوي ڏانهنس راغب ٿي بہ هجي پر چچ مرغوب نظر نٿو اچي. حاصل مطلب تہ چچ راءِ ساهسيءَ جي موت کانپوءِ سندس



تخت تي ويٺو. ان جا ٻہ اهم سبب ٿي سگهن ٿا. هڪ تہ چچ باصلاحيت ۽ ذهين وزير هجڻ سبب پنهنجي همدردن جووسيع حلقو جوڙي ورتو هوندو.جنهن جي تعاون ۽ مدد سان راءِ ساهسيءَ جي موت کان پوءِ راڻي جي سهاري حڪمران مقرر ڪيو ويو هوندو. ٻيو ڪارڻ تہ چچ حڪمت عملي ۽ عقلمندي تحت سگهارو بنجي چُڪو هو ۽ ٻين تي سندس رعب ويٺل هو جنهن ۾ راڻي سونهن ديوي جو راضپو پڻ شامل هو. ٻيو تہ اهو بہ ممڪن آهي تہ چچ پنهنجي حڪومتي ڪاروهنوار واري قوت جي توازن جي پيش نظر خود راءِ ساهسيءَ جي تخت تي ويٺو هجي ۽ پوءِ هن ٻين اميرن وزيرن کي مطيع ڪيو هجي. انهن ۾ راڻي سونهن ديويءَ جي ساڻس شادي وارو عمل بہ اچي ٿي ويو. بهرحال صرف راڻي سونهن ديويءَ جي عشق ۽ راضپي سبب ڊرامائي انداز ۾ چچ جي تخت نشين ٿيڻ واري واقعہ نگاري ۾ افسانوي طرز بيان جو رنگ نظر اچي ٿو.

راجا ڏاهر جو پنهنجي ڀيڻ ماڻِين سان شادي ڪرڻ وارو افسانو ۽ الزام بہ ڪنهن تاريخي سند کان وانجهو آهي. هن سنگين الزام ۽ تهمت کي ڪابہ تاريخي حمايت حاصل ڪانهي. ڪن مت ڀيد جي اثر هيٺ هڪ اهڙو بي بنياد قصو بيان ڪيو ويو آهي، جنهن جوڪنهن بہ طرح حقيقت سان پري جوواسطو بہ ناهي.خود فتحنامي جا بيان ئي ان کي بي بنياد قرار ڏيئي ڇڏن ٿا. هونئن بہ هڪ برهمڻ راجا، جنهن جي خاندان جو تعلق برهمڻ راهب ۽ پروهت سان هجي. اهو پنهنجي مذهب ۽ خانداني روايتن جي انحرافي ۾ مهاپاپ جهڙو عمل محض حڪومتي ڪاروهنوار لاءِ ڪيئن ٿي ڪري سگهيو؟ برهمڻ خاندان لاءِ اهو عمل انتهائي بدنما داغ ۽ ڏيهن ۾ بدنامي جو ڪارڻ آهي. سو راجا ڏاهر جهڙو

حڪمران اهڙي ڪريل حرڪت ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ راجا ڏاهر جو پٽ جيسنه جڏهن جلاوطن ٿي چترور کان ٿي ڪيرج جي راجا دروهر راءِ وٽ پناهه ۾ عرب لشڪر خلاف جنگ ۾ مددگهرڻ لاءِ ويو هو. تڏهن راجا دروهر راءِ ڪيس پنهنجي خاص خلوت خاني ۾ گهرايو ۽ ڪيس اولاد ڪوٺي پنهنجي راڻين جي وچ ۾ ويهاريو ته جيسينه ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي زمين کوٽڻ لڳو هو ته راجادروهر راءِ چيو هو ته هي ٽولو (عورتون) تنهنجون (ڇڻ) مائرون آهن. بيشڪ ڪنڌ مٿي ڪري نظارو ڏس، جنهن تي جيسنه وراڻيو ته اسين بنيادي طور راهب آهيون. جنهن ڪري نامحرم عورتن ڏانهن نه ڏسندا آهيون. راجا دروهر راءِ سندس پرهيزگاريءَ ۽ حياءُ جي تعريف ڪئي (13) فتحنامي جي هن بيان مان چڱي طرح پرکي ۽ پروڙي سگهجي ٿو ته ڏاهر جي شهزادي جي اها سوچ ۽ سندس پرهيز گاري ۽ سندس حياءُ جو اظهار ڪهڙو آهي؟ ان جو پيءُ اهڙو عمل ڪري سگهي ٿو. جنهن جي تربيت ۽ عملي نظرداري هيٺ سندس اهڙو حيادار اولاد رهيو هجي. وڏي ڳالهه ته خود راجا ڏاهر ٻڌيمن وزير جي صلاح نڪرن آڏو پيش ڪندي پنهنجو اظهار هن ريت ڪيو آهي ته ٻڌيمن وزير هڪ صلاح رٿي آهي، اها وڏي شرم جهڙي،اڻ وڻندڙ ۽ برهمڻن جي خاندان لاءِ بدنامي آهي ۽ هيءُ خراب ڳالهه وقت جي بادشاهن جي ڪن پوندي ۽ عام ماڻهن جي واتن تي ايندي، تڏهن اسان کي پنهنجي نيات (مذهبي حلقي) مان ڪڍي ڇڏيندا. جنهن ڪري اسانجي طريقي (برهمڻ مت) ۾ خلل پيدا ٿيندو (14) هڪ برهمڻ راجا جنهن جو پيڻ سان شادي رچائڻ واري راءِ ملڻ وقت اهو خيال ۽ احساس هجي، سو اهڙو ڪڌو ڪرتوت اختيار ڪري ممڪن ئي نظر نه ٿو اچي. اها محض افسانوي طرز تحرير ۽ مخصوص متيپيد



books.sindhsalamat.com

جي اثر هيٺ تاريخ نويسيءَ جو ئي ڪمال ٿي سگهي ٿو. ساڳئي وقت راجا ڏاهر جو هڪ ٻيو متضاد بيان فتحنامي ۾ در ج ڪيو ويو آهي، جيڪو ليکڪ جي افسانوي يا من گهڙت واقعاتي پرتيءَ کي واڪو ڪري وجهي ٿو. ڏاهر پنهنجي سڳي ڀاءُ ڏهر سينه کي پنهنجي سڳيءَ ڀيڻ مايين لاءِ اهڙو اظهار ڪري سگهي ٿو؟ ته جيتوڻيڪ مايين کي اسان سان پيءُ ڏانهن نسبت آهي، پر هو جٽن جي ڏيءَ آهي، جيڪي اصل ۾ جرائم پيشه آهن. خصوصن جٽن جون زالون امانت ۾ پرهيزگاري کان ٻاهر آهن. هندي پهاڪو مشهور آهي ته جيڪو رڍ جي ٽنگ کان وٺندو سو ڌُهندو ۽ جيڪو جٽڻي زال کي ٻانهن کان وٺندو سو اُنهيءَ تي چڙهندو (15) هڪ ته ٿورو ٿڌي دل سان ويچار ڪجي ته برهمڻ راجا اهڙي عورت سان شادي ڪري سگهي ٿو؟! فتحنامي ۾ ڪٿي به اهو ذڪر ڪونهي، جنهن مان معلوم ٿئي ته ڇچ جهڙي ڪٽر برهمڻ ڪنهن جٽڻي يا ڪنهن نيچ عورت سان شادي ڪئي هجي. فتح نامي جي بيانن ۾ ڪيڏو نه تضاد آهي. مايين بابت ڏاهر جو مٿيون بيان درج ڪيل آهي ۽ ٻئي هنڌ بيان هن طرح درج ٿيل آهي ته راڻي سونهن ديويءَ (راءِ ساهسيءَ جي راڻي) سان ڇچ جي ويڏي پڙهيائون. ڇچ کي انهيءَ منجهان ٻه پٽ ۽ هڪ ڌيءَ پيدا ٿي. هڪ پٽ جو نالو ڏاهر، ٻئي جو ڏهر سينه ۽ ڌيءَ جو نالو مايين رکيائين (16) انهيءَ موجب مايين جٽڻيءَ جي ڌيءَ نه پر هڪ راڻيءَ جي ڌيءَ هئي ۽ ڏاهر جي سڳي ڀيڻ هئي. جيڪڏهن ڏاهر مايين لاءِ اهڙا ويچار پيش ڪري پاڻ کي ٻه نيچ ظاهر ڪري ها ته پوءِ شايد خود کي برهمڻ راجا به تصور نه ڪري ها!! اهو ليکڪ ئي ڪمال جو مظاهرو ڪري هرو ڀرو اهو ثابت ڪرڻ يا سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي زوري تسليم ڪرائڻ ۽ ويساهه



www.sindhsalamat.com

ڏيارڻ لاءِ پرتي مواد شامل ڪيو آهي تہ جيئن اهو اعتبار ڪري وٺجي تہ ڏاهر ڀيڻ سان شادي ڪئي هئي پر سندس ٻن متضادن بيانن سندس افسانوي انداز کي واڪو ڪري وڌو آهي تہ اها محض ڏاهر تي مخصوص مت ڀيد تحت تهمت ڌري ڪيس نيچ ۽ گهٽيہ ڏيکارڻ جي ڪوشش هئي ۽ ڪيس قتل ڪرڻ يا ڪانئس حڪومت کسڻ جائز ۽ انصاف تي ٻڌل عمل هو. انهي ڄَسي جواز پيدا ڪرڻ جو مقصد اهو تہ جيئن باور ڪرائي سگهجي تہ سنڌ ملڪ تي حملو ڪري اهڙي حڪمران کي مارڻ ثواب دارين ۾ شامل هو. انهن ٻنهي بيانن منجهان واضح ٿئي ٿو تہ ڏاهر پنهنجي سڳي ڀيڻ سان شادي ڪري غير اخلاقيءَ ۽ غير مذهبي ڪڌو ڪم هرگز نہ ڪيو هوندو. غالباً ڏاهر پنهنجي ڀيڻ کي گهر ۾ ويهارڻ جهڙو خراب عمل اختيار ڪيو هوندو. جيڪو عمل پڻ برهمڻ طريقي ۾ شادي ڪرڻ جي برابر سمجهيو ويو هوندو ۽ ڏاهر ڀيڻ کي گهر ويهارڻ لاءِ نڪرن کي گهرائي رايامعلوم ڪيا هوندا. جهڙي ريت سنڌي سماج ۾ اڄ بہ اهڙي ڪُريت موجود آهي تہ ڪي گهراڻا محض ملڪيت جي حصي وڃڻ جي ڊپ کان نياڻين کي گهر ۾ ويهاري ڇڏيندا آهن يا حق بخشائي ڇڏيندا آهن. غالباً ڏاهر پڻ اهڙي ڪُريت جو برهمڻ طريقي ۾ ڦيريون ڦيرو اضافو ڪرڻ ٿي چاهيو. جنهن تي سندس ڀاءُ ڌهر سينہ ۽ ٻين برهمڻ پروهتن سخت مخالفت ڪئي هوندي. چاڪاڻ تہ جڏهن ڀاٽيہ جي راجا سوڀن راءِ ڀاٽيہ ڌهر سينہ ڏانهن مايين جي سڱ جو پيغام موڪليو هو تہ ڪانئس ڀيڻ جي سڱ سان گڏ شاهاڻو ڏاج گهريو هو. جنهن ۾ هڪ قلعو. پنج سو نڪر ۽ ست سئو گهوڙا طلب ڪيا هئائين. جن جو مالڪ سوڀن راءِ ٻڌجي ها (17) اهڙو خط لکي ڌهر سينہ مايين کي ڏاهر ڏانهن موڪليو هو.تڏهوڪي زماني



۾ اهو طلب ڪيل شاهاڻو ڏاج هڪ مڪمل پرڳڻي تي مشتمل لڳي ٿو. ڇاڪاڻ تہ قلعو هڪ خاص پرڳڻي يا صوبي جومرڪز هوندو هو. جنهن تي ماتحت حاڪم راڄ ڪندو هو.جيڪو انتهائي ڳرو ڏاج معلوم ٿيو پئي ۽ مايين پاڻ وٽ ويهارڻ جو ٻيو خوفائتو سبب نجومين جو مايين جي قسمت بابت فال پڻ ٿي سگهي ٿو تہ مايين جنهن راجا سان شادي ڪندي، سنڌ ملڪ انهيءَ راجا جي حوالي ٿي ويندو. تنهن ڪري گمان غالب آهي تہ راجا ڏاهر ڀيڻ مايين جو سڱ ٻئي ڪنهن راجا کي ڏيڻ بجاءِ ان کي پنهنجي گهر ۾ ويهاري ڇڏيو پر ساڻس شادي هرگز نہ ڪئي هوندي. ڀيڻ کي گهر ۾ ويهارڻ واري ڪُريت برهمڻ طريقي ۾ بدناميءَ جو ڪارڻ بڻي هوندي ۽ انهيءَ ڪُريت واري تهمت کي شاديءَ برابر سمجهندي سمجهندي، اڳتي هلي ڏند ڪٿائن ۾ شادي ڪرڻ سمجهيو ۽ بيان ڪيو ويو هوندو . ليڪڪ بنان ڪنهن سوچ ويچار ۽ حقيقتن جي ڇنڊ ڇاڻ جي، روايتن تي ويساهہ ڪري، ڏاهر کي نيچ پيش ڪرڻ جو وجهہ هٿان نہ وڃايو هوندو.

عرب مؤرخ فتحنامي ۾ ڏاهر تي ڀيڻ جي شاديءَ جي تهمت ڌرڻ کانپوءِ هڪ ٻيو اهڙو بيان درج ڪيو آهي، جيڪو سندس انهيءَ الزام جون جڙون اکيڙي ڇڏي ٿو. فتحنامي جي مؤرخ ڏاهر جي صرف هڪ ڀيڻ ڄاڻائي آهي. يعني چچ بن سيلائج جي محض هڪ ڌيءَ جو ذڪر ڪيل آهي. جنهن سان بہ ڏاهر جي شاديءَ جو بي بنياد بيان درج ڪري اڳتي هلي ڏاهر جي ڀاڻيجين جو ذڪر ڪيو آهي. ڏاهر جي انهن ڀاڻيجين جو ذڪر ٻن هنڌن تي ڪيو ويو آهي. هڪ هنڌ مؤرخ لکي ٿو تہ جڏهن ڏاهر بن چچ جو سر حاضر ڪري راجائن جي ڏيئرن ۽ راڻين



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جهڙين غلامن کي جُوتين وٽ بيهاريائون ته ڪعب انهن کي سجاڻندو ٿي ويو. آخر جڏهن ڏاهر جي ڀاڻيجيءَ کي پيش ڪيائون، تڏهن وقت جو خليفو (وليد بن عبدالملڪ) هن جي حالت ۾ صورت تي تعجب ڪائڻ لڳو. پوءِ خليفي چيو "اي ڪعب! هي راجا جي ڌيءَ آهي ۽ پاڪيزه مهانديءَ واري آهي.هن کي تون وٺي وڃي زال بناءِ. پوءِ ڪعب ڪيس زال بنايو ۽ ان مان ڪيس ڪو به ٻار پيدا نه ٿيو(18) ۽ ٻئي هنڌ بيان ڪري ٿو ته خليفي وليد حجاج بن يوسف طرفان موڪليل انهن غلام شهزادين کي فروخت ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڪي انعام طور ڏنائين. راجا ڏاهر جي ڀاڻيجي حسنه (اصل نالو سُهَندي يا سهٽي تي سگهي ٿو) کي ڏسي عجب ۾ پيو. پوءِ عبدالله بن عباس ان جي گهُر ڪئي ته خليفي چيو اي سؤٽ! هن ڪامل ۽ سهٽي ٻانهيءَ تي دل موهجي پئي آهي. دل تي چئي پاڻ وٽ رکان، ليڪن مناسب اهو ٿيندو ته تون هن کي پنهنجي زال بڻاءِ. پوءِ عبدالله انهيءَ کي نڪاح ۾ آندو پر ڪيس اولاد نه ٿيو (19) انهن ٻن بيانن مان واضح ٿيو ته ڏاهر جون به ڀاڻيجيون هيون، جن سان ٻن الڳ الڳ شاديون ڪيون ۽ وڏي تعجب جي ڳالهه اها آهي ته انهن ٻنهي همراهن کي انهن شهزادين منجهان ڪو به اولاد نه ٿيو جيڪو مخصوص نفسيات تحت بيان ڪيو ويو آهي. شهزادين جي قوم جي نسل کي به قبول نه ڪيو ويو . ان کي به نيچ سمجهي حقارت کي اڻ سڌي طرح اولاد نه ٿيڻ جي اظهار ۾ پوشيده ڪيو ويو. هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڏاهر کي هڪڙي ئي ڀيڻ ماييين هئي، جنهن سان به مؤرخ موجب ڏاهر شادي ڪئي ته پوءِ اهي ڀاڻيجيون ڪٿان آيون؟ انهي منجهان ظاهر ٿئي ٿو ته راجا ڏاهر پنهنجي ڀيڻ سان شادي هرگز نه ڪئي هئي. جيڪڏهن شادي ڪري ها ته فتحنامي جو ليکڪ



عرب مؤرخ راجا ڏاهر جي ڀاڻيجين جو ذڪر هرگزنه ڪري ها. جيتوڻيڪ انهي ڳالهه کي ڪا تاريخي سند حاصل نه به آهي، پر روايتن تي ٻڌل راجا ڏاهر جي ڀاڻيجين جوذڪر ڪري پنهنجي انهيءَ افسانوي ۾ هٿ ٺوڪيئي شامل ڪيل مواد تان پاڻ ئي پردو کڻي، ڏاهر جي ڀيڻ سان شادي واري الزام کي غلط ثابت ڪري ويو آهي. ان ڪري هاڻ مونجهاري جي عالم ۾ سوچڻو اهو آهي ته عرب مؤرخ جي ڪهڙي بيان کي درست سمجهڻ گهُرجي؟ ڏاهر جو ڀيڻ سان شادي ڪرڻ کي درست سمجهجي يا ڏاهر جي ڀاڻيجين وارو بيان صحيح سمجهجي!!! منهنجي خيال ۾ مؤرخ جو پهريون بيان سراسر بهتان ۽ بي بنياد الزام تي ٻڌل آهي. ليڪن سندس ٻيو بيان ڪنهن قدر غور طلب معلوم ٿئي ٿو. انهي سلسلي ۾ غور ويچار پڻ فتحنامي جي روشني ۾ ئي بهتر ٿيندو. هڪ هنڌ مورخ لکي ٿو ته پوءِ بادشاهي (چچ کان پوءِ) چندر (چچ جو ڀاءُ) جي حوالي ٿي. رعيت سندس همدردي ڪرڻ ڪري آرام سان گذارڻ لڳي ۽ بادشاهي جوڪاروبار نيڪ ٿيو. چندر جي بادشاهي ست سال هلي ۽ اٺين سال ۾ مري ويو. سندس مرڻ کانپوءِ ڏاهر اروڙ جي تخت تي ويٺو. چندر جو پٽ راج برهمڻاباد ۾ جان نشين ٿيو. راج جي بادشاهي هڪ سال کان وڌيڪ نه هلي. ڪانئس پوءِ ڏهر سينه بن چچ برهمڻاباد کي قبضي ۾ آندو ۽ سندس ڀيڻ ماييين پڻ ساڻس نهراءُ ڪري سندس بعيت ڪئي. (20) فتحنامي جي هن بيان منجهان معلوم ٿئي ٿو ته غالباً ڏاهر جي ڀيڻ جي شادي چندر جي پٽ راج يعني سندس سئوٽ سان ٿيل هئي.اهو گمان مؤرخ جي شامل ڪيل، راج جي مرڻ کانپوءِ ڏهر سينه جي برهمڻ آباد قلعي تي قبضي، ساڻس ماييين جي مزاحمت ۽ بعد ۾ ماييين جي نهراءُ ڪري بعيت ڪرڻ واري بيان منجهان پيدا ٿئي

ٿو. پانئجي ٿو تہ برهمڻ آباد ۾ راج جي جاءِ نشين ٿيڻ وقت يا راج جي مرڻ مهل، ڏاهر جي پيڻ ماڀين قلعي ۾ ئي موجود هئي ۽ ڏهر سينہ جي قبضي ڪرڻ وقت ماڀين ڏهر سينہ جي مخالفت ۽ مزاحمت ڪئي. ليڪن ڏهرسينہ غالب پئجي قلعي تي قبضو ڪيو ۽ ماڀين مغلوب ٿيڻ جي صورت ۾ ساڻس ڪن ڳالهين تي ٺهراءُ ڪري سندس بعيت ڪئي يا قلعي تي تسلط تسليم ڪيو. گمان ڪري سگهجي ٿو تہ راج پٽ چندر جي راڻي هجڻ جي ناتي برهمڻ آباد قلعي تي بادشاهي جو حق ماڀين جتايو هوندو، مگر قبضو قائم رکي نہ سگهي هوندي. جيڪڏهن ائين نہ هو تہ پوءِ نفاق ڇا جو!؟ ٺهراءُ ڪهڙي ڳالهہ تي ۽ بعيت ڪهڙي انحرافيءَ يا مقصد تحت ٿي؟قلعي تي ڏهر سينہ جي قبضي وقت ماڀين جي موجودگي ۽ مزاحمت ڇا ٿي ظاهر ڪري!!؟ ان ڪان علاوه اهو بہ سوال موجود آهي تہ ڀاءُ ڀيڻ جي وچ ۾ ٻيو ڪهڙو اختلاف ٿي سگهيو ٿي!؟ انهن سوالن جي پيش نظر انو مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ماڀين قلعي ۾ موجود هئي ۽ راج جي نسبت سان قلعي تي قبضو قائم رکڻ چاهيائين ۽ اها نسبت ساڻس راج جي شادي هوندي، جنهن منجهان ماڀين کي ڏيئر جو اولاد بہ ٿيو هوندو. جيڪي سنڌ جي فتح بعد مال غنيمت طور عراق پهچايون ويون هونديون. اهو بيان ظاهر ڪري ٿو تہ ڏاهر پنهنجي ڀيڻ سان شادي نہ ڪئي هئي پر جنهن وقت ڏهر سينہ، برهمڻ آباد قلعي تي قبضو ڪيو هو، غالبًا ان ڪان اڳ ماڀين راج بن چندر سان پرڻيل هئي ۽ قبضي ڪان ستت پوءِ ڏهر سينہ کي سندس ٻيهر شادي ڪرائڻ جو خيال پيدا ٿيو هوندو ۽ هن ڀاٽيہ جي راجا سوڀن راءِ ڀاٽيہ سان ماڀين جي شاديءَ جو سوچي ڀيڻ کي ڏاهر ڏانهن اروڙ موڪليو تہ جيئن هو سندس شادي ۽ گهربل ڏاج جو بندوبست ڪري.



چاڪاڻ تہ ڏهر سينہ جي پيٺ ۾ راجا ڏاهر بااختيار ۽ سڄي سنڌ ملڪ جو راجا هو ۽ اهڙي شاهاڻي ڏاج جو بندوبست راجا ڏاهرئي ڪري سگهيو ٿي. ٿي سگهي ٿو تہ ماڀين نياڻين جي اولاد سميت ڏاهر ڏانهن اروڙ جي قلعي ڏانهن منتقل ٿي آئي هجي. ليڪن ماڀين جي باري ۾ فتحنامي جي مؤرخ جو هڪ ٻيو بيان پڻ غور طلب آهي.هي بيان نہ صرف مونجهارو پيدا ڪري ٿو پر مؤرخ جي افسانوي ۽ حقيقتن ڪان پري تاريخ نويسي کي ظاهر ڪري ٿو. هڪ هنڌ لکي ٿو تہ ٿوري وقت ڪانپوءِ ڏهر سينہ کي خبر پئي تہ سندس ڀيڻ بالغ ٿي آهي ، جنهن ڪري ڪيس ڳٽتي ورتو تہ ماڀين وڏي ٿي آهي. اجان انهي ڳٽتي ۾ هو تہ رمل (ڀاٽيہ) جي راجا سوڀن راءِ ڀاٽيہ جا قاصد ان جي سڱ گُهرڻ لاءِ اچي پهتا.(21) تعجب جهڙي ڳالهہ آهي ڏهر سينہ جي برهمڻا باد جي قلعي تي قبضي وقت نابالغ ماڀين اڳ ۾ ڇو موجود هئي!!؟ اهو وسهجي تہ موجود هئي پر ان وقت نابالغ ماڀين ساڻس جنگ ڇو ڪئي ۽ ٺاهہ ڪري بعيت ڪهڙي مقصد تحت ڪئي!؟ نابالغ ماڀين تہ ڏاهر يا ڏهر سينہ منجهان ڪنهن بہ هڪ ڀاءُ جي ڪفالت هيٺ سندن قلعن ۾ هجڻ کپي ها. برهمڻ آباد قلعي تي قبضي وقت ماڀين جي موجودگي ۽ مزاحمت، ماڀين جي عمر ڪان علاوه مورخ جي حقيقت نگاريءَ ۾ گمان پيدا ڪري ٿي.فتح نامۂ سنڌ عرف چچ نامي جي مطالعاتي جائزي ۽ مشاهدي وسيلي ڏهر سينہ جي برهمڻاباد جي قلعي تي قبضي ۽ راج پٽ چندر جي مرڻ وقت ماڀين جي عمر معلوم ڪرڻ جي تلاش ۾ ڪوشش مناسب ٿيندي. فتحنامي موجب چچ بن سيلائج چاليهہ سال حڪومت ڪئي (22) جڏهن چچ نؤ عمريءَ ۾ راءِ ساهسيءَ جي دربار ۾ پهتو.ان وقت سندس فرضي طور عمر اٽڪل پندرهن سال ٻڌجي ۽ راءِ ساهسيءَ جي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

رغبت ۾ رهندي بهتر ڪارڪردگي علم، ڏاهپ ۽ دانائي وسيلي پذيرائي حاصل ڪري اول نائب وزير ۽ بعد ۾ رام وزير جي جاءِ تي مقرر ٿيڻ تائين ڪيس گهٽ ۾ گهٽ پنج سال ضرور لڳا هوندا. ان ڪان سُتت پوءِ راءِ ساهسيءَ جي بي اولاد مرڻ بعد سُتت ئي چچ سندس تخت تي ويٺو هجي . ان وقت سندس عمر ويهہ يا ايڪيهہ سال ڀڏجي تہ ان حساب سان چچ اٽڪل سٺ يا ايڪهٺ سالن جي ڄمار ۾ انتقال ڪيو. جيڪڏهن چچ جي سوهن ديوي سان شادي ساڳئي سال ڪٿجي تہ اٽڪل چچ ويهہ يا ايڪيهہ سالن جي ڄمار ۾ راڻي سوهن ديوي سان شادي ڪئي هوندي. انهي دؤران چچ حُڪومت ۾ شورشن ۽ جنگن ڪي بہ منهن ڏنو. حُڪومت سنڀالڻ ڪان اٽڪل ڇهن مهينا پوءِ راءِ ساهسيءَ جي ڀاءُ مهرٿ، جو چترور جو راجا هو چچ جي تخت نشيني تي اعتراض ڪري ساٽس چترور مان ڪهي اچي جنگ ڪئي، مگر قتل تي ويو(23) ممڪن آهي تہ ٻين ننڍين وڏين مخالفتن ڪي منهن ڏيڻ ۾ چچ ڄاڇهہ مهينا ٻيا بہ صرف تي ويا هجن. جيڪڏهن چچ اٽڪل ويهہ ايڪيهہ سالن جي ڄمار ۾ راڻي سوهن ديوي سان وهانءُ ڪيو هجي ۽ چچ کي ٽيئي ٻار راڻي سوهن ديوي منجهان ٿن سالن جي وقفي سان ڄمن تہ ڏهرسينہ ڪين حڪومت جي چوٿين سال ڏاهر ستين سال ۽ مايين ڏهين سال پيدا ٿي هوندي. اهو وقفو درست نہ بہ ليکيو وڃي ۽ ان ڪان گهٽ يا وڌيڪ بہ سمجهيو وڃي پر فرض ۽ اندازي طور عمرين جو ليکو ڪيون ٿا ۽ انهي حساب موجب چچ جي وفات وقت ڏهر سينہ جي عمر 36سال، ڏاهر 32 ۽ مايين جي عمر 28 سال ٻيهي ٿي. جيڪڏهن وقفو گهٽ بجاءِ پنج سال ٻڌون جيڪو ممڪن ئي ڪونهي تہ چچ جي وفات وقت ڏهر سينہ 34 سال، ڏاهر 29 سال ۽ مايين جي



24 سال عمر ٻيهي ٿي.جيڪا هڪ نابالغ جي عمر ڪنهن بہ قيمت تي ناهي. هاڻ اچون ٿا تہ تنهيءَ جي عمر ڏهر سينہ جي برهمڻاباد قلعي جي قبضي وقت ڪيتري هئي؟ چچ ڪانپوءِ ست سال سندس ڀاءُ چندر حڪومت هلائي ۽ اٺين سال چندر وفات ڪري ويو تہ برهمڻ آباد قلعي تي سندس پٽ راج هڪ سال حڪومت ڪئي ۽ مري ويو تہ ڏهر سينہ انهي قلعي تي قبضو ڪري ڀيڻ مايين سان نهراءُ ڪيو ۽ ڀيڻ سندس بعيت حاصل ڪئي (24) انهي لحاظ ڪان ٿلهي ليکي ست سال چندر ۽ هڪ سال راج جي حڪمراني سي ٿيا اٺ سال. ان حوالي سان قلعي تي قبضي يا ان ڪان جلدي پوءِ تنهي جي عمر پنج سال وقفي سان ڏهر سينہ 40 سال، ڏاهر 37 سال ۽ مايين جي عمر 32 سال ٻيهي ٿي ۽ جيڪڏهن ٿن سالن جي وقفي کي ڳٽپ ڪجي تہ ان وقت ڏهر سينہ 44 سال، ڏاهر 40 سال ۽ مايين جي عمر 36 سال ٻيهي ٿي.اهو حساب چچ جي چاليهہ سال حڪمراني ۽ راج جي وفات واري عرصي جي نسبت سان رٿيو ويو آهي. جيڪڏهن فتحنامي جو هيءُ بيان درست قرار ڏجي تہ مرڻ وقت راجا ڏهر سينہ جي عمر ٽيهہ سال هئي (25) جنهن کي ڊاڪٽر نبي بلوچ صاحب قرين قياس ڪونيو آهي تہ پوءِ بہ ڏاهر 27,28 سال ۽ مايين جي عمر 24,25 سال ٿئي ٿيءِ مايين جي اها عمر نابالغيءَ واري قطعي چئي نٿي سگهجي. توڙي جو عمرين ۾ هڪ سال وقفو ڏنو وڃي تڏهن بہ مايين نا بالغ نہ پر جوان ۽ بالغ هونديءاهو بہ مڃجي تہ مايين جي شاديءَ جو ڀائرن کي دير سان خيال آيو هجي پر وري بہ ساڳو سوال ڳرُ ڪٽي ٻيهي ٿو تہ مايين ڀائرن بجاءِ برهمڻ آباد قلعي ۾ ڇو هئي ۽ کهڙي نسبت سان قلعي بابت ڏهر سينہ سان مزاحمت ڪيائين؟ انهي بحث منجهان معلوم ڪري سگهجي تہ

فتح نامي سنڌ عرف چچ نامي جي مؤرخ ڪيترو نہ افسانوي رنگ ۾ حقيقتن کي منجهائي توڙي مروڙي پيش ڪيو آهي. ان کان پوءِ جي مؤرخن تہ انهن ڳالهين کي اجان وڌيڪ توڙي مروڙي پيش ڪيو. ان سموري پيرائتي احوال جي پيش نظر چئي سگهجي ٿو تہ مايين نابالغ نہ پر بالغ هئي ۽ غالباً جنهن وقت ڏاهر سينہ برهمڻ آباد قلعي کي قبضي هيٺ آندو تنهن کان اڳ سندس شادي راج پٽ چندر سان ٿيل هئي پر قلعي تي قبضي کان ستت پوءِ جڏهن رمل جي راجا سوين راءِ ڀاٽيہ سندس پيهر سڱ وڌي شاهاٽي ڏاج سان ڇڪيو تہ هن پيڻ کي ڏاهر ڏانهن موڪلي ڏاج جي بندوبست جو چيو ۽ ڏاهر انهي ڏاج جي ڏيڻ ۽ نجُومين جي نڪتل فال واري ڳالهہ جي خوف کان کيس پنهنجي گهر ۾ ويهاري ڇڏيو ۽ ڏاهر جي مارجڻ تائين اروڙ جي قلعي ۾ مايين جي موجودگي معلوم ٿئي ٿي.

سنڌ صدين کان آباد ۽ سکي ستابي رهندي آئي آهي.

سنڌو ماٿري قديم زماني کان نہ صرف امن جو گهوارو رهي آهي پر شاداب ۽ شاهوڪار هئڻ ڪري ڌارين جي اک ۾ اٽڪندي رهي آهي. سنڌ سرسبزي، شادابي، اناج جي ججهائي ميوات جي اپت کان وٺي وڻج واپار جي لحاظ کان مناسب ۽ صحتمند ملڪ رهيو آهي . هتان جي پيداواري ۽ خوشحالي جي هاڪ پرڏيهہ تائين پکڙيل هئي. اهو ئي سبب آهي جو ڌارين قومن جي ڌيان جو مرڪز رهندي آئي ۽ سندس خوشحالي تي قومن هِرڪِي هَلان پئي ڪئي آهي. ان ڪري وقفي وقفي سان مختلف قومن سنڌ تي حملو ڪري سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي مال غنيمت طور ڦريو ۽ لٽيو . هتان جي خوشحالي کي بدحالي ۽ امن کي بدامني ۾ تبديل پئي ڪيو . سنڌ جي ستابي حالت کي لٽي ان کي صديون پوئتي



ڌڪي ان جي سڪون ۽ امن کي تاراج ڪيو پئي ويو. انهي ناانصافي ۽ غيرانساني سلوڪ تي ٻڌل حملن هتان جي ادب، تاريخ، ٻولي ثقافت ۽ تهذيب کي وڏو ڇيهو رسايو جنهن ڪري علم، ادبي ۽ تاريخ جي ڏس ۾ سنڌ پاڻ پري هئڻ بجاءِ ٻاهرين ماخذن جي محتاج رهجي وئي . ٻاهرين ماڻهن جڏهن سنڌ جي حالتن تي قلم کنيو تہ انهن محصوص نفسيات ۽ مٿيپد جي پيش نظر پنهنجي علمي ۽ قلمي گوهرافشاني ڪئي. حقيقتن کي توڙي مروڙي پيش ڪيو ويو. اهو عمل خاص طور سنڌ جي تاريخ لکڻ وقت اختيار ڪيو ويو. هن ڏس ۾ فتحنامي سنڌ عرف چچنامہ ۽ تاريخ مظهر شاهجانيءَ جو مثال ڏئي سگهجي ٿو. چچنامي جي ليکڪ تہ انهي ڏس ۾ ڪمال ڪري ڏيکاريو. پنهنجي قومي رنگ ۽ سوچ جي سمنڊ ۾ لڙهندي تاريخ لکڻ وقت جنهن افسانہ نگاري جو هن مظاهرو ڪيو آهي، تنهن جو احوال ڪي قدر مٿي اچي چڪو آهي. هو عرب لشڪر کي چست ڦڙت، ويڙهاڪ تہ ڪوٺي ٿو پر راجا ڏاهر کي غافل ۽ لعين جهڙا لقب ڏئي ٿو. راجا ڏاهر جي غفلت ڪهڙي هئي سو مختصر طور احوال موقعي جي نسبت سان اڳتي ايندو مگر هت صرف اهو ڄاڻائڻو پيو آهي تہ ٻاهرين قومن حملن وسيلي سنڌ کي مفلسي ۽ بدامني جي ڏهڻ ۾ ڌڪڻ واري پنهنجي عمل کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ ڪهڙا نہ حيلا ۽ بهانا تلاش ڪيا ۽ بهتان بازين کان ڪم ورتو. جڏهن هتان جي حڪمرانن عرب توڙي بين الهندن ملڪن جي ٻيائي ۽ ملڪ تي بُري نظر رکڻ واري سوچ تي ڪڙي نظر رکي، پنهنجو حڪومتي ڪاروهنوار ڪاميابي سان هلايو. تڏهن ڪوبہ ٻاهريون حملي آور سنڌ جون سرحدون پار ڪري نہ سگهيو پر جڏهن هتان جا حڪمران ڪمزور ٿرمار ٻڌيا، تڏهن اندروني ۽ بيروني

ڪمزورين منهن ڪيو ۽ پوءِ سنڌ ملڪ بربادي جي لپيٽ ۾ به آيو ته غلامي جو ڳٽ به ڳچي ۾ پاتو. ٻي صورت ۾ ڪڏهن به ائين نه ٿئي ها. جيڪڏهن هتان جا حڪمران ٽرمار ۾ ڪمزور نه ٿين ها ته سنڌ تاراج نه ٿئي ها. ڇاڪاڻ ته جڏهن حڪمران جو عوام سان ٻي راهه روي ۽ چوٽ چاٽ وارو برتاءُ ۽ عوام جي سهنج کان بيخبري وارو مامرو اندروني انتشار جو سبب بڻجي ٿو ۽ اهو اندروني انتشار هٽي وڃي هنڌ ڪري ٿو ته خبر تڏهن پوندي آهي، جڏهن حڪمران توڙي عوامي طبقو غلامي جي جانبهه ۾ اچي ويندو آهي. ينهي ڪي انهي نتيجي جو اندازو رهندو اچي ها ته شايد سنڌ تي اهڙا ڏينهن ڪڏهن به نه اچن ها. ڇاڪاڻ ته اندروني انتشار ۽ مُتنفِر ماحول ۾ بغاوتن سان گڏ غداريون به جنم وٺن ٿيون ۽ انهي طائف المَلُوڪِيءَ ۾ ڌاريون قومون وفاداريون خريد ڪري غالب بڻجي ويندييون آهن. انهي مسئلي جي پيش نظر جيڪڏهن سنڌ جي تاريخ تي نظر وجهون تا ته سنڌ تي قبل مسيح دؤر ۾ مصرين، ڪلدانين،آرين، ايرانين، يونانين، رومين، افغانين، عربن، مغلن، ارغونن، ترخانن، انگريزن ۽ ٻين ڌارين قومن وقت به وقت حملا ڪيا . هتان جون وفاداريون به خريد ڪيون ته هتان جو امن، آزادي ۽ خوشحالي پڻ برباد ڪئي ۽ سنڌ کي مال غنيمت سمجهي يرغمال پئي ڪيو. قبل مسيح توڙي عيسوي دور ۾ سنڌ کي وقت به وقت غلامي جا طوق پارائڻ لاءِ حملا ڪيا ويا. انهي سلسلي جي هڪ ڪڙي سن 712ع ۾ عرب لشڪر جي سنڌ تي ڪاهه آهي، جنهن کي تاريخ جي آئيني ۾ ڏسڻ بهتر ٿيندو. ٻين قومن وانگر آڳاٽي زماني کان وٺي عرب قوم جون نظرون به سنڌ جي خوشحالي ۾ کتل رهنديون آيون هيون، ليڪن کين ڪاميابي نصيب نه پئي ٿي. ان جو سبب اهو هئو ته سنڌ



جي مضبوط حڪومت ۽ ان جون اندروني ۽ ٻيروني حالتون ۽ انتظام درست رهندا ٿي آيا ۽ ڪوبه حملي آور ڪامياب نه پئي ٿيو.راءِ ساهسِيءَ کان پوءِ ڇچ جي زماني ۾ پڻ سنڌ جو انتظام مستحڪم هو. ڇچ جي وقت ۾ سنڌ جون سرحدون اوڀر ۾ ڪيرج ۽ ڪشمير، اتر ۾ ڪردن جي جبل ڪيڪانا تائين، الهندي ۾ مڪران ۽ ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ تائين پکڙيل هيون. دراصل هي سرحدون راءِ گهراڻي جي ايامڪاري ۾ قائم هيون، جن کي پوءِ ڇچ پڻ مستحڪم بڻايو. سنڌ تي پهريون حملو عربن حضرت عمر فاروق رضہ جي دور خلافت ۾ ڪيو جيڪو ناڪام ويو (26) ان کان پوءِ به ڪيس حملي لاءِ پڙڪايو ويو ليڪن حضرت عمر رضہ حالتن جي نزاڪت ۽ شڪست جي اندازي کي جاچيندي پنهنجن ماتحتن کي سنڌ تي حملي کان منع ڪري ڇڏي. ان ڪانپوءِ حضرت عثمان رضہ جي دور خلافت ۾ سنڌ تي لشڪر ڪشي جو سوچيو ويو ۽ حضرت عثمان رضہ انهي سلسلي ۾ هند ۽ سنڌ تي لڙائي لاءِ لشڪر موڪلڻ چاهيو(27) پر ان کان اڳ انهن سنڌ جي حالتن جو جائزو وٺڻ چاهيو ۽ قندابيل مڪران ۾ عبدالله بن عامر جي سپهه سالاري ۾ موجود لشڪر کي پهريائين سنڌ جون حالتون معلوم ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي. انهي ڪم تي حڪم نالي جاسوس کي موڪليو ويو جنهن حالتون معلوم ڪري اول سپهه سالار کي ۽ بعد ۾ حضرت عثمان رضہ کي احوال ڏنو. سنڌ ملڪ جون حالتون ٻڌائيندي چيو ته سنڌي ماڻهو بهادر آهن ۽ جيڪو لشڪر ٿورو گهڻو ويندو سو تباهه ٿي ويندو (28) ان ڪانسواءِ ماڻهن جو رويو ۽ انهن جو عربن ڏانهن مائل هجڻ يا نه هجڻ وارو رجحان معلوم ڪري حضرت عثمان رضہ سنڌ تي فوج ڪشي کان منع جو حڪم صادر ڪيو. حضرت علي رضہ

جي خلافت جي ڏينهن ۾ پڻ سنڌ ملڪ تي فوج ڪشي ڪئي ويئي ۽ سندن ڏينهن ۾ سنڌ جي علائقي ڪيڪانا تائين حملا ٿيا. ليڪن انهي دوران حضرت علي رضہ جي شهادت جو واقعو پيش اچي ويو(29) اُموي گهراڻي جي باني حڪمران معاويہ جي ڏينهن ۾ ڪيڪانا ۽ ٻڌيہ علائقن تائين ٻيهر حملا ٿيا (30) جن تحت اڳيون پوبون ڍلون ڏيڻ ۽ ونڻ يا مقرر ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا پر معاويہ جي ڏينهن ۾ ڪين ڪا خاطر خواهہ ڪاميابي نصيب نہ ٿي. سنڌ جي علائقي ڪيڪانا ۽ ٻڌيہ (سنڌ درياهہ جو الهندو ميداني ۽ جابلو علائقو. سيوهڻ ڪان ڪڇي بلوچستان تائين) ۾ عرب لشڪر جي سپهہ سالارن ۽ سپاهين جي مارجي وڃڻ سبب شڪست کاڌي.

حجاج بن يوسف. محمد بن هارون کي هندستان (سرحدن لاءِ) جي طرف مقرر ڪيو ۽ پنهنجي اڳوٺي مقرر ڪيل منصبدار سعيد جي قاتل علافين کان بدلي ونڻ لاءِ ڳولا (جيڪي سنڌ ۾ پناهگير هئا) جي بهاني. خراج وصول ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو (31) حاصل مطلب تہ حڪمران يا خليفن قديم زماني کان سنڌ تي قبضي يا خراج وصول ڪرڻ لاءِ سوچيندي حملي ڪرڻ جي تاڙ ۾ رهندا آيا هئا. ليڪن سندن ڪويہ بهانو يا سبب ڪامياب نہ پئي رهيو. سندن حيلا وسيلا ڪارگر ان ڪري بہ نہ ٿي ٿيا جو سنڌ ملڪ جون سرحدون محفوظ. حڪومتون طاقتور ۽ مستحڪم رهيون ۽ سندن نظم ضبط برقرار رهندو ٿي آيو. حملي آور وقت بہ وقت حملي جي جواز ۽ حڪومت جي ڪمزوري جي تلاش ۾ رهندا آيا ۽ جيئن ڪين موقعو ۽ جواز مليو ٿي تہ حملو ڪري ڏنائون ٿي. انهن ڏينهن ۾ اتفاق سان سوکڙيون پاڪڙيون ڪٽي ايندڙ هڪ عرب واپاري قافلي جي لُٽجڻ سبب وائسراءِ ۽



سندس ڪن احبابن جون جڻ ڏهہ آڱريون گيهہ ۾ پئجي ويون. جو انهي واقعي کي جواز بڻائي سنڌ تي ڪاهڻ لاءِ دارالخلافت آڏو ان واقعي کي معمو بڻائي پيش ڪرڻ شروع ڪيائين. فتحنامي جي مطالعي منجهان معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ واقعي کي ڪهڙي نہ حرفتي انداز ۾ مذهبي ۽ قومي (عرب) رنگ روپ سان سينگاري سنواري پيش ڪري خليفي. عام عرب رعيت ۽ لاڳاپيل ماڻهن جي تائيد حاصل ڪرڻ لاءِ بيان ڪيو ويو. واقعي کي وڌائي چاڙهي بيان ڪيو ويو تہ جيئن مذهبي طيش ۽ جنون سبب حملي کي حق بجانب ۽ جائز قرار ڏنو وڃي ۽ هر حال ۾ ڪاهہ ڪئي وڃي . واقعي ۾ ڦُرجي ويل ماڻهن کي آزاد ۽ سندن مال واپس ڪري بدلو ورتو وڃي. ليڪن ان جي پس پرده سنڌ ملڪ تي قبضي ۽ اتان خراج حاصل ڪرڻ وارو مقصد ڪار فرما هو. فتحنامي جي بيان موجب تہ سرانديپ جي راجا جزيره يواقيت (ياقوتن جو ٻيٽ) مان حجاج لاءِ ٻيڙين وسيلي تحفا ۽ سوکڙيون موڪليون. عجيب موتي جواهر. حبشي ٻانها ، ٻانهيون ۽ ٻيا لائق تحفا ۽ بي مثال ۽ سانيڻ جهڙيون سوکڙيون دارالخلافت ڏانهن بہ روانيون ڪيائين. ڪي مسلمان زالون پڻ ڪعبي جي زيارت ۽ دارالخلافت جي ڏسڻ لاءِ انهن سان گڏجي روانيون ٿيون (32) انهن ۾ هڪ عورت پڪاريو او حجاج! منهنجي واهر ڪر. اها عورت بني عزيز قبيلي مان هئي (33) هن بيان تي ويچار ڪجي ٿو تہ معلوم ٿيندو تہ ڪي ڳالهيون محض واقعي جي حوالي سان جذبات اڀارڻ. مذهبي طيش پيدا ڪرڻ ۽ داراخلافت جي آسانيءَ سان اجازت حاصل ڪرڻ لاءِ واقعي کي پرپور جذباتي نوع ۾ بيان ڪيو ويو. جنهن جي پنيان حجاج بن يوسف جي سياسي چال نظر اچي ٿي. اها چال بازي سرانديپ جي راجا جون حجاج بن

يوسف ڏانهن سوڪڙيون خليفي لاءِ سانڍڻ لائق تحفا، مسلمان عورت جو ڪعبي جي زيارت ۽ داراخلافت ڏسڻ ۽ عرب قبيلي بني عزيز جي عورت جو پڪارڻ وارين عبارتن مان جهلڪندي پسي سگهجي ٿي. ائين ڪرڻ سان عرب عوام ۾ مسلماني ۽ عرب قبيلي جي بي حرمتي، خليفي ۽ حجاج بن يوسف جون سوڪڙيون آڻيندڙ ماڻهن جي بي ادبي جا جنوني جذبا اُڀرن ۽ خليفي تي دٻاءُ پوي ته جيئن اهو به طيش ۽ مجبوري ۾ حجاج بن يوسف کي سياسي چال کيڏڻ جي اجازت ۽ موقعو فراهم ڪري ۽ ائين ٿي ٿيو. ٻيو سرانديب مان مسلمان عورتن جو ڪعبي جي زيارت ۽ دارالخلافت لاءِ اسهڻ به غور طلب معاملو آهي. ائين ٿو معلوم ٿئي ته سرانديپ ۾ قديم زماني يا ڪنهن وڏي عرصي کان ڪي مسلمان قبيلا قيام پذير هئا. جن اڳ نه ڪعبي جي زيارت ڪئي هئي ۽ نه داراخلافت ڏٺو هو ۽ انهي مقصد لاءِ ڪي مسلمان زالون وڃي رهيون هيون. انهن بابت اها وضاحت ئي موجود ڪانهي، جنهن منجهان سمجهي سگهجي ته اهي مسلمان عرب اصل سرانديپ جا هئا يا الهندن عرب علائقن مان لڏي اچي سرانديپ ۾ قيام پذير ٿيا هئا ۽ ڪين ڀيهر ڪعبي جي زيارت ۽ دارالخلافت ڏسڻ جو خيال جاڳيو هو؟ سرانديپ جي راجا حبشي ٻانها ۽ ٻانهيون ڪٿان آنديون؟ جاگرافيائي ڀيهڪ موجب سرانديپ ايرندي طرف ڀيٽ وارو ملڪ (سيلون يا سريلنڪا وغيره هو سو ملڪ حبشين جو ڪيئن ٿيو؟ يا ليکڪ يا روايتون گهڙيندڙن ڪاري رنگ جي ماڻهن کي حبشي ڪوٺيو؟ ان ڪانپوءِ انهي عورت جنهن حجاج کي مدد لاءِ پڪاريو بابت ويچارجي ٿو ته اها به مستند نموني ذڪر هيٺ نه آندي وئي آهي. بقول ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ته انهي عورت جي قبيلي جو نالو ڪنهن به عربي



ڪتاب ۾ نظر نٿو اچي. (34) آخر ۾ اها وضاحت به ڪٿي نه ڪئي ويئي آهي، جنهن مان سڌ پوي ته سرانديپ ۽ دارال خلافت جا پاڻ ۾ ڪي دوستانا تعلقات رهندا آيا هئا. روايتن ۾ بيان ڪيل انهي واقعي ۾ ڪي ڳالهيون پرتي ڪري واقعي کي جذباتي ۽ اشتعال انگيز بڻائڻ وارو مقصد معلوم ٿئي ٿو. اصل حقيقتن کي مسخ ڪيو ويو آهي. انهي واقعي رونما ٿيڻ کان جلدي پوءِ حجاج بن يوسف سنڌ جي حاڪم راجا ڏاهر کي جيڪو خط لکيو. راجا ڏاهر جو جواب محض هڪ عبارت تي ٿي نٿو سگهي ته هي ماڻهو چور آهن ۽ انهن کان وڌيڪ طاقتور ڪو به نه آهي، اسان جي پڻ تابعداري ڪين ڪندا آهن (35) ڏاهر ضرور وضاحتي خط لکيو هوندو ۽ پنهنجي دفاع ۾ ڪي حقيقتون ۽ حالتون بيان ڪري بي گناهي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي هوندي. سياسي ۽ سماجي اختيارين جي روشني ۾ ڪي ٻيا سبب پڻ پيش ڪيا هوندائين. هڪ ملڪ جو حڪمران گنڀير مسئلي جي روشني ۾ ٻن ٽن سٽن تي مشتمل جواب ڪيئن ٿي ڏئي سگهيو؟ واقعي جي نوعيت ۽ ملوث ماڻهن جي حرڪت بابت اوس تفصيل سان خط لکيو هوندائين. انهي واقعي کي مير معصوم بکري تاريخ معصومي ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي ته خليفي هندستان مان ٻانهيون ۽ ٻيو سامان خريد ڪرڻ لاءِ پنهنجا ڪي نوڪر موڪليا هئا. جن سان شام جا ڪي واپاري به گڏجي سنڌ ملڪ آيا هئا (36) تاريخ معصومي مطابق حجاج بن يوسف خليفي کي گذارش ڪئي ته سنڌ جي ماڻهن خليفي جي نوڪرن جي بي ادبي ڪئي آهي ۽ انهن ماڻهن جي آزاد ڪرائڻ سان ممڪن آهي ته دولت پڻ هٿ اچي. دارالخلافت کي موڪليل انهي عريضي کان اڳ سنڌ ملڪ جي جاسوسي، دشمن جي انداز

۽ لشڪر بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ بہ هوشيار (هوشيارماڻهو سنڌ) موڪليائين. انهن ماڻهن حجاج جو خط اچي ڏاهر جي حوالي ڪيو تہ ڏاهر عزت ۽ تعظيم سان خط وصول ڪيو خليفي جي ماڻهن جي بي ادبي بابت اتفاق ۽ نفاق جا جملا ڳالهايائين ۽ پاڻ کي بي ڏوهي قرار ڏنائين. جاچ ڪري واقعي ۾ ملوث ماڻهن جي ڪڍ پنهنجا ماڻهو موڪليائين. انهن ٻنهي ماڻهن (جاسوسن) کي عزت سان نوازي جوابي خط لکيائين تہ ديبل بندر ۾ ڦورن جو هڪ ٽولو رهي ٿو جن هيءَ بي ادبي ڪئي آهي ۽ اهي اسان جي اختيار کان ٻاهر آهن ۽ جنهن ٽولي خليفي جي نوڪرن جي بي حرمتي ڪئي آهي، تن جي ڳولا ۾ ماڻهو روانا ڪريون ٿا. جيڪڏهن هٿ لڳا تہ انهن کي سزا ڏينداسون ۽ جيڪو مال ڪٽي ويا آهن سو واپس خليفي جي خدمت ۾ موڪلينداسون (37) فتحنامي ۽ تاريخ معصومي جي بيان ڪيل واقعي ۽ خط جي متن ۾ وڏو فرق ۽ تضاد موجود آهي، جيتوڻيڪ فتحنامو اڳ جو لکيل آهي ۽ تاريخ معصومي بعد ۾ لکي وئي آهي پر تاريخ معصوم جو بيان ڪنهن قدر مناسب ۽ وزندار لڳي ٿو جيڪڏهن راجا ڏاهر جو رويو جاسوسن سان شفقت ۽ تعظيم وارو آهي ۽ (هوندو پڻ) سندس خط جو متن اهو تاريخ معصومي وارو آهي (هجڻ بہ کپي) تہ پوءِ سياسي تدبر جي تقاضا اها هئي تہ حجاج بن يوسف ڪجهہ وقت انتظار ڪري ها. ليڪن حجاج بن يوسف جي من ۾ ئي سنڌ ملڪ تي حملي ۽ مال غنيمت هٿ ڪرڻ هو تہ سياسي تدبر کان ڪم وٺندي انتظار ڪيئن ٿي ڪري سگهيو؟ سندس من جي ارادي ۽ مُراد ۾ ئي خلل هو جو وقت جي خليفي کي هڪ طرف حملي جي اجازت لاءِ عريضو لکيائين ۽ ٻئي طرف عريضي جي جواب پهچڻ کان اڳ بہ



books.sindhsalamat.com

جاسوس سنڌ موڪليائين جن اڳواٽ اچي سنڌ ملڪ جي سياسي سماجي جاچ ۽ اندروني بيروني معاملن جي پرک ۽ پڙتال ڪئي. حجاج بن يوسف جاسوسن وسيلي معلوم ڪرڻ چاهيو هوندو تہ حڪمران ۽ عوام ۾ ڪيتري قدر موافقت ۽ نفاق آهي. ملڪ جي فوجي قوت جي ڪهڙي صورتحال آهي؟ حملو ڪيئن، ڪهڙي صورت ۾، ڪهڙي هنڌان، سنڌائتو ۽ ڪارگر ٿي سگهي ٿو. هڪ تہ واقعي ۽ واقعي ۾ ڦُرجي ويل ماڻهن بابت روايتي بيانن ۾ تضاد ۽ ٻنهي تاريخ نويسين جي بيانن کي ڪابہ تاريخي سند حاصل ڪانهي پر تنهن هوندي بہ تاريخ معصومي جي ليکڪ کي قدر اعتدال کان ڪم ورتو آهي پر فتحنامي جو مؤرخ تہ حجاج بن يوسف ۽ عرب حملي آورن جي طرفداري ۾ قلم ۾ جنبش آڻيندي نظر اچي ٿو. هن موصوف ڏاهر جي خط جي متن ۾ صرف اها عبارت درج ڪئي آهي، جنهن مان رڳو انڪار جو تاثر ملي ٿو. فتحنامو انهي سلسلي ۾ وڌيڪ بيان ڪري ٿو تہ (جاسوس پاران سنڌ ملڪ جي سربستي احوال ۽ ڏاهر جي خط ملڻ کانپوءِ) حجاج بن يوسف خليفي وليد بن عبدالملڪ بن مروان جي خدمت ۾ اطلاع موڪلي کانئس سنڌ ۽ هند جي جهاد جي اجازت (هيءُ اجازت طلبي شايد جاسوسن جي احوال کان اڳ واري پهرين عريضي جي آهي) طلب ڪئي، خليفي، حجاج کي موڪل نہ ڏني، ٻيو پيرو (جاسوسن جي احوال ۽ ڏاهر جي خط ملڻ شرط لکيائين تہ آخر اجازت ڏني وئي(39) اجازت ملڻ شرط حجاج بن يوسف بديل نالي شخص کي محمد بن هارون ڏانهن مڪران موڪلي کانئس لشڪر طلب ڪري سنڌ تي حملو ڪيو. بديل وٽ ٽن هزارن تي مشتمل لشڪر هو. ڏاهر جي پٽ جيسينہ ديبل وٽ سندس مقابلو ڪيو. انهي مقابلي ۾ بديل



www.sindhsalamat.com

مارجي ويو ۽ عرب لشڪر کي شڪست نصيب ٿي (40) هن شڪست ڪانپوءِ حجاج بن يوسف ٻُڪايل شينهن وانگر مڇرجي پيو ۽ دارالخلافت ڏانهن سنڌ تي حملي لاءِ لکيو پر خليفي سنڌ جو ڏورانهين هجڻ، لشڪر جي تڪليف، لشڪر جي خرچ ۽ خاطر خواهه بندوبست ٿي نہ سگهڻ جي عذر تحت کيس اجازت نہ ڏني. حجاج بن يوسف ٻيهر خليفي کي گذارش ڪئي تہ لشڪر جي تياري ۽ انتظام وغيره سبب ڪجهہ موجود آهي. جيڪڏهن خرچ جو بار ۽ تڪليف ٿي تہ آئون ان جو جوابدار آهيان تہ دالخلافت جي خزاني مان لشڪر تي جيتري بہ رقم خرچ ٿي تہ انهي کان ٻيڻي ٽيڻي رقم خزاني ۾ داخل ڪرائي ويندي (41) اجازت ملڻ سان حجاج بن يوسف ڪجهہ لشڪر داراخلافت کان ۽ ڪجهہ پنهنجي حڪمراني واري علائقي جا ناليرا ويڙهاڪ زوري (42) گڏ ڪري لشڪر تيار ڪيائين ۽ محمد بن قاسم کي سپهہ سالار مقرر ڪري سنڌ ملڪ تي ڪاهہ لاءِ روانو ڪري کيس هدايت ۽ تاڪيد ڪيائين. حاصل مطلب تہ سنڌ تي عربن جي ڪاهہ جو اصل ڪارڻ مذهبي بالادستي ۽ قيدي مسلمان آزاد ڪرڻ نہ هو پر انهي جي آڙ ۾ حجاج بن يوسف جي ذهن ۾ سنڌ جي خوشحالي ۽ مال غنيمت هو. انهي ڳالهہ جي تصديق خود فتحنامي جي ڪن درج ڪيل بيانن منجهان ئي ٿي وڃي ٿي. جنگي مهم دؤران جڏهن محمد بن قاسم درياهہ اُڪري اپرندي طرف پهتو تہ سندس لشڪر لاءِ کاڌ خوراڪ جي کوٽ ۽ گهوڙن لاءِ چاري جي اٽاٽ ٿي ويئي، گهوڙا بک ۽ بيماري سبب مرڻ لڳا (43) انهي حالت ۾ ڏاهر کيس خط لکيو تہ صلح ڪرڻ لاءِ لشڪر ۽ گهوڙن لاءِ کاڌ خوراڪ جي رسد ڪئي ويندي. محمد بن قاسم کيس جواب ۾ صلح جو شرط وجهندي لکيو تہ تو هيترا سال



سرڪشي ۽ بي اتفاقي (آڻ نہ مڃڻ) ڪئي آهي، اهو سمورو مال (گذريل ڪافي سالن جو خراج) دارالخلافت جي خزاني ۾ جمع ڪرائيندين تہ تنهنجي منهنجي وچ ۾ صلح ٿيندو نہ تہ خدا تعاليٰ جي مدد سان تنهنجو سر عراق نيندس (44) هن بيان مان ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌ ملڪ کان آڳاٽي وقت کان ڏن يا خراج جي گهر ٿيندي پئي آئي هئي ۽ سنڌ ملڪ جي راجائن خاص طور ڏاهر انڪار ڪندو پئي آيو. انهي ڪاوڙ سبب مٿس حملي لاءِ سانباها پئي ٿيا، مگر جواز يا موقعو نہ پئي مليو . جيڪڏهن موقعو مليو بہ پئي تہ ڪاميابي نہ پئي ٿي. جڏهن ديبل جي قريب واپاري قافلو لٽيو تہ انهي کي حجاج بن يوسف غنيمت ڄاڻي موقعو هٿان نہ وڃايو ۽ محمد بن قاسم کي چڙهائي لاءِ مخصوص هدايتون ڏئي موڪليو. محمد بن قاسم جي خط مان ئي معلوم ٿئي ٿو تہ لشڪر ڪشي جو اصل مقصد ڪهڙو هو. محمد بن قاسم، ڏاهر کي خراج ڀرڻ بجاءِ اسلام قبول ڪرڻ ۽ اسلامي نظام حڪومت رائج ڪرڻ جو شرط ڇو نہ وڌو!؟ جيڪڏهن ڪافرن خلاف جهاد هو تہ خراج جي گهر ڇو ڪيائين!؟ ان ڪانسواءِ ڏاهر ڏانهن محمد بن قاسم جي لکيل هڪ خط جو متن هن طرح پڻ درج ٿيل آهي تہ ”دارالخلافت جو نبوت جو نائب آهي جو حڪم جاري آهي ۽ سڀ (ملڪ) فرمان بجا آڻن ٿا، فقط تون ئي سرڪش ۽ شوخي ڪرين ٿو. بيت المال جي خزاني جا اهي جيڪي اڳيان حاڪم ۽ گذريل بادشاهہ (سنڌ جا) پاڻ ئي لازم ۽ واجب سمجهي ادا ڪندا رهيا هئا سي تو روڪي ڇڏيا آهن. جڏهن تو پاڻ کي هنن اڻ وڻندڙ خصلتن (خراج نہ ڏيڻ) سان خراب ڪيو خدمت کان جواب ڏنو(انڪار ڪيو) ۽ اهڙين برين ڳالهين (خراج روڪڻ( کي جائز سمجهيو تڏهن دارالخلافت جو فرمان پهتو تہ



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مان انهن ڪرتوتن جي بدلي وٺڻ لاءِ تنهنجي لڙائي ڏانهن رخ ڪريان(45) فتحنامي منجهه درج ڪيل محمد بن قاسم جي خط جي هن متن مان حملي جو اصل ڪارڻ صاف صاف بيان ڪيل آهي تہ راجا ڏاهر کان آڳاٽي وقت ۾ وڏي عرصي کان خراج ڏيڻ جي گهر ٿيندي رهي هئي، ليڪن ڏاهر کين صاف انڪار ڪندي جواب ڏيئي ڇڏيو هو. انڪار جو سبب سندس مستحڪم حڪومت ۽ نظم ضبط هو. دارالخلافت، خاص طور حجاج بن يوسف جو اهو پراڻو مطالبو ۽ ان جي انڪار سبب ڏمر بہ پراڻو هو. ان جي تصديق فتحنامي ۾ موجود ان بيان مان ٿي وڃي ٿي تہ هڪ ڏينهن حجاج بن يوسف، محمد بن قاسم کي چيو تہ "توکي وڏي درجي تي رسائڻو آهي جو بہ گهرڻو اٿئي سو گهر" محمد بن قاسم وراڻيو تہ "مون کي بادشاهہ بڻاءِ ۽ پنهنجي نياڻي پرڻاءِ. حجاج بن يوسف لڪڻ جي ڏڪ سان سندس پٽڪو لاهي وڌو. حجاج ٻيهر ساڳي ڳالهہ چيس ۽ محمد بن قاسم کي چيو تہ جڏهن وڏو ٿيندين ۽ شاهہ بڻبين تہ لشڪر ساڻ ڪري فارس (ايران) يا هند تي ڪاهيندين. اتي جو مال حاصل ڪندين ۽ انهن ملڪن کي فتح ڪري قبضي هيٺ آڻيندين. جڏهن هو پڇن تہ سامان ۽ خزانو قبضي ۾ ڪجو. (46) تڏهن توکي انهي شرط تي بادشاهي ۽ نياڻي ڏيندس. هن بيان ۾ بہ ملڪ فتح ڪري مال حاصل ڪرڻ جي نيت ظاهر ڪئي ويئي آهي، نہ ڪي اُهي ملڪ فتح ڪري اسلام جو جهنڊو بلند ڪري، اسلامي حڪومت قائم ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي ويئي آهي. سنڌ فتح ٿيڻ کان پوءِ ڪن مقامي ماڻهن برابر اسلام قبول ڪيو ۽ انهن تان ڏل معاف ڪئي وئي پر جن قبول نہ ڪيو تن تي ڏل لازم قرار ڏني وئي (47) اُنهن تي ڏل مڙهڻ بجاءِ کين اسلام سان مُشرف ڇو نہ ڪيو ويو؟ فتح کان پوءِ



برهمڻن يا هندُن پاڻ ۾ مشورا ڪيا تہ جيڪڏهن عربن جو چوڻ نہ مڃينداسين تہ نہ مال رهندو ۽ نہ گذران جو ذريعي (48) برهمڻن بہ عرب انهيءَ ڪري ئي ڪوٺيو هوندو جو جنگ ئي مال غنيمت جي لاءِ هئي نڪي اسلام جي لاءِ هُئي.اسلام جي پرچار جي حوالي سان جنگ هجي ها تہ برهمڻ ضرور عرب بجاءِ مسلمان چون ها. مطلب تہ هند، سنڌ يا ٻين مشرقي ۽ مغربي ملڪن تي ڪاهون مال غنيمت ۽ خراج وصول ڪرڻ لاءِ ڪيون ويون هيون. جنهن جي هڪ ڪڙي محمد بن قاسم جي سپهہ سالاري ۾ سنڌ تي ڪاهہ پڻ آهي. فتحنامي جي متين بيانن جي مطالعاتي جائزي کان پوءِ محمد بن قاسم ڏانهن حجاج بن يوسف جي لکيل خطن جو بغور مطالبو ڪبو تہ اڪثر خطن ۾ مال ميڙڻ، اُتي ڏل مقرر ڪرڻ، ڏلون قبول نہ ڪندڙن کي سخت سزا ۽ سيڪت ڏيڻ، مال غنيمت جو حصول دارالخلافت موڪلڻ، اتان جي (سنڌ جي) ماڻهن کي وفاداريون تبديل ڪرڻ جي عيوض امان ۽ جاگيرون عطا ڪرڻ، انحرافي ڪندڙ ماڻهن کي لالچائڻ، ڌمڪائڻ وغيره جهڙا مضمون شامل نظر ايندا. انهي بحث جي وچور ۾ چئي سگهجي ٿو تہ حملو محض مال غنيمت ۽ دارالخلافت جي ڏل مقرر ڪرڻ لاءِ ڪيو هو سو ديبل جي ويجهو قافلي لٽجڻ وارو واقعو هڪ بهانو هو جنهن کي جواز بڻائي حملو ڪيو ويو. سو بہ انهي صورت ۾ ڪامياب ويو هو جو حجاج بن يوسف جاسوسن وسيلي سنڌ جون اندروني انتشار واريون حالتون معلوم ڪري ورتيون هيون ۽ کيس پڪ ٿي ويئي هئي تہ سندس حملو هر حال ۾ ڪامياب ۽ ڪارگر ثابت ٿيندو. اهو ئي سبب هو جو هن دارالخلافت کي مڪمل خاطري ۽ اعتماد سان لشڪر جي ڪاميابي جو يقين ڏياريو هو. فتح جو اهم ڪارڻ ڏاهر جي

حُڪومت جو اندروني عوامي انتشار هو. سماجي ۽ مذهبي اونچ نيچ وارين حالتن برهمڻ راڄ جي ٿنڀن کي آهستي آهستي اڏوهي وانگر ڪائي ڪمزور ڪري ڇڏيو . جيڪو سندن شڪست جو اهم ترين ڪارڻ بڻيو.

چچ ڪان وٺي راجا ڏاهر تائين برهمڻ گهراڻي جي ايامڪاري ۾ ڇوت ڇات ۽ مذهبي مت ڀيد کي عروج تي رسايو ويو. جنهن ڪري عوام جو وڏو حصو سندن مظالم ۽ صادر ڪيل حڪمن جي عتاب هيٺ رهيو. انهي سبب جي ڪري عوام ۽ حڪومت ۾ وڇوٽيون وڌڻ لڳيون، جن اڳتي هلي ملڪي سطح تي سياسي ۽ سماجي ڪمزورين جو روپ ڌاري ورتو. انهن نفرتن ۽ عداوتن سبب ڀڃاڙڪن ڏينهن ۾ ڏاهر جي حڪومت نهايت ڪمزور محسوس ٿئي ٿي. چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ عوام جو وڏو انگ مذهبي مت ڀيد ۽ سماجي ڇوت ڇات وارين روايتن سبب متنفر ۽ برخلاف هو. جنهن ڪيس اندروني معاملن ۾ ڪمزور ڪيو ۽ جنهن جو فائدو حملي آورن ڀرپور نموني سان ورتو. برهمڻن ذات پات اونچ نيچ ۽ مذهبي متڀيد کي لاحد بڻائي ڇڏيو جنهن ڪري اها نوبت پيش آئي. فتحنامي ۾ هڪ هنڌ ڄاڻايل آهي تہ چچ برهمڻاباد ۾ منزل ڪري اتي جي ماڻهن کي مطيع ڪيو. لوهاڻي جي جتن کي ذليل ڪري، انهن جي اڳواڻن کي سزا ڏئي مٿن شرط عائد ڪيا تہ ڪن خاص حالتن کانسواءِ ترار نہ ڪڍندا، بخمل ۽ ريشم جا ڪپڙا نہ پهريندا، سندن مٿي تہ چادر ڪٽي سوٽي بہ هجي پر هيٺين چادر ضرور اوني ڳاڙهي رنگ جي هوندي. گهوڙي تي هنو نہ رکندا، مٿو ۽ پير اگهاڙا رکندا، گهر کان ٻاهر نڪرندا تہ ڪتا پاڻ سان ڪڻندا، برهمڻا باد جي قلعي جي گورنر (حاڪم) جي بورچيخاني لاءِ ڪاٺيون پهچائيندا رهندا، رهبري



(سونهين طور) خواهہ جاسوسيءَ لاءِ پاڻ انهن کي موڪليو ويندو (49) ساڳي ڳالهہ تاريخ ريگستان جي مصنف هندو ازم تي بحث ڪندي ڪئي آهي، جنهن منجهان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي ڇوت ڇات واريون رسمون اڄ بہ موجود آهن. رائچند هريجن لکي ٿو تہ ٿر جي اڇوتن تي نڪرن جا عجيب بنڌن مقرر ٿيل آهن ۽ انهن جي نڪرن کي شادي وقت اڇوت رپيو ڏيئي نڪرن جي مالڪي ۽ مٿانهپ صادر ڪرڻ، شادي وقت موڙ ٻڌڻ، اُٺ يا گهوڙي تي جهُل وجهي چڙهڻ جي منع هجڻ ،ريشمي يا اونچو ڪپڙو نہ پائڻ، سونا يا ٻيا ڪي زيور نہ پائڻ، نڪرن کي سڱاوتي معاملن ۾ لُنگ وٺڻ ۽ مهمان اچڻ جي صورت ۾ نڪرن لاءِ ڪاٺي ڪانو آڻڻ وغيره شامل آهن (50) لڳ ڀڳ ساڳيا شرط نظر اچن ٿا، جيڪي چچ برهمڻاباد جي جتن سان لاڳو ڪيا هئا، سي ٿر جي اڇوت ذاتين لاءِ اڄ سوڌو مروج آهن. انهن ساڳين شرطن ۽ اونچ نيچ جي رسمن جي موجودگي ڏاهر جي ڏينهن ۾ بہ ملي ٿي. برهمڻاباد فتح ٿيڻ کانپوءِ موڪي پٽ وسائي جي موجودگي ۾ سياڪر وزير محمد بن قاسم سان، لوهاڻي جي انهن جتن سان لاڳو ساڳن شرط جو بيان ڪري ٿو. (51) حاصل مطلب تہ جنهن وقت عرب لشڪر سنڌ تي ڪاهہ ڪئي، ان وقت لکين نيچ ذاتين جا ماڻهو ۽ مذهبي فرق جي حوالي سان ٻڌمت جا پيروڪار برهمڻن جي متڀيد واري سُلوڪ جا شڪار رهندا آيا هئا. جتن يا اهڙين ٻين گهٽ ذاتين سان نڪرن ۽ برهمڻ جو انتهائي نيچ ۽ انسانيت سوز برتاءُ ۽ ٻُڌمت وارن سان برهمڻن جي ايامڪاريءَ ۾ مذهبي متڀيد جو ورتاءُ ڏاهر جي شڪست جو اهم ڪارڻ بڻيو. برهمڻ گهراڻي جي حڪمراني کان اڳ راءِ گهراڻي جا حڪمران ٻڌ ڌرم جا پيروڪار هئا. موريا گهراڻي کان راءِ گهراڻي جي زوال تائين ٻڌ



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڌرم جي پوئلڳن کي زيربار ڪري ڪين ثانوي حيثيت ڏني وئي. جيتوڻيڪ برهمڻ گهراڻي جي ايامڪاري ۾ ٻوڌي شمنين يا پروهتن جو حڪومتي ڪاروهنوار ۾ به عمل دخل رهيو ليڪن مٿن حڪومت برهمڻ راجائن يا شهزادن جي هئي . برهمڻن جي حڪم جا مطيع هئا. مٿن برهمڻ راجائن شهزادن ۾ ٺڪرن جي برتري قائم هئي. راجا ڏاهر جي حڪمراني جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ انهن وچوٽين ۾ متڀيدن هٽي وڃي هنڌ ڪيو. حڪمران طبقي ۽ عوام الناس وچ ۾ ذهني هم آهنگي، مذهبي اعتدال جي ڪوٽ چوٽ چڙهي ويئي . مذهبي متڀيد جا شڪار اڇُوت ۽ ٻوڌي حڪمران طبقي جي روِش کان جهڙوڪر ڇوٽڪاري جي تلاش ۾ سرگردان ٿي ويا. جڏهن محمد بن قاسم کان اڳ بديل سنڌ تي حملو ڪيو هو ۽ مارجي ويو هو ته انهي معرڪي کان سِتت پوءِ نيرون ڪوٽ جي سُندر نالي شمني حاڪم ڏاهر کي اطلاع ڪانسواءِ (ڳجهه ڳوهه ۾) پنهنجا معتبر ماڻهو حجاج جي خدمت ۾ موڪلي امان گهريو هو ۽ پاڻ تي ڍل (اطاعت ڪندي) مقرر ڪئي هئائين. وقت سر خراج ڏيڻ جو انجام ڪيو هئائين (52) محمد بن قاسم جي حملي ۽ ديبل فتح ٿيڻ کانپوءِ عرب لشڪر جڏهن نيرون ڪوٽ جي پر ۾ پهتو ته سيڌي سامان, گهوڙن جي گاهه ۽ پاڻي جي کوٽ واري تڪليف ۾ ڦاسي پيو. تڏهن انهي ساڳي شمني ڏانهس سيڌو سامان ۽ گهوڙن لاءِ چارو موڪليو. سندس شاندار استقبال ڪندي عرب لشڪر لاءِ نيرون ڪوٽ جا دروازا کولي ڇڏيا (53) انهي شمني آساني سان قلعو عرب لشڪر جي حوالي ڪري انعام اڪرام ۽ خلعتون وصول ڪيون. نيرون ڪوٽ کانپوءِ جڏهن عرب لشڪر سيوستان (سيوهڻ) جي قلعي ڏانهن وڌيو ته رستي ۾ موج نالي جاءِ تي رهنڊڙ ٻڌ ڌرم جي پيرو


books.sindhsalamat.com

ڪارن ۽ انهن جي اڳواڻ شمني ساڻس رغبت رکي، سيوستان جي حاڪم ڏاهر جي سئوٽ ٻجهراءَ پٽ چندر کي ڳُجهي پيغام لکي موڪليو ته اسين زاهد (ٻوڌي پروهت) ماڻهو آهيون, اسان جو دين امن پسندي ۽ مذهب عاقبت پسند آهي، اسان جي طريقي (مذهب) ۾ جنگ ۽ ڪوس جائز نه آهي ۽ خون وهائڻ جي حق ۾ نه آهيون. تون (حاڪم) اڳ بلند قلعي ۾ ويٺو آهين ۽ اسين (عوام) ٻچون ٿا ته جڏهن هيءَ ماڻهو ايندا ته اسان کي تنهنجو تابعدار سمجهي اسان جون جانيون ۽ مال ڪسي وٺندا (54) فتحنامي جي هن بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته ٻڌ شمني ۽ ٻڌ ڌرم سان تعلق رکندڙ ماڻهو برهمڻن ۽ انهن جي راجائن جا دلي طرح تابع نه هئا. مجبوري وارين حالتن ۾ تابعدار بڻيل هئا. اهو به ممڪن آهي ته محمد بن قاسم جي حملي کان اڳ نيرون ڪوٽ جي سُندر نالي شمني جيڪو حجاج بن يوسف سان اندروني ناهه ڪري خراج ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو تنهن ٻين ٻوڌين کي به عربن جي اطاعت لاءِ آماده ڪيو هجي يا اهو به ممڪن آهي ته محمد بن قاسم جي حملي ۽ جنگي مهم دوران سنڌ ۾ مقيم ٻُڌ ڌرم جي پيروڪارن کي ڳجهي طرح پيغام موڪلي انهيءَ سُندر شمني محمد بن قاسم جي حمايت ۽ اطاعت جي پرچار ڪئي هجي ۽ ڪين ان ڳالهه تي مذهبي حوالن سان آماده ڪيو هجي ۽ پوءِ سنڌ جي هر هڪ علائقي وارن ٻوڌي ماڻهن عرب لشڪر جي حمايت ۽ مدد ڪئي هجي. چاڪاڻ ته جڏهن محمد بن قاسم جاسوسن (شايد ٻوڌي) وسيلي معلوم ڪيو هوندو ته ٻجهراءَ ۽ عوام (ٻڌمت وارا) هڪٻئي کان متنفر آهن. تڏهن سيوستان جي قلعي آڏو ميدان وٽ منزل ڪيائين. ٻجهراءَ ساڻس لڙائي لاءِ تيار ٿي ويو مگر ٻڌ شمنين ڪيس منع ڪئي پر ٻجهراءَ سندن چال ۾ نه آيو ۽ لڙائي جا


www.sindhsalamat.com

سانباها ڪيائين تہ شمنين عرب سپهہ سالار ڏانهن نياپو موڪليو تہ سموري رعيت (ٻڌ پيروڪار) جهڙوڪ: هاري، ڪاريگر، واپاري ۽ عام ماڻهو ٻجهراءُ کان پڇي پري ٿيا آهن ۽ ساڻس سهڪاري نہ آهن. ٻجهراءَ کي ايترو (جنگي) سامان ۽ تياري پڻ نہ آهي، جو تنهنجو مقابلو ڪري ۽ لڙائي ۾ توسان هٿ ڳنڍي سگهي (55) انهي احوال ملڻ سان عرب لشڪر رات ڏينهن لڙائي ڪري سيوستان قلعي کي فتح ڪيو تہ ٻجهراءَ پڇي وڃي ٻُڌيہ جي سيسم نالي قلعي ۾ پناهہ ورتي ۽ عرب لشڪر سان ٻيهر جنگ ڪرڻ لاءِ فوجي قوت سهيڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ٻڌيہ جي قلعي سيسم جي حاڪم ڪاڪي پٽ ڪوتل ٻڌ ڀڪشو پنهنجن شمنين ۽ ٻڌ پروهتن کي عرب لشڪر جي اطاعت لاءِ راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن ڪن سردارن انڪار ڪري مقابلي کي ترجيح ڏني ۽ عرب لشڪر کي راتاهي ڏيڻ جو سوچيو مگر جڏهن راتاهو ناڪام ٿيو تہ ڪاڪي پٽ ڪوتل جي صلاح ۾ اچي ويا ۽ عرب لشڪر سيسم جي قلعي تي چڙهائي ڪئي تہ ٻجهراءَ بہ ڏينهن لڙائي ڪري شڪست جو اندازو ڪري ڀاڄ ڪاڏي تہ ڪاڪو پٽ ڪوتل ڀڪشو محمد بن قاسم وٽ پيش پيو ۽ خلعتون وصول ڪري پراڻي دلي مراد پوري ڪيائين. جنگي مهم ۾ سندس اطاعت ۾ ماڻهن ۾ زور آزمائي شروع ڪيائين(56)

محمد بن قاسم کي حجاج پاران حڪم مليو تہ درياهہ ٽپي اپرندڙ (سنڌ درياهہ جي) طرف حملو ڪري راجا ڏاهر سان مقابلو ڪري درياهہ ٽپڻ وقت محمد بن قاسم موڪي پٽ وسائي (شايد نڪر) کي جاگيرون خلعتون ۽ ٻيا انعام اڪرام آڇي، لالچائي پنهنجو ڪري، ساڻس ڳجهو ناهہ ڪيائين. موڪي پٽ وسائي ڏاهر جي ملامت کان بچڻ لاءِ محمد بن قاسم کي چيو تہ



books.sindhsalamat.com

آئون ساڪري جي راڻي (راجا) جي شاديءَ ۾ شرڪت جي بهاني وڃي رهيو آهيان، اتي هڪ رستي (؟) تي آئون ٻيهي رهندس ۽ تون ان جاءِ تي پنهنجو جنگي جٿو موڪلي (حملي جي نموني) مون کي گرفتار ڪراءِ. آئون ساڻس (جنگ جٽي سان (جنگ نہ ڪندس، ليڪن ظاهر ايئن ڪيو ويندو تہ آئون عرب لشڪر سان جنگ ڪندي پڪڙيو ويو آهيان ائين ڪرڻ سان راجا ڏاهر کي بہ شڪ نہ پوندو تہ ڪو آئون ڳجهي ناهہ تحت عرب لشڪر سان ملي ويو آهيان (57) اهڙي ريت موڪي پٽ وسائي جاگيرن ۽ خلعتن عيوض پنهنجي وفاداري وڪرو ڪئي ۽ عربن لشڪر جو سونهون، هر تڪليف ۾ مددگار، جاسوس، لشڪر مهيا ڪندڙ ۽ عربن جي لشڪر جي درياهہ ٽپڻ وقت مدد ڪندڙ ۽ ٻيڙين جي پل جوڙڻ ۽ درياهہ ٽپڻ ڪانپوءِ عربن لشڪر کي ڪاڌ خوراڪ مهيا ڪرڻ تائين ٻڌل رهيو. فتحنامي جي مورخ موجب موڪي پٽ وسائي کي جڏهن کان عقل آيو هو (وفاداري تبديل ڪئي هئي) تڏهن کان سچائي، اعتقاد سان ڏاهر جي لشڪر خلاف رٿون ۽ اٽڪلون ڪندو رهيو ۽ ساڻس اندروني ناهہ ڪري وفاداري تبديل ڪئي. موڪي جي پياءُ راسل ان وقت پنهنجي وفاداري تبديل ڪئي، جنهن وقت راجا ڏاهر جي عرب لشڪر سان ڀرين جهڙپ ٿي چڪي هئي، هن ساڳي طرح غداري جو طوق (58) پاتو ۽ عرب لشڪر سان ملي ويو.

محمد بن قاسم درياهہ اُڪري سڏو ٿيو تہ ڀنڊ ويرشمني نالي هڪ وزير ڏاهر کي ملڪ ڇڏڻ يا اولاد هندستان موڪلي عرب لشڪر سان ويڙهہ ڪرڻ يا مورڳو ملڪ ڇڏي اولاد ۽ تابعدارن سان هندستان جي راجا جيوم راءِ جي ملڪ ۾ پناهہ وٺڻ جي صلاح ڏني (59) انهي عمل ذريعي ڏاهر کي غالباً مايوسي ۽



www.sindhsalamat.com

بوڪلاهت جو شڪار بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. پر ڏاهر پوري اعتماد سان وراڻيون تہ منهنجي راءِ جي تقاضا اها آهي تہ هن (عرب لشڪر) سان سامهون ٿي جنگ ڪريان ۽ جنگ پوري ڪوشش ۽ سعيي سان ڪريان جيڪڏهن انهن تي غالب ٿيس تہ هو سڀ ذليل ٿيندا ۽ منهنجي بادشاهي مضبوط ٿيندي ۽ جيڪڏهن ننگ ۽ ناموس خاطر ڪُنو ويس تڏهن بہ هيءَ خبر عرب خواهہ هندستان جي ڪتابن ۾ لکي ويندي ۽ بزرگن واتان دنيا جي بادشاهن جي ڪَنَ پوندي تہ راجا پنهنجي ملڪ خاطر دشمنن جي مقابلي ۾ پنهنجي پياري جان فدا ڪئي (60) ڏاهر جي هن بيان ۽ راءِ ۾ ڪيڏي نہ حب الوطني، ڌرتي سان محبت ۽ تاريخي حس ۽ شعور جو اظهار موجود آهي. وقت جي راجا جي هن عزم مان معلوم ٿئي ٿو تہ وٽس ملڪ سان وڏو پيار موجود هو. هن ڳِيڙِي تي پيچڻ بجاءِ مڙس ٿي دشمن جو مقابلو ڪيو ۽ پنهنجي جان مال ۽ اولاد جي پرواهہ نہ ڪيائين ۽ آخر تائين ڌرتي جو دفاع ڪندي پساهہ پورا ڪيائين.

انهي اندروني انتشار، بغاوت ۽ وفادارين جي تبديلين ڏاهر کي ڪمزور بڻائي ڇڏيو. جنهن ڪري ڪيس ملڪ، جان ۽ آزادي تان هٿ کڻڻو پيو. ليڪن انهن ۾ سندس متيپيد وارين قائم ڪيل روايتن ۽ رسمن جو عمل دخل آهي، جنهن ڪري ڏاهر کان علاوه سنڌ جي سرزمين کي بہ اهڙا ڏينهن ڏسڻا پيا. انهي کان علاوه سندس شڪست جو اهم ڪارڻ اهو بہ آهي تہ هن وقت سرڪي بہ اُپاءُ نہ ورتا ۽ نہ ڪي سياسي ۽ فوجي حڪمت عمليون استعمال ڪيائين. ممڪن آهي تہ اهڙي نوبت ئي پيش نہ اچي ها. جيڪڏهن عربن لشڪر سان ديبل بندر وٽ وڃي جوابي حملو ڪري لشڪر کي روڪيو وڃي ها پر ڏاهر علافيءَ جي چال بازي



۾ ڦاسي پٽ جيسينہ کي بہ اتي وڃي جوابي حملي کان روڪي ڇڏيو. ممڪن آهي تہ جهڙي ريت جيسينہ بديل نالي حملي آور سپهہ سالار کي ديبل وٽ شڪست ڏني هئي تهڙي ريت محمد بن قاسم لاءِ بہ ڪي مشڪلاتون پيدا ڪري ها. مگر حملي کان خبردار هوندي بہ ڪا سياسي ۽ جنگي تدبير اختيار نہ ڪيائين. جيڪڏهن عرب لشڪر کي ديبل وٽ ئي روڪيو وڃي ها تہ پوءِ شايد شمينن کي بہ اهڙي طرح عرب لشڪر سان ملڻ ۽ جاسوسي ڪرڻ جو موقعو نہ ملي ها. اهو بہ ممڪن هو تہ ديبل فتح نہ ٿيڻ سان سنڌ جي آزادي بہ خطري ۾ نہ پوي ها. ليڪن راجا ڏاهر وقت سر اپاءُ نہ وٺڻ ۽ محمد علافي ۽ ٻين وزيرن جي چالبازي تي ٻڌل صلاحن تي عمل ڪرڻ جي تاريخي غلطي ڪئي ۽ ڪوبہ مناسب جنگي اپاءُ، مهم يا وڏو لشڪر جوڙي حملي آورن جي خاطر خواهہ مزاحمت نہ ڪئي ۽ نہ وري ڪنهن منصوبي سان مقابلو ڪيو. جڏهن عربن لشڪر سندس قلعي جي ٻُنيي تي اچي ڪڙڪيو تڏهن سندس ويڙهہ ڪارگر ثابت نہ ٿي سگهي ۽ لڙندي سندس جان وڃڻ سان گڏ سنڌ بہ مفتوح بڻجي ويئي.

### ڪتاب ۽ حوالا

(1) علي ڪوفي، ترجمو: مخدوم امير احمد، تصحيح ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، فتح نامہ سنڌ عرف چچنامو سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سال 2004ع، صفحو 133
(2) ساڳو حوالو ص، 135 (3) ساڳو حوالو: ص 143
(4) ساڳو حوالو ص 256 (5) ساڳو حوالو ص 358_353
(6) ساڳو حوالو: ص 210، (7) ساڳو حوالو: ص 129
(8) ساڳو حوالو: ص 180، (9) ساڳو حوالو: ص 181

(10) ساڳو حوالو: ص 181, (11) ساڳو حوالو: ص 181
(12) ساڳو حوالو: ص 23_322 (13) ساڳو حوالو: ص 241
(14) ساڳو حوالو ص 94(15) ساڳو حوالو: ص 96_97
(16) ساڳو حوالو: ص 72 (17) ساڳو حوالو: ص 92
(18) ساڳو حوالو: ص 210 (19) ساڳو حوالو: ص 210
(20) ساڳو حوالو: ص 83 (21) ساڳو حوالو: ص 76
(22) ساڳو حوالو: ص 88 (23) ساڳو حوالو: ص 88
(24) ساڳو حوالو: ص 90 (25) ساڳو حوالو: ص 102
(26) ساڳو حوالو: ص 105 (27) ساڳو حوالو: ص 106
(28) ساڳو حوالو: ص 107 (29) ساڳو حوالو: ص 108
(30) ساڳو حوالو: ص 108 (31) ساڳو حوالو: ص119
(32) ساڳو حوالو: ص 120 (33) ساڳو حوالو: ص 120
(34) ساڳو حوالو: ص298 (35) ساڳو حوالو: ص 121
(36) مير معصوم بکري، ترجمو مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سال 2006ع ص 34
(37) ساڳو حوالو: ص 35
(38) علي ڪوفي، چچنامو ترجمو: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، سال 2004ع ص 124
(39) ساڳو حوالو: ص 124 (40) ساڳو حوالو: ص 122
(41) ساڳو حوالو: ص124 (42) ساڳو حوالو: ص 128_29
(43) ساڳو حوالو: ص 168 (44) ساڳو حوالو: ص 168
(45) ساڳو حوالو: ص 168 ( 46) ساڳو حوالو: ص 165
(47) ساڳو حوالو: ص 222 (48) ساڳو حوالو: ص 123_24
(49) ساڳو حوالو: ص 87



(50) راءِچند هريچند، تاريخ ريگستان حصو پهريون، ص 80_279
(51) چچنامو ص 86 (52) ساڳو حوالو: ص 123
(53) ساڳو حوالو: ص 145 (54) ساڳو حوالو: ص 144
(55) ساڳو حوالو: ص 145 (56) ساڳو حوالو: ص148
(57) ساڳو حوالو: ص 159 (58) ساڳو حوالو: ص 156
(59) ساڳو حوالو: ص 173 (60) ساڳو حوالو: ص 174

## سنڌ ۾ مزاحمت جو مختصر اڀياس

سنڌ جي تاريخ جي مطالعي مان پروڙ پوي ٿي ته سنڌ آڳاٽي زماني ۾ نهايت خوشحال ۽ پُر امن رهي آهي. سنڌُو ماٿري جا ماڻهو تعميري، هنرمند ۽ مهذب رهيا آهن. هيءَ به هڪ حقيقت آهي ته معاشي ۽ اقتصادي طور خود ڪفيل ڌرتي جا ماڻهو پُرسڪون ۽ شاهڪار تهذيب جا سرجڻهار هوندا آهن. فساد ۽ ڦڏي بجاءِ تعميري سرگرمين ۾ مصروف هوندا آهن. ان جي پيٽ ۾ مالي وسيلن جي فقدان جي ورچڙهيل خطن جا ماڻهو سوچ ۽ عمل ۾ جارح ۽ جهيڙيڪار ٿيندا آهن. انهن وٽ جنگ ۽ ويڙهه جو لاڙو سرس هوندو آهي. اڪثر جارحانه ڪاروائين ۾ مشغول رهندا آهن. اهڙن خطن ۾ رهندڙ ماڻهو ڪنهن اعليٰ تهذيب يا تمدن جا اڏيندڙ بڻجي نه سگهندا آهن. ڇا لاءِ ته جهيڙيڪار فردن جي سماج ۾ تعميري ڪمن بجاءِ تخريب ۽ ڀڃ ڊاهه وارا عمل زياده نمودار ٿيندا آهن. تنهن ڪري ڪا به اعليٰ تهذيب ظهور پذير ٿي نه سگهندي آهي. ان جي مقابلي ۾ پُر امن ۽ آجڪي ماحول ۾ ساهه کڻندڙ فرد معاشري ۾ تعميري ۽ تخليقي عملن ۾ تمام گهڻو مصروف هوندا آهن. پُرامن سماج ۾ رهندڙ ماڻهو جي معاشري ۾ تعميراتي عمل جو عنصر وڌيڪ هوندو آهي. انهيءَ ڪري پُرامن سماج ۾ رهندڙ ماڻهو مثالي تهذيب ۽ تمدن جا معمار بڻيا آهن. سنڌ جي سرزمين به دنيا جي اهڙن خطن ۾ شمار ٿئي ٿي، جتي دنيا جي لازوال ۽ باڪمال تهذيب رونما ٿي.



سنڌ جي عظيم تهذيب جا پُرامن وارث سنڌ واسي هميشه اهنسا جا پيروڪار رهيا. شاندار سڀيتا جا خالق ماڻهوجهيڙي جهتي بجاءِ پيار پاٻوهه جاپوئلڳ ۽ پرچارڪ رهيا. ان جو مطلب اهو به نه آهي ته پُرامن ۽ تعميري صلاحيتن جا مالڪ فرد پنهنجي پُر امن معاشري، پيداواري وسيلن ۽ ملڪ جي دفاع کان بي خبر رهندا آهن. پنهنجي وجود ۽ تشخص جي بچاءُ ۾ ڪنهن جارح قوت سان اکيون اکين ۾ ملائڻ جبلتي ۽ فطرتي عمل آهي جيڪو ڪنهن جانور کان به سرزد ٿي سگهي ٿو. سنڌ ۽ سنڌ واسين سان به ڪجهه اهڙا لقاءُ پيش آيا. تاريخ ۾ اهڙا معرڪا يا مثال گهٽ ملندا، جو سنڌين ڪڏهن ڪنهن ٻئي پُرامن معاشري تي حملو ڪيو هجي. يا وري ڪنهن قوم يا ديس تي هاسيڪار ڪاهي وڃي اُن کي پائيمال ڪيو هجي. اُن جي ابتڙ سنڌ تي حملن جي ڪاري ضرب جا نشان تاريخ ۾ پکڙيا پيا آهن پر جڏهن سنڌ تي يلغار جون تلوارون چمڪيون، تڏهن سنڌ مزاحمت ۾ جوٽيون جوتيون. پنهنجي قومي تشخص، سر زمين ۽ وسيلن جي دفاع ۾ سنڌ واسي سراپئهءِ مزاحمت ۽ بغاوت بڻجي ويا. حملي آورن سان مهاڏو اٽڪائيندي، سنڌ واسي به جنگ، جنگ جي فن ۽ طور طريقن کان واقف ٿيڻ لڳا. سنڌ جي مقامي حڪمرانن دفاعي قوت ۽ پوزيشن ڏانهن ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. خوشحال سنڌ تي وقت به وقت ڪاهون ٿينديون رهيون ۽ سنڌ واسي مزاحمت ۽ دفاع ۾ ميدان ۾ لهي آيا. دشمن جا ڏند کٽا ٿي ڪياڻون ته ڪڏهن وري مزاحمت ڪندي محڪوميءَ جي ور چڙهي ٿي ويا. محڪوميءَ جي گهيري ۾ به مات نه رهيا. سنڌ جي تاريخ انهي روئداد ۽ داروگير جي گواهه آهي.

مزاحمت جو مطلب روڪ، اٽڪاءُ، رنڊڪ يا تڪليف آهي. ڪنهن اڻ وڻندڙ يا نا پسنديده عمل آڏو رڪاوٽ حائل ڪرڻ يا پهتل تڪليف عيوض ظاهر ٿيندڙ رد عمل يا احتجاج ،مزاحمت جي ذمري ۾ اچي ٿو. مزاحمت هڪ قسم جو رد عمل آهي جيڪو دفاع ۾ سرزد ٿئي ٿو. ڪنهن انفرادي يا اجتماعي يعني قومي سطح تي پهتل ايذاءُ ۽ تڪليف يا حق تلفي جي نتيجي ۾ ظاهر ٿيندڙ رد عمل جو نالو مزاحمت آهي. فرد جي ذات، وجود، ڪٽنب يا قبيلي سان ڪا زيادتي پيش اچي ٿي ته ان وقت مهاڏو اٽڪائڻ وارو عمل انفرادي مُزاحمت جي دائري ۾ اچي ٿو پر جڏهن اهو رد عمل قومي يا عوامي سطح تي اجتماعي طور ٿيل ڏاڍائي ۽ نا انصافي جي خلاف اُڀري ٿو ته انهيءَ کي اجتماعي مُزاحمت ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. سنڌ ڌرتيءَ تي ڌارين حملي آورن ۽ غاصبن خلاف ٻنهي سطحن جون مزاحمتون نروار ٿينديون رهيون آهن.

سنڌ ۾ قومي يا عوامي سطح تي اجتماعي ۽ عملي مزاحمت جا، ادب ۽ سياست ٻه الڳ محاذ رهيا آهن. ادب قوم ۽ عوام تي مڙهيل جبري قانونن ۽ حق تلفين خلاف هر دؤر ۾ مزاحمتي آواز بلند پئي رکيو آهي. سنڌي ادب ۾ مزاحمتي عُنصر هڪ ڌار بحث طلب موضوع آهي. هت ٻاهرين حملي آورن ۽ فاتحن خلاف مقامي ماڻهن جي سڌي ريت جنگ يا عملي مزاحمت بابت تاريخي واقعن ۽ معرڪن جي روشنيءَ ۾ رنڊاروڙڻ بنيادي مقصد ۽ موضوع ۾ شامل آهي. مختلف دؤرن ۾ سنڌ تي برپا ٿيندڙ ڌهڪاءُ ۽ حق ڪَسِ لاءِ پرمار ڳِجهُن لامارا ڌنا ته مقامي ماڻهن سڌيءَ طرح مزاحمت جو جهنڊو بلند ڪيو. مختلف دؤرن ۾ مختلف تحريڪن به ڪر ڪنيو. جن ۾ بلالي تحريڪ،ميان وال



تحريڪ،شاهه عنايت شهيد جي صوفياڻي تحريڪ، انگريزن خلاف حُر تحريڪ ۽ ڪي ٻيون تحريڪون ذڪر لائق آهن، جن پنهنجو تاريخي ڪردار نڀايو. اهي تحريڪون وقتي طور دٻجي ويون، پر انهن جو اثر پائيدار رهيو. سنڌ جون مزاحمتي تحريڪون به هڪ الڳ تحقيق طلب موضوع آهي. انهن تحريڪن به وقت جي آمريت خلاف مزاحمت ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو.

هر دؤر ۾ سنڌ جي ماڻهن عملي يا سڌي طرح مزاحمت ۾ پاڻ ملهايو. جڏهن به شاداب سنڌ تي ٻاهرين قومن جلهه ڪئي، تڏهن سنڌ جي مقامي ماڻهن ڀرپور مزاحمت ڪئي. مزاحمت رتو ڇاڻ ڪان پوءِ هيٺي پئجي ٿي وئي ته سر سبز سنڌ محڪوميءَ جي ڏٻڻ ۾ ڏڪجي ٿي وئي. تسلط اونداهيءَ رات جيان گهيري ٿي ويو پر مقامي ماڻهن جي بغاوت ۽ مزاحمت انهيءَ گُگهه انڌاري ۾ ڏيئي جي لاٽ جيان چمڪي وقفي به وقفي ڪرُ ڪنيو ٿي. انهن بغاوتن، معرڪن ۽ مزاحمتن جو مختصر اڀياس، دؤرن جي ورڇ تحت بيان ڪجي ٿو.

## دراوڙ دؤر

دراوڙ سنڌوءَ ماٿريءَ جا قديم باشندا هئا. دراوڙن جي دؤر بابت مؤرخن ۽ محققن ڪا حتمي راءِ قائم نه ڪئي آهي ۽ نڪي انهن جي مزاحمت بابت ڪو مستند ۽ تاريخي احوال ملي سگهيو آهي. دراوڙن بابت مهاڀارت ۽ رامائڻ بنيادي سورس مٽيريل طور ڄاڻ فراهم ڪئي آهي، جنهن لاءِ مولائي شيدائي لکي ٿو ته "رامائڻ ۽ مهاڀارت جي شاعرانه نظمن ۾ سنڌو وارن جي قومي ڪارنامن جي جيڪا خبر پئجي سگهي ٿي، سا آڪاڻين ڪانسواءِ ٻي ڪا به وقعت نه ٿي رکي (1) تاريخ ۾ جاٽ، ميد ۽ پٽي لوڪ

پهريان ماڻهو آهن جن جي مزاحمتي جنگن جو احوال ملي ٿو. ڪاڪو پيرمل مهر چند آڏواڻي لکي ٿو تہ "سنڌو ماٿريءَ جي قديم رهاڪن آرين کي پنهنجي ملڪ ۾ پير کوڙڻ نہ ٿي ڏنو ۽ ساڻن سخت چڪريون کاڌيون هئائون. انهن چڪرين کائيندي هزارين اڻ آريا لوڪ مارجي ويا. ڪن اڻ آرين بيلن ۽ جبلن ۾ وڃي پناهہ ورتي جتان پوءِ بہ وجهہ وٺي آرين تي ڪاهي ايندا هئا (2) دراوڙ امن پسند هئا. اول جنگ يا جنگ جي فن کان غير واقف هئا. جڏهن آرين سنڌو ماٿريءَ تي ڪاهون شروع ڪيون تہ مزاحمت ڪندي اُنهن ويڙهہ جي طور طريقن کان شناسائي حاصل ڪئي. دراوڙ لوڪ اڃان لوهہ مارڻ نہ سکيا هئا. تنهنڪري آرين لوڪ پنهنجي لوهي هٿيارن وسيلي آساني سان جيتي، سنڌو ماٿري پنهنجي قبضي ۾ ڪئي (3) آرين سان چڪريون کائيندي ۽ لڙايون لڙندي دراوڙن ويڙهہ جو هنر حاصل ڪيو تہ وڏا ويڙهاڪ ٿي ويا. دادا سنڌي، سنڌ جي طبي تاريخ جي حوالي سان لکي ٿو تہ "دراوڙن آرين سان زبردست مقابلا ڪيا ۽ هنن کين جيڪا ٽوٽي ٽپائي ڏني، تنهن جي موٽ ۾ کين اڻ آريو ۽ ديئت ڪوٺيو ويو (4) آرين سنڌو ماٿري تي قبضو ڪيو ۽ دراوڙن کي هڪالي ڪڍيو پر پوءِ بہ سندن آڏ نہ مڃيائون. وجهہ وٺي آرين تي ڪاهي ايندا هئا. سندن چوپايو مال بہ ڪاهي ويندا هئا. سندن پوڄائن ۾ پنگ وجهندا هئا[5) سنڌو ماٿري جي قديم ماڻهن آرين سان پنهنجي ڌرتي، پيدا واري وسيلن ۽ تهذيبي ورثن جي لاءِ وڏيون چوٽون کاڌيون. ڌرتي ڏڪاڻن ميد، جاٽ ۽ پٽي قبيلن هر ممڪن ڪوشش ڪئي تہ آريا سندن ڌرتيءَ تي پير ڄمائي نہ سگهن. آرين سان لڙاين جي ڪري جنگي فن جا ڪوڏ يا ٿي ويا. فن حرب ۾ مهارت سبب دراوڙن وڏي شهرت ماڻي، جنهن



ڪري دنيا جي حڪمرانن پنهنجي فوجن ۾ دراوڙ ويڙهاڪ شامل ڪري ويڙهون وڙهيون ۽ معرڪا سَر ڪيا. دراوڙ ايترا ويڙهاڪ ۽ ويڙهہ جي طور طريقن ۾ هوشيار جانباز ٿي تہ ويا پر مزاحمتن کان پوءِ بہ سنڌو ماٿري تان آرين جي تسلط کي ميساري نہ سگهيا. ان جا ڪهڙا ڪارڻ هئا، سو اڃان تائين تحقيق طلب معاملو آهي.

## ڪلدانين، مصرين بابلين، اشورين ۽ فنيقين جي حملي وارو دؤر

سنڌ تي ڌارين قومن جي ڪاهہ جو داستان دلسوز آهي. ٻاهرين قومن جي پائمال ۾ سنڌ ڏکو ٿبي رهي آهي. عيسوي سن کان اڳ واري دؤر ۾ مذڪوره قومن بہ سنڌ ڏانهن رخ رکيو. مصر جي 1400 ق.م ۾ ٿيبس جي فرعونن مان راميس ثاني جهازن جي دستي سان ايشيا جي وڏي حصي تي، وينڊي وچ ايشيا تائين ڪاهون ڪيون. (6) ڪلدانين جو 2234 ق.م ۾ سڄي ايشيا تي اقتدار رهيو. (7) انهي تسلط ۽ اقتدار سبب سنڌ جا ڪلدانين سان واپاري تعلق بہ قائم ٿيا. اهو ممڪن آهي تہ تسلط ۽ اقتدار جي ڪري سنڌ جو ڪپڙو ۽ ٻيو سامان ڪلدانين جي اُر، سيپار، اُرڪ، نپُور ۽ اغاد يا اڪاد شهرن جي مندرين ۾ پهنچندو هجي. اقتدار سولو قائم نہ ٿيو هوندو. تسلط قائم ٿيڻ وقت سنڌي ماڻهن حب الوطني ۽ دفاع واري جذبي تحت مزاحمت ڪئي هوندي. بابل ۽ اشور وارن جو بہ سنڌ تي غلبو رهيو. اشوري بادشاهہ حمورابي 1800 ق.م ۾ ٿي گذريو. هن جڏهن عراق فتح ڪرڻ چاهيو تڏهن سنڌ مان دراوڙ فوجي گهرايا هئائين (8) نينوس (نينوا) جي عالي همت راڻي سميراس (سميراميس) سنڌو ندي وارا ملڪ اٽڪ تائين فتح ڪيا هئا (9) پرڪن جو رايو آهي تہ فتح نہ ٿي هئي (10) ان جو مطلب تہ حملي جي مزاحمت ٿي هئي ۽ کين

ڪاميابي نصيب نہ ٿي هئي. ڇاڪاڻ تہ راڄي سنڌ تي بہ وڏا حملا ڪيا پر بهادر سنڌين ٻنهيءَ ۾ ڪيس زبردست شڪست ڏني (11) فنيقين پنهنجي حڪومت وڌائڻ لاءِ ڪيترين ئي جنگيون ڪيون (12) سنڌن تجارتي تعلقات جي ڪري مهاڀارت جي زماني ۾ هندو عربي زبان کان واقف ٿيا هئا (13) فنيقين جي ڪاهن جو بہ ڏس پتو پوي ٿو پر ڪا ٺوس معلومات ملي نہ سگهي آهي. حملي جي سُڌ منجهان لڪائي سگهجي ٿو تہ سندن مزاحمت ٿي هوندي.

## ايرانين جو دؤر

مهاڀارت جي روايتي جنگن ۽ ويڙهن مان نڪرندي سنڌ کي اجان گهڻو وقت نہ گذريو هو تہ هخامنشي (ڪياني) خاندان جي فرمانروائن جي ويڙهہ ڏڦ تي ڏڪ هنيو (14) ايران جي ڪوروش اعظم جي جانشين داريوش (دارالاعظم) اول گنڌارا تي قبضو ڪيو ۽ پوءِ سنڌو ماٿريءَ جي سموري علائقي کي پنهنجي قبضي ۾ آندو (15) سندس قبضو سنڌ لاءِ سوغات نہ هو. ايراني سپهہ سالار 519 کان 518 ق.م ڌاري مهراڻ ذريعي سنڌ کي ايرانين جي قبضي ۾ آندو (16) اسڪاءِ ليڪس نالي هيءُ سپهہ سالار جڏهن پنهنجي مقصد لاءِ هتي پهتو تڏهن سنڌين پنهنجي حب الوطني ۽ دفاعي صلاحيتن جو ڀرپور ثبوت ڏنو (17) بقول هيرو ڊوٽس اسڪائي ليڪس 517 ق.م ۾ ڪپا ٽائرس (پشاور) کان ٻيڙي ۾ سوار ٿي سنڌو درياهہ سان گذرندي ساموندي ڪناري پهتو هو (18) دارا جي جانشين زرڪيز جڏهن اٿينس تي حملو ڪيو هو تہ ان جي لشڪر ۾ واديءِ سنڌ جي ٽنهي صوبن (گنڌارا، گدروسيہ ۽ هندوش) جون فوجون بہ شامل هيون (19) زرڪيز جي دؤر ۾ هڪ طرف اهل سنڌ کي پنهنجي اعليٰ سپاهيانہ ڪردار



سبب ايرانين جي يوناني مُهم ۾ حصو وٺندي ڏسون ٿا تہ ٻئي طرف جڏهن بادشاهہ هند سنڌ ۾ زردشتي دين کي پکيڙڻ لاءِ حڪم ڪيو تڏهن سنڌين پنهنجي عقيدي جي بچاءُ ۾ حاڪمن سان ٽڪر کائي دنيا جي تاريخ ۾ باعزت مقام پيدا ڪري ورتو (20) سياحن الائي ڪهڙي سَنَدُ جي آڌارتي لکيو آهي تہ هتان جي باشندن جي معاشرت ۽ مذهب تبديل ڪرڻ لاءِ ڪا مداخلت نہ ڪئي هئي ([21 بهرحال سنڌ وارن محڪوميءَ هيٺ رهي بہ ايرانين سان مزاحمت ڪئي هوندي. اُها مذهبي لحاظ کان هجي يا ڪنهن ٻي حق تلفي واري ڳالهہ خلاف هجي. سنڌين اوس مهاڏو اٽڪايو.

## يونانين جو دؤر

يونانين بہ سنڌ تي يلغار ڪئي. 327 ق.م ڌاري سڪندر مقدوني جڏهن سنڌو ماٿريءَ تي حملو ڪيو تڏهن هتي ڪا بہ اهڙي مرڪزي طاقت نہ هئي جو غنيم جي رستا روڪ ڪري سگهي ها (22)انهيءَ جو سبب اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ملڪ ننڍ ين ننڍين وحدتن ۾ ورهايل هو. سماج گروهہ بندي جي ور چڙهيل هو. انهن تفريقن جي باوجود سنڌو ماٿري جا ماڻهن سوات، جهلم، ملتان، پٽالا، هر هنڌ سڪندر جي فوجين جو وڏي بهادري سان مقابلو ڪيو (23) سنڌي ماڻهن مزاحمت جو اهو حال هو جو هڪ مکي (مَل ذات) جي ويڙهہ جو نقشو هن ريت چٽيو ويو آهي تہ هڪ مَلي جيڪو پري بيٺو هو جنهن ايتري زور سان تير ڇڪي هنيو جو سڪندر جي پاسريءَ ۾ وڃي لڳو ۽ هُو گوڏن ڀراڇي ڪريو (24) ايرانين خلاف ويڙهہ ۽ مزاحمت جو ذري گهٽ منظم طريقو نظر اچي ٿو. پهرين ڇا پي مار فوج جوڙڻ جو سهرو بہ سنڌو ماٿري جي ماڻهن جي مٿان آهي. هي عوامي بغاوتون هن ڳالهہ جو ثبوت

آهن تہ ماڻهن ۾ ايترو شعور پيدا ٿي چڪو هو جو هاڻ هُو ڪنهن غير ملڪي طاقت جي اطاعت لاءِ تيار نہ هئا (25) دادا سنڌي ايچ ٽي ليمبرڪ جي حوالي سان لکي ٿو تہ مغرب جي هن پهرئين ڏاڙيلن سان سنڌين جون طويل خوني جنگون ظاهر ڪن ٿيون تہ سنڌين منجهہ آزادي جو وڏو جوش هو. جيترو عرصو سڪندر سنڌ ۾ رهيو، گهڙيءَ لاءِ بہ سڪون نہ مليس (26) سنڌ جي محب وطن ماڻهن جي باغيانہ ڪاروائين ۽ مزاحمت آڏو يوناني بہ جٽاءُ ڪري نہ سگهيا ۽ هميشہ ميسارجي ويا.

## موريا ۽ يوناني باخترين جو دؤر

هندوستان ۾ موريا خاندان جي حڪمراني جو پايو رکندڙ چندر گُپت موريا هو. يونانين کي شڪست اچڻ کان پوءِ هن اٽڪل 317 ق.م ۾ سنڌ تي بہ پنهنجي حڪمراني قائم ڪئي (27) هن خاندان منجهان آشوڪا 237 ق.م نهايت سگهارو ۽ هاڪارو حاڪم پيدا ٿيو جنهن ٻُڌمت کي جاءِ بجاءِ ڦهلايو. هن گهراڻي جي حڪومت جي دؤر ۾ سنڌ دفاعي حوالي سان ڏاڍي مضبوط رهي. دفاعي قلعا، فوجي مهارت ۽ قوت سبب موريا سنڌ (هند) کان ٻاهر اقتدار کي ڦهلايو. سندس فوجي طاقت سبب ٻاهرين قومن کي حملي ڪرڻ جي گهٽ همت ٿي. سنہ 184 ق.م ۾ موريا گهراڻي جي ڪمزوريءَ ڪري يوناني باخترين جي حڪومت زور ورتو. (28) سنہ 190 ق.م ۾ يوناني (باختري) حاڪم ڊيمي ٽريوس بلوچستان، گجرات سميت فتح حاصل ڪئي ۽ سگالا (سيالڪوٽ) کي تخت گاهہ بڻايو (29) ڪن مؤرخن ساڳيو بيان هن ريت ورجايو آهي تہ ڪُش قوم جي راجا هرش برصغير ۾ پنهنجي سلطنت قائم ڪئي ، سندس گادي



سيالڪوٽ هئي (30) ڪُش اصل چيني هئا.اول باختر، پوءِ ڪابل دريا ۽ آخر ۾ گنڌارا تي ڪڙڪي آبادي ٿيا (31) باخترين کان علاوه سنڌ تي پار ٿين ۽ ٻين قومن جون بہ يلغارون ٿيون. مزاحمت هر حال ۾ ٿي هوندي پر هن سلسلي ۾ تاريخ جا ورق مددگار ۽ سازگار ثابت نہ ٿا ٿين.

## راءِ گهراڻي جو دؤر

سنڌ جي افق تي راءِ گهراڻي جي حڪمرانيءَ جو سج 450ع ۾ اُڀريو ۽ 632ع ۾ غروب ٿيو. هن گهراڻي جي حڪومت جون سرحدون بہ وسيع هيون. چچنامي انهيءَ جي جغرافيائي ڏسٽي بيان ڪئي آهي. هن دؤر ۾ سنڌ خوشحال پئي رهي. راءِ گهراڻي سنڌ جي سالميت ڏانهن گهڻو ڌيان ڏنو. ديس ڪوٽ قلعن ۽ عسڪري قوت ۾ پاڻ پرو هو.مقامي هجڻ جي ناتي راءِ وارن سنڌ جي انتظاميا کي نئين سر ترتيب ڏنو.ملڪ کي چئن صوبن ۾ ورهائي،ڪيترائي دفاعي نوعيت جا مرڪز ۽ ڪوٽ تعمير ڪرايا (32) راءِ سهارس ثاني جي ڏينهن ۾ نيمروز جي ايراني عامل مڪران (سنڌ) تي ڪاهہ ڪئي، جنهن ۾ راءِ سهارس ثاني وڙهندي مارجي ويو(33) راءِ سهارس ثاني جي بهادري، سرفروشي ۽ وطن دوستي بابت چچنامي ۾ بيان آهي تہ ايران جي طرف کان نمروز جي بادشاهہ جو لشڪر حملو ڪري اچي ڪرمان ۾ پهتو. هي خبر ٻڌي راجا سهيرس بنان ڪنهن ڪتڪي جي، ڏاڍي تڪبر سان اروڙ جي قلعي مان خاص لشڪر وٺي اچي سامهون ٿيو. سهيرس پنهنجي عزت ۽ نالي خاطر بيٺو رهيو ۽ ڪُسي وڃڻ تائين جنگ (مزاحمت) ڪندو رهيو (34) راجائن وڏي بهادري سان وطن تان سر قربان ڪيو تہ رعايا بہ ساڻس مزاحمت ۾ گڏ

هئي. دشمن جي جمي مزاحمت ڪئي ويئي هوندي پر راجا جي قتل سبب قوت ڪمزور ٿي هوندي.

## برهمڻ گهراڻي جو دور

راءِ گهراڻي جي حڪمراني جو سج برهمڻ خاندان جي چچ بن سيلائج لاٿو. چچ جهڙي شاطر راحب شخص دربار تائين رسائي حاصل ڪري، تڪسات سان راءِ گهراڻي جو تختو اونڌو ڪيو.راءِ سهاسيءَ ثانيءَ جي راڻي شوبا ديوي [سُهندي، سونهن ديوي) مٿس موهت ٿي پئي. راز نياز جون ڳالهيون وڃي دوستي ۽ شادي ڪرڻ جي وعدي ڪي پهتيون (35) ۽ اهي وعدا راءِ گهراڻي جي حڪمراني جي خاتمي جو سبب پڻ بڻيا. هن گهراڻي جي حڪمراني ۾ سنڌ تي وڏيون ڪاهون ٿيون پر سنڌ جي مضبوط دفاعي پوزيشن انهن حملن کي ناڪام پئي بڻايو. امن، آزادي ۽ وطن جي سالميت لاءِ مزاحمتي جنگون ڪيون ويون. حضرت عمر رضہ جي زماني ۾ عمان ۽ بحرين جي گورنر عثمان بن ابي العاص ثقفي حضرت عمر رضہ جي اجازت کانسواءِ لشڪر ديبل موڪليو. جنگ ۾ مسلمانن جي شڪست ٿي ۽ مغيره بن ابي العاص مارجي ويو (36) جنت السنڌ مغيره بن ابي عاصي ثقفي ڄاڻايو آهي. عربن جي سپهہ سالار حڪم پڻ حملو ڪيو هو. (37) سن 38 هجري ڏاري حصرت علي رضہ جي زماني ۾ حارث بن مره ٺاڻي (بندر) تي حملو ڪيو. خشڪي رستي بہ عربن حملا ڪيا (38) خلفاءِ راشدين کانپوءِ امير ماويہ جي دور حڪومت ۾ بہ سنڌ تي ڪاهون ٿيون، عبدالله بن سوار جي نگراني ۾ موڪليل لشڪر شڪست کاڌي.راشد بن عمرو جي ڪاهہ ۾ راشد بن عمرو مارجي ويو.انهي کان علاوه سنان بن سلمہ جو لشڪر ٻُڌيا (ٻُڌيہ دادو لاڙڪاڻي،شهداد ڪوٽ،جيڪب آباد،ڪڇي ۽ سِبي



تائين ڦهليل هو) تائين پهتو. پر اهو بہ ڪنهن طرح اُتي مارجي ويو.عبدالله بن زياد، منذربن جارود، منذربن حارث ۽ ابن حريءَ جهڙن جرنيلن بہ سنڌ جي سرحد (مڪران وٽان) تي مقرر ٿيڻ کان پوءِ حملا ڪيا (39) هن مان اندازو ٿي وڃي ٿو تہ برهمڻ گهراڻي جي ڏينهن ۾ سنڌ جي فوجي قوت ڪيتري مستحڪم هئي ۽ هر حملي جي ڀرپور مزاحمت ٿي. ٻاهريان پير ڪوڙي نہ ٿي سگهيا. چچنامي ۾ اهڙين مزاحمتن ۽ جنگي ڪاروائين خلاف سنڌين جي ويڙهہ جا بيان موجود آهن. هن دور ۾ مذهبي مت ڀيد عروج تي نظر اچي ٿو. برهمڻن جي ٻوڌين سان مذهبي مت ڀيد واري سُلوڪ بغاوت ۽ ويساهہ گهاتي کي جنم ڏنو. راجا ڏاهر جي دور ۾ انهي بغاوت تمام گهڻو زور ورتو. نفرتن ۽ بغاوتن جي انهي عالم ۾ عربن جي جرنيل محمد بن قاسم سنڌ تي ڪاهہ ڪئي. جڏهن عرب سپهہ سالار غالب ٿيڻ لڳو تہ پنڌ وير شمني وزير راجا ڏاهر کي مشورو ڏيندي چيو تہ گهر ٻار واسطيدار راجائن ڏانهن موڪلي جنگ ڪر ياسپيني اتحادين کي گڏ ڪري لشڪر جوڙي مقابلو ڪر ياوري گهر ٻارسان گڏ سنڌ ڇڏي هندستان جي راجا جيوم راءِ وٽ پناهہ وٺ (40) راجا ڏاهر وراڻيو تہ جيڪڏهن ننگ ناموس خاطر ڪنو ويس تڏهن هي خبر عرب خواهہ هندستان جي ڪتابن ۾ لکي ويندي ۽ بزرگن جي واتان دنيا جي بادشاهن جي ڪَنُ پوندي تہ راجا ڏاهر پنهنجي ملڪ خاطر دشمن سان مقابلو ڪندي پنهنجي پياري جان قربان ڪئي (41) هن دؤر ۾ سنڌ جي اڪثر عوام، خاص طور ٻُڌمت سان تعلق رکندڙ عوام، مذهبي نفرتن جي ور چڙهي وطن ۽ آزادي خاطر حملي آورن جي گهٽ مزاحمت ڪئي پر ديس جي حڪمران وطن دوستي ۽ قربان جي

جذبي سان مزاحمت ڪندي حياتي گھوري ڇڏي. راجا ڏاهر جي مارجڻ سان سنڌ عربن جي غلبي هيٺ اچي ويئي.

## عربن جو دور

سنڌ فتح ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ تي عربن جوراڄ قائم ٿيو. اٽڪل ٽي سؤ سال عربن جي حڪمراني رهي. هن دور ۾ به مزاحمت ۽ بغاوت جا اهڃاڻ ملن ٿا. عربن جي ايامڪاريءَ ۾ جڏهن حڪومت ڪمزور ٿي تہ مزاحمتن ۽ جهڳڙن گرُ ڪنيو. بلوچن ۽ ميدن گڏجي منصوره تي حملا ڪيا.اُترڪان بلوچن ۽ ميدن، ڏکڻ ڪان جاٽن حملا ڪرڻ شروع ڪيا (42) عربن جي آخري ڏهاڪن ۾ حبارين تي مال غنيمت جي هرس ۾ محمود غزنوي حملوڪيو. جنهن سان سنڌجي جاٽن وڏي بهادري سان مقابلو ڪيو. نهايت شجاعت ۽ بهادري سان محمود غزنوي جا ماڻهو ماري، پاڻ بہ وطن تان سر قربان ڪري ويا. (43) غزنوي جي حملي ۾ سنڌ مال غنيمت جي هرس جو شڪار ٿيڻ ڪانپوءِ ڏنُ ڀرو بہ ڀڄي وئي.

## سومرن جودور

سنڌ ۾ غزنوي تسلط پست ٿيڻ سان سومرا سردارن جو اثر رُسوخ ۽ حڪمراني جو زور اُسرڻ شروع ٿيو. سومرا دور ۾ سنڌ دهليءَ جي دٻدٻي ۽ دٻاءُ جو شڪار رهي. غورين، خلجين، غلام گهراڻي جي حاڪمن ۽ تغلق وقت بہ وقت ڪاهي ڪِيُس ڪيا. سنڌي ماڻهن مزاحمت ۾ رت ست گھوريو. سن 1175ع ۾ سلطان (شهاب الدين) دري بولان ڪان اُچ جي مضبوط قلعي تي ڪاهہ ڪئي.هتي جو هندو راجا قلعي ۾ مارجي ويو (44) سنڌ جي تاريخ جوجديد مطالعو ۾ انهيءَ هندو راجا کي عمر سومري اول جو گورنر ڄاڻايو ويو آهي (45) پهر ڪيف سنڌ تي ڪاهہ تي ۽



شهاب الدين غوري چالبازي سان قلعي فتح ڪرڻ وقت خونريزي ڪئي. دودي سومري ثاني جي ڏينهن ۾ شهاب الدين غوري ديبل تي بہ ڪاهيو.دودو سومرو سخت مقابلي ۾ مارجي ويو. جنگ ۾ سلطاني لشڪر جو وڏو نقصان ٿيو (46) جلال الدين خواز م چنگيز خان جي حملي جي ڊپ کان ڀڄي اچي سنڌو ندي تائين پهتو. سنڌ مان لنگهندي شهرن کي ويران ڪندو مڪران ڏانهن هليو ويو (47) التمش جي سپهہ سالار نظام الملڪ جنيدي ديبل تي حملو ڪيو (48) سومرن جي صاحبي وارن ڏهاڙن ۾ ترڪ امير سومرن جي تختگاهہ محمد طور (مهاتيمور) تي حملو ڪيو. هن لڙائي ۾ خيرو سومرو ثاني مارجي ويو. امير عزالدين کي سنڌي عوام يڪدم تڙي ڪڍي ڇڏيو (49) سومرن جي دور حڪومت ۾ دودي سومري جون علاءُ الدين خلجي سان ڪاڌل چوٽُون ۽ سنڌ جي سرزمين لاءِ سر جي ٻليدان ڏيڻ واري قرباني قصن ۽ ڪهاڻين ۾ محفوظ آهي پر افسوس ان ڳالھ جو آهي تہ دهليءَ جي دٻدٻي خلاف انهي مزاحمت جو ڪوبہ مستند حوالو موجود ناهي. ڊاڪٽر بلوچ هن جنگ کي عوامي جنگ (مزاحمتي ويڙهاند) ڪوٺي ٿو. سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو انهي حوالي سان ٻڌائي ٿو تہ ڏنار، پنهوار، فقير فقراءُ، ملنگ موالي، ڪوري ۽ ڪنيار سڀ گڏجي وڙهيا. يعني جو جتي هو اُتي مقابلي لاءِ تيار ٿي ويو (50) هن بيان جو مرڪزي نقطو اهو آهي تہ سنڌ جي هر فرد سنڌ جي سالميت لاءِ مزاحمت ۽ معرڪي آرائي ڪئي. ڪنهن بہ قهري ڪاهہ سان مزاحمت ڪان نہ ڪيٻايو. سنڌي فوج ۽ سلطاني (علاؤالدين) فوج ٻنگارجي ميدان تي هڪ ٻئي سان فيصلي ڪُن ويڙهہ ڪئي، جنهن ۾ دودو وڏي بهادري سان مقابلو ڪندي شهيد

ٿي ويو (51) سوپ کي سر ڏيندي،دشمن خلاف هر قبيلي مزاحمت ڪئي پر سومرن جي صاحبي برقرار رهي نہ سگهي.

## سمن جو دؤر

سما سلطانن جي صاحبيءَ جي دور ۾ سنڌ جي خوشحالي ۽ آزادي جو احوال اڪثر تاريخن ۾ درج ٿيل آهي. هن دور ۾ ارغونن ترخانن ۽ مغلن سنڌ تي تسلط قائم ڪرڻ ۽ ڏيل وصول ڪرڻ لاءِ ڪاهُون ڪيون. جڏهن ظهير الدين بابر قنڌار تي حملو ڪيو تہ سندس خوف ۽ دهشت کان ڀاڄ ڪائي سنڌ جو رخ ڪندڙ شاهہ بيگ ارغون سنڌ سان وَيل وهايا. هتي اچي اول مير چاڪر خان کان شال (ڪوئيٽا) پِشين، گرم سيل ۽ سيوي (بلوچستان) جا علائقا فتح ڪيا ۽ پاڻ سلطان محمد کي سيوي مٿان مقرر ڪري سنڌ ۽ گجرات فتح ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ڄام نظام الدين پنهنجي قابل سپهہ سالار جي هٿ سولي (سُوري؟) تي لشڪر چاڙهي مُڪو. ٻئي طرف مير چاڪرخان رند، دريا خان سان گڏجي چانڊڪي پرڳڻي ۾ ارغونن کي شڪست ڏني. سندس هٿان سلطان محمد مارجي ويو (52) پنهنجي پاءُ جي قتل ٿيڻ ڪانپوءِ شاهہ بيگ ارغون سنڌ تي ڪڙڪيو.باغبان[مخدوم بلاول وارو علائقو( واري پرڳڻي کي لُٽي پيِنگ ڪري درياهہ جي ڪنڌيءَ سان ٺٽي ويو هو.باغبان پُرڳڻي ڏانهن وريو تہ ماڇين جي قوم سندس آڻ نہ مڃڻ ۽ سيني ساهڻ جو اڳ واٺ عمل دهرائي چڪي هئي (53) ٺٽي ڏانهن وڌندي،سمن جو لشڪر بہ سيوهڻ کان ڇهن ستن ڪوهن جي مفاصلي تي ٺلٽي وٽ اچي اُن سان ڏُوبَدُو ٿيو هو (54) ٺٽي فتح وقت بہ ساٽس مزاحمت ٿي. ٺلٽي ۾ ڪيس زبردست مزاحمت ۽ معرڪي آرائي کي منهن ڏيڻو پيو. سمن جي فوج جا اڳواڻ دريا خان جا بہ پُٽ محمود خان ۽ منڻ



پهلوان هئا.سخت جنگ لڳي، جنهن ۾ سنڌ جو سورهيہ سردار دولهہ دريا خان شهيد ٿيو (55) دولهہ دريا خان جي شهادت کان پوءِ سندس پُٽن مخدوم بلاول جي سرڪردگي ۾ لشڪر ڪٽي ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ٺلٽي جي قلعي ۾ مورچابند ٿي ويا. شاهہ بيگ کي سُڌ ملي تہ ميان محمود ۽ منڻ، ڄام سارنگ، راڻو رڻمل سوڍو ان جو پاءُ جوڌا سنگهہ ٺلٽي جي قلعي تي قبضو ڪيو ويٺا آهن، جن سان سهتن ۽ سوڍن جو زبردست لشڪر موجود آهي (56) شاهہ بيگ ٺلٽي تي ڪاهي آيو. سهتن ۽ سوڍن مري ملهايو. شاهہ بيگ مخدوم بلاول تي ڏنڊ رکيو جو هن پري ڏيڻ کان انڪار ڪيو(57) تہ کيس شهيد ڪيو ويو. ارغونن سان سنڌ جا مقامي قبيلا مزاحمت ڪندا رهيا. جڏهن شاهہ حسن بيگ راءِ ڪنگهار سمي نالي سردار کي اطاعت ۽ ڏن لاءِ پيغام موڪليو هو تہ هن شاهہ حسن ڏانهن انڪار ۾ جواب موڪلي چيو هو تہ اسين جابلوماڻهو پٿر جيان سخت جان آهيون، پاڻ سدائين پهاڙن ۾ پنهنجو ننگ ناموس بچائي پاٽي ۽ پوکي راهي تي گذر سفر ڪندا رهون ٿا(58) ڄام فيروز جيڪو ڪڇ ڏانهن هليو ويو هو، تنهن سگهہ سهيڙي پيهر شاهہ حسن ارغون سان چاچڪن جي ڳوٺ رحمڪي بازار وٽ جنگ ڪئي (59) سمن جي دور ۾ سموري سنڌ جي قبيلن ارغونن سان بغاوتي ۽ مزاحمتي ويڙهہ وڙهي ۽ هر ممڪن ڪوشش ڪئي تہ جيئن ارغون سنڌ جي سرزمين تي پير ڪوڙي نہ سگهن. بکر، سيوهڻ، سيوي (جيڪب آباد تائين) ٺٽي توڙي ٿر واري علائقي طرف ارغونن سان مهاڏو پئي اٽڪايو. هن ئي دؤر ۾ مخدوم بلاول بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو پر سنڌين جون ڇڙوڇڙ مزاحمتون سنڌ جي پيهر آزادي بحال ڪري نہ سگهيون.

## ارغون، ترخان، مُغل دور



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ارغونن قتل غارت ڪان پوءِ سمن سلطانن جي حڪمراني ختم ڪري تسلط قائم ڪيو هو. تڏهن به ڪين مزاحمت ڪي مُنهن ڏيڻو پيو هو.ارغونن ڪانپوءِ سندن جاءِ نشين ترخان ٻٽيا. هن دور ۾ پورچوگيزن به حملا ڪيا. مرزا عيسيٰ ۽ مرزا باقي بيگ جي ڦهري ڪارروايُن جا اتهاس ۾ اوسارا درج آهن. مرزا باقي بيگ جي ظلمن ڪان تنگ ٿي مسلمان مسجدن ۾ ۽ هندو ٺڪاڻن ۾ سندس موت لاءِ دعائون گهرڻ لڳا (60) اها ته سنڌ جي ستايل ۽ غلاميءَ جي سنگهرن ۾ سلهاڙيل ماڻهن جي بيوسيءَ جي صورتحال هئي پر انهن مظلوم ماڻهن جي مزاحمتن وقت ڪيترو رت اُڙهو سو به تاريخ جي صفحن ۾ موجود آهي. سنڌ تي مغل حڪمرانن جي سپهه سالار عبدالرحيم خان خانا حملو ڪيو. لتاڙ ڪان پوءِ سنڌ مغل حڪمرانن جي نرغي ۾ آهي. سنڌ واسي هن دور ۾ حق تلفين ۽ ناانصافين خلاف جنهن مزاحمتي عمل جو مظاهرو ڪيو ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي.تاريخ مظهر شاهجهانيءَ جي ورقن ۾ سنڌ جي قبيلن جون مزاحمتون ۽ بغاوتون محفوظ ٿيل آهن. سنڌ جي ڪنهن ورلي قبيلي غلاميءَ جي قباحتن خلاف مزاحمت نه ڪئي هوندي باقي سمورن قبيلن وقت به وقت جهيڙيو. ڏاريجا، مڱڻيجا، مهر،سهتا،سميجا، ٻبر، شورا،اُنڙ، چانڊيا، نوحاڻي، سوڍا، ڪيبر، ساند، جوڻيجا، ڪيريا، دل، مطلب ته هر قبيلي جهيڙيو ۽ بغاوت ڪئي. مغل دور ۾ سنڌ ٽن سرڪارين ۾ ورهايل هئي. تنهي سرڪارين جي پرڳڻن ۾ موجود قبيلن مغل حڪومت خلاف مزاحمت ڪڙي ڪئي. تاريخ مظهر شاهجهانيءَ ۾ انهن قبيلن جي بغاوتن جا احوال شامل آهن. مغل دور ۾ ميان وال تحريڪ جي محاذ تان ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جون سرگرميون ۽ مزاحمتون به ان سلسلي جي ڪڙي آهن. هن مغل طرفدار مقامي جاگيردارن



خلاف مهم هلائي. آس پاس جي زميندارن شڪايتون ڪيون.آدمشاهه ڪي ملتان جي حاڪم هٿان شهادت جي درجو مليو(61) ميان شاهل محمد شهيد ٿيو. ميان نصير محمد جي سرواڻي ۾ ميان وال تحريڪ زور ورتو. ميان نصير محمد پنهنجي دور ۾ بزرگي ۽ رهنمائي ۾ زبردست شهرت ماڻي. مغلن خلاف شديد سرگرمين عيوض ڪيس قيد جون مشڪلاتون به پيش آيون. اورنگزيب عالمگير جي حڪم سان شهزادي معزالدين ملتان ڪان اچي ميان صاحب سان جنگ ڪري ڪيس گرفتار ڪيو(62) قيد بند ۽ ٻيون عقوبتون به ميان صاحب ڪي جهڪائي نه سگهيون. جيل ڪان ڪنهن طرح ڇوٽڪارو ماڻي ڳوٺ ڳاڙهي (ڪاڇوضلعو دادُو) ۾ آباد ٿي 25 سالن جي عرصي ۾ فقيرن جي هڪڙي قسم جي حڪومت ڪڙي ڪيائين(63) ميان نصير محمد ڪانپوءِ سندس وڏو پٽ ميان دين محمد گادي نشين ٿيو. سندس سرگرميون پڻ مغل حڪمرانن ڪي راس نه آيون. ميان دين محمد ۽ فقيرن مغلن جي آڻ نه مڃي.ملتان جي گورنر شهزادي معزالدين حملو ڪيو. ميان دين محمد حرفت سان گرفتار ٿي ويو. شهزادو ڪيس ساڻ وٺي ويو ۽ ملتان پهچي ڪيس حياتي جي قيد مان آزاد ڪيائين (64) مطلب ڪيس شهيد ڪرائي ڇڏيائين. ميان يار محمد جي گرفتاري لاءِ ڪوڙ (ٽوڙ) جي سرزمين ۾ گاج نديءَ جي ڪناري تي ميان يار محمد ڪلهوڙي سان جنگ ٿي ۽ ميان صاحب مقابلي جو نغارو وڄايو ۽ ڏرين ۾ زبردست لڙائي لڳي، جنهن ۾ ٻنهي طرفن ڪان رت جون نديون وهيون (65) مغل دور ۾ ڪلهوڙا خاندان ۽ سندس فقيرن جي منظم ويڙهه ۽ مزاحمت سنڌ جي ماڻهن ۾ آزادي جي تڙپ ۽ امنگ پرندڙ ڏيئي جيئان نظر اچي ٿي.

### ڪلهوڙن جو دور

ميان چنوءَ کان آدم شاهہ تائين ۽ ميان آدم شاهہ کان ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي سرگرمين تائين، ڪلهوڙن جي مغل حڪمرانن ۽ فرمارواٿن خلاف مزاحمتي ويڙهہ جي نتيجي ۾، ميان يارمحمد ڪلهوڙي مغل آشيرواد ۾ باقاعده سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪمراني جو پايو وڌو. سندس دور ۾ شاهہ عنايت شهيد جي تحريڪ جي جهنڊي هيٺ مغل حڪمرانن خلاف مزاحمتي جنگ جي صدا بُلند ٿي. شاهہ عنايت ٽڪساٽ سان شهيد ڪيو ويو.ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ايامڪاريءَ ۾ سنڌ تي ٻاهريون ڪاهون ٿيون. نادر شاهہ 1739ع ۾ ڪابل کان سنڌ ڪاهي آيو (66) شاهہ لطيف ڪُوڪ ڪئي، “ڪاڇي ڪاهيائون، سچ ڪـ سنگهارن لڌيو؟ احمد شاهہ ابدالي 1752ع ۾ حملو ڪيو (67) ڪلهوڙن جي آخري دور ۾ سن 1780ع ۾ مدد خان پٺاڻ طوفان وانگر سنڌ تي ڪاهي آيو(68) انهن حملن جي مزاحمت ۽ مقابلي ۾ مظلوم سنڌين جو خون وهيو. حملي آورن جي عسڪري قوت آڏو مزاحمت ڪارگر ثابت نہ ٿي ۽ سنڌ نپوڙجي ۽ نهوڙجي ويئي.سنڌ جي ماڻهن پنهنجي سرزمين جي دفاع ۾ قربانيون ڏنيون پر حملي آورن جي عتاب ۽ عذاب ڪين نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيو.

### ٽالپورن جو دور

ٽالپور اميرن پنهنجي سرواڻ ڪلهوڙا خاندان خلاف بغاوت ڪري راڄ قائم ڪيو. سنڌ ۾ انگريزن، ڪلهوڙن جي دور ۾ واپار جي بهاني پير ڪوڙڻ شروع ڪيا هئا.بعد ۾ مختلف هٿڪنڊن سان ٽالپور اميرن کي ڪمزور ڪرڻ شروع ڪيو هن



دور ۾ ڪرڙيءَ جي ميدان ۾ سنڌ واسين پنهنجي شجاعت ۽ وطن دوستيءَ جو ثبوت ڏنو. ڪرڙي جي جنگ 1649هہ (1833_34) ڌاري لڳي(69) سنڌ جي مٿير ماڻهن افغان حملي آور سان وطن جي جذبي سان سرشار ٿي شهيد ٿيا. انهن ناموس ۽ سنڌ جي سرفرازيءَ خاطرسر ڏنو. شاهہ شجاع شڪست کاڌي(70) انهي ڪانپوءِ ٽالپور امير ۽ سندن فوجن جو انگريزن سان جهڙپون ۽ مزاحمتون شروع ٿيون. انگريز سازشن جو ڄار وڇائي ٽالپور اميرن کي گهيري ورتو. ٽالپورن هر لحاظ کان ڪوشش ڪئي تہ غلاميءَ جي پاڃاري سنڌ جي اونچي ڳاٽ ۾ نہ پوي. منهوڙي جي قلعيدار (ميرن جي حڪم تحت) الهرڪئي خان سرجان ڪين جي جهاز تي گولاباري ڪئي. انگريزن ڏمرجي قلعي تي گولاباري ڪري، قلعي جي ديوار ڪيرائي قبضو ڪيو (71) انگريزن خلاف سنڌ جاماڻهو بہ سراپا احتجاج بڻجي ويا.جڏهن انگريز عملدار حفاظتي دستو وٺي ٻاهر نڪتو تہ ويهن هزارن جي هجوم اهڙو گوڙ مچايو جو مشڪل سان گدوبندر کان ٻہ ميل پري ٽنڊي نور محمد وڃي پهتو(72) انگريزن جي جوڙيل سياسي چالبازي ۽ حڪمت عملي ظاهر ٿيڻ لڳي ۽ سندن اصلي ارادو مياڻي جي جنگ تي توڙ ٿيو. 1843ع تي مياڻي جي ميدان ۾ سنڌ جا مقامي حڪمران،سالار ۽ سنڌ جي هر قبيلي سان تعلق رکندڙ ماڻهو قومي جذبي سان جنگ جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿيا. (73) هن جنگ ۾ بهادر ۽ دلير سپهہ سالار هوش محمد “مر ويسون پر سنڌ نہ ڏيسون” جهڙو نعرو هڻي، وڏي غيرت ۽ همت سان لڙندي شهيد ٿيو.

### انگريزن جو دور

انگريزن جي حڪومت جوسچ. ٽالپور اميرن جي سج لهڻ ڪانپوءِ اُڀريو. هن دور ۾ منظم مزاحمتي تحريڪون اڀريون جن انگريز سامراج خلاف جدوجهد ڪئي. سنڌ ۾ خاڪسار تحريڪ جي اثر ڪان علاوه ٻيون تحريڪون بہ نروار ٿيون. انهن ۾ ريشمي رومال تحريڪ، حُر تحريڪ نمايان آهن. حُر تحريڪ جي هلايل منظم تحريڪ جو مثال ئي ملڻ مشڪل آهي. دنيا ۾ ڪا بہ اهڙي تحريڪ نہ ٿي ملي، جنهن جي ڪارڪنن کي خاندان سميت مشترڪ طور قيد ڪيو ويو هجي. انگريز سامراج حُر مجاهدن کي سندن ڪٽنبن سميت سنڌ توڙي هند جي مختلف علائقن ۾ حُرڪئمپُون يا لوڙها جوڙي قيد ۾ رکيو. هن مزاحمتي تحريڪ ۾ مردن توڙي عورتن وڏي سرفروشيءَ سان حصو ورتو. هنن تحريڪن جي اثرهيٺ سياسي ۽ سماجي تنظيمن جنم وٺڻ شروع ڪيو. ڪيترن ئي رهنمائن ۽ انهن جي تحريڪن ۽ تنظيمن مزاحمتون ۽ بغاوتون ڪيون. هيمو ڪالاڻي جهڙن سوين سرفروشن ۽ آزادي جي متوالن قومي جذبي سان قربانيون ڏنيون، جن جي نتيجي ۾ انگريزن جو سج لٿو. هن دؤر جي سياسي، سماجي، ادبي ۽ مذهبي تحريڪن جو تفصيلي بيان واري ڊيگهہ کان بچندي مختصر اهو بيان ڪري سگهبو تہ سنڌ جي ماڻهن هر محاذ ۽ هر موڙ تي انگريز سامراج خلاف مزاحمت ۽ بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو.

**حوالا ۽ ڪتاب**


1. جنت السنڌ مولائي شيدائي ص 43
2. قديم سنڌ، ڀيرمل مهر چند آڏواڻي ص 131




books.sindhsalamat.com



3. ساڳيو حوالو ص 136.
4. سنڌ جي فوجي مهارت دادا سنڌي ص 11
5. قديم سنڌ ڀيرومل مهر چند آڏواڻي ص 131
6. جنت السنڌ مولائي شيدا ص 48
7. ساڳيو حوالو ص 48
8. سنڌين جي فوجي مهارت دادا سنڌي ص 21
9. جنت السنڌ مولائي شيدائي ص 49
10. آسمان، ڌرتي ۽ انسان، مولوي نور محمد سنڌي ص 189.
11. ساڳيو حوالو.
12. سنڌين جي فوجي مهارت دادا سنڌي ص 22
13. جنت السنڌ ص 49.
14. پاڪستان مين تهذيب ڪا ارتقا، سبط حسن ص 106.
15. ساڳيو حوالو.
16. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو، غلام محمد لاکو ص 65.
17. ساڳيو حوالو
18. پاڪستان مين تهذيب ڪا ارتقا سبط حسن ص 108.
19. ساڳيو حوالو.
20. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو ص 25.
21. پاڪستان مين تهذيب ڪا ارتقا، سبط حسن 109
22. ساڳيو حوالو ص 113
23. ساڳيو حوالو ص 114
24. سنڌين جي فوجي مهارت ص 30
25. پاڪستان مين تهذيب ڪا ارتقا ص 115
26. سنڌين جي فوجي مهارت ص 31.




www.sindhsalamat.com

27. ساڳيو حوالو ص 33
28. جنت السنڌ ص 57
29. ساڳيو حوالو ص 57.
30. پاڪستان مين تهذيب ڪا ارتقا ص 122
31. ساڳيو حوالو ص 134
32. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو ص 66
33. جنت السنڌ ص 77.
34. 34 چچ نامو عرف فتح نامءِ سنڌ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ص 63
35. جنت السنڌ ص 79.
36. پاڪستان مين تهذيب ڪا ارتقا ص 150
37. جنت السنڌ ص 85
38. ساڳيو حوالو.
39. پڙهو چچنامو ص 105 کان 115 تائين
40. چچنامو ص 173
41. چچنامو ص 174
42. جنت السنڌ ص 189
43. سنڌين جي فوجي مهارت ص 42
44. جنت السنڌ ص 222
45. سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو پروفيسر عبدالله مگسي ص 29
46. ساڳيو حوالو ص 30
47. جنت السنڌ ص 228
48. سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو ص 32.
49. ساڳيو حوالو ص 34


books.sindhsalamat.com

50. ساڳيو حوالو ص 37.
51. ساڳيو حوالو ص 37
52. جنت السنڌ ص 302
53. تاريخ مظهر شاهجهاني، يوسف ميرڪ ص 111، 112
54. تاريخ طاهري،سيد طاهر محمد نسياني ص 67
55. جنت السنڌ ص 309، 310
56. ساڳيو حوالو ص 311
57. ساڳيو حوالو ص 311
58. تاريخ طاهري ص 74
59. سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو ص 71
60. جنت السنڌ ص 340
61. تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور، جلد پهريون ص 131
62. ساڳيو حوالو ص 155.
63. جنت السنڌ ص 375.
64. تحفة الڪرام،مير علي شير قانع ص 231
65. ساڳيو حوالو
66. جنت السنڌ ص 433
67. تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور، جلد 1، ص 450
68. خليفي (نبي بخش قاسم) جو ڪلام ڊاڪٽر بلوچ ص 44
69. ساڳيو حوالو.
70. جنت السنڌ ص 867
71. ساڳيو حوالو
72. ساڳيو حوالو ص 595


www.sindhsalamat.com

## اين جِي مَجُمدار : وڃايل سنڌ جو ڳولائُو

جڳ مشهور محقق، مؤرخ، قديم آثارن جي ماهر ۽ پيلوگرافر نوني گوپال جي زندگي ۽ ڪم تي نظر وجهجي ٿي تہ ڏندين آڱريون اچي وڃن ٿيون. هن مهم جُو ٿوري ڄمار ۾ ڄمارن جو ڪم ڪيو آهي. لڳ ڀڳ 42 سالن جي عمر ۾ هن جنهن جاکوڙ ۽ ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو آهي سو تمام وڏي ڀَٽَپ وارو ڪم آهي. سندس مُهم جُو زندگي ۽ ڪم بابت بنگلا ديش ۽ هندستان ۾ تہ تحقيق نظر اچي ٿي پر سنڌ يا پاڪستان ۾ وسري ويل تاريخي ڪردار لڳي ٿو.

نوني گوپال مجمدار (Nani Gopal Majumdar) عرف عام اين جي مجمدار ڀهرين ڊسمبر 1897ع ۾ جيسُور بنگال (هاڻ بنگلا ديش) ۾ پيدا ٿيو.(1) بنگلا ديش جي آثار قديمہ کاتي سال 1997ع کي مجمدار جي ڄم صدي سال طور سيمينار منعقد ڪري ملهايو ويو هو. اشتياق انصاري صاحب، عزيز رانجهاڻي


books.sindhsalamat.com

جي حوالي سان سندس پيدائش جو سال 1868ع لکيو آهي سو صحيح نہ آهي(2). ان کان علاوه احترام لائق شخص ۽ محقق اشتياق انصاري صاحب نالو نوني گوپال (3) ۽ هڪ اخباري بيان ۾ ڪنهن حوالي کان سواءِ، نوني گوپال مجمدار جي پيدائش جو هنڌ "شهر مجمدار" (4) درج ڪيو آهي جيڪو درست نہ آهي.

نوني مجمدار جي پيءُ جو نالو ڊاڪٽر برادا پراسنا مجمدار هو ۽ سندس ماءُ جو نالو ساروجني هو. اين جي مجمدار ننڍي ڄمار ۾ محنت ۽ ذهانت جو مظاهرو ڪيو. 1918ع ۾ ڪلڪتي جي سنسڪرت ڪاليج ۾ پڙهيو ۽ سنسڪرت ٻوليءَ ۾ فرسٽ ڪلاس بي اي آنرز جي ڊگري حاصل ڪيائين، جنهن تي کيس ڪلڪتي يونيورسٽي پاران سلور ميڊل ۽ اسڪالرشپ سان نوازيو ويو. گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ ڪلڪتي يونيورسٽي ۾ نئين متعارف ڪرايل ڪورس "اينشنٽ انڊين هسٽري اينڊ ڪلچر" ۾ داخلا ورتائين. 1920ع ۾ ايم اي فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن سان پاس ڪيائين. کيس گولڊ ميڊل ڏنو ويو. نوني گوپال مجمدار پنهنجي پڙهائي ۽ تعليم جاري رکي. 1921ع کان 1923ع تائين لڳاتار تحقيق ۽ مطالعي ۾ مشغول رهيو. ڪلڪتي يونيورٽي طرفان "وجرا" جي تحقيقي مقالي تي گرفٿ يادگار انعام ڏنو ويو ۽ پريم چند راءِچند جي رهنمائي ۾ خروشتي لکت جي موضوع " اي لسٽ آف خروشتي انسڪرپشنس" تي لکيل ٿيسس تي يونيورسٽي طرفان کيس گولڊ ميڊل جو ايوارڊ ڏنو ويو(6).


www.sindhsalamat.com

نوني گوپال مجمدار سنچالتا مکرجي سان شادي ڪئي، جيڪا مُراريچند ڪاليج سلهٽ جي نيلني موهن شاستري جي وڏي ڌيءُ هئي. کيس ٻه ڌيئر، ديپتي، اِلا ۽ هڪ پُٽ تپاس ڄاڻو. تپاس سيني کان ننڍو هو(5). تپاس مجمدار بابت ديپنڪار داس گپتا لکي ٿو: تپاس مجمدار 6 جنوري 1929ع تي ڄائو ۽ پريزيڊينسي اسڪول ۽ پريزيڊينسي ڪاليج ڪلڪتي ۾ پڙهيو. 1957ع ۾ لنڊن مان اڪانامڪس ۾ پي ايڇ ڊي ڪري اول پريذيڊينسي ڪاليج ڪلڪتي ۾ ۽ پوءِ جواهر لال نهرو يونيورسٽي دهلي ۾ پروفيسر ٿيو ۽ رٽائر ڪيائين. 15 آڪٽوبر 2010 تي وفات ڪري ويو(7).

نوني گوپال مجمدار پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ڪلڪتي يونيورسٽي ۾ اينشنٽ انڊين هسٽري اينڊ ڪلچر شعبي ۾ ليڪچرر طور ڪئي، جتي هو 1923ع کان 1924ع تائين رهيو ۽ 1924ع ۾ ئي کيس وريندرا رسرچ سوسائٽي راجشاهي بنگال (هاڻ بنگلا ديش) جي رسرچ ميوزم ۾ ڪيوريٽر طور ڀرتي ڪيو ويو. هتي ئي هن انسڪرپشنس آف بنگال واليوم-3 لکيو. راجشاهي ميوزم کان پوءِ گڏيل هندستان جي ان وقت جي آثار قديمه کاتي جي ڊئريڪٽر جنرل جان مارشل پاران 1925ع ۾ قديم آثارن جي ٽريننگ لاءِ منتخب ڪيو ويو(8). ٽريننگ جي سلسلي ۾ وريندرا رسرچ ميوزم کان ڊيپيوٽيشن تي جان مارشل جي رهنمائي ۾ نومبر 1925ع کان مارچ 1926ع تائين موهن جي دڙي جي کوٽائي ۽ کوجنا ۾ مصروف رهيو. مجمدار ٻيهر راءِ بهادر ديارام سهني جي سرپرستي ۾ نومبر



1926ع کان مارچ 1927ع تائين موهن جي دڙي جي کوٽائي ۾ حصو ورتو. نوني گوپال مجمدار کي سندس ڪارڪردگي ۽ اهليت جي بنياد تي 18 جون 1927ع تي گڏيل هندستان جي قديم آثارن واري کاتي ۾ اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ طور مقرر ڪيو ويو ۽ اوستائين شملا ۾ رهيو جيستائين عهدي جو نالو ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ آرڪيالاجسٽ فار ايڪسپلوريشن آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا رکيو ويو(9). 1927ع کان 1928ع تائين اِي جي ايڇ مئڪي سان موهن جي دڙي جي کوٽائي ۾ ٻانهن ٻيلي رهيو. انهي دؤران جنوري 1928ع ۾ مجمدار موهن جي دڙي کان جُهڪر جي دڙي جي کوٽائي لاءِ ويو ۽ ٻن مهينن تائين کوٽائي جاري رکيائين. ايڇ هار گريوز جنهن آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا، سالياني رپورٽ 28_1927ع ايڊٽ ڪئي سو پنهنجي نوٽ جي آخر ۾ لکي ٿو ته راءِ بهادر ديارام ۽ مسٽر مجمدار جي لاياقتي ۽ قيمتي مدد لاءِ مان پنهنجا احساس رڪارڊ ڪرڻ ضرور چاهيندس(10).

نوني گوپال مجمدار آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا کاتي ۾ 22 اپريل1929ع کان سپرنٽينڊنٽ آرڪيالاجسٽ آف سينٽرل سرڪل رهيو. جتان کيس بدلي ڪري 11 مئي 1929ع تي ڪلڪتي ۾ اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ ارڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا مقرر ڪيو ويو. کيس 18 جون 1929ع ۾ نوڪري ۾ پڪو ڪيو ويو ۽ کيس بدلي ڪري 16 جولاءِ 1929ع تي شملا ۾ اسسٽنٽ سپرنٽنڊينٽ ايڪسپلوريشن جي عهدي تي فائز ڪيو ويو. 31_1930ع سنڌ ۾ کوجنا جي عمل ۾ رُڌل رهيو(11). جنهن

بابت نوني گوپال مجمدار پاڻ لکي ٿو تہ مسٽر ايچ هارگريوز کي هندستان جي آرڪيالاجي کاتي ۾ ڊئريڪٽر جنرل مقرر ڪيو ويو ۽ جان مارشل جي مشوري سان هن حڪومت کي تجويز ڏني تہ مونکي ڊيلٽا جي علائقي کان شروع ٿيندڙ سنڌ جي ڏاکڻن ضلعن ۾ کوجنا ڪرڻ گهرجي(12).

نوني گوپال مجمدار سنڌ ۾ کوجنا شروع ڪئي ۽ اٽڪل 62 قديم آثار ڳولي لڌا جن منجهان گهٽ ۾ گهٽ ٽيهارو ماڳ تاريخ کان اڳ جي دؤر ۽ ٽامي جي دؤر جا آهن(13). اين جي مجمدار جي انهيءَ تحقيق ۽ کوجنا لاءِ ان وقت جي ڊئريڪٽر جنرل آرڪيالاجي آف انڊيا، جي ايف بليڪسٽن چاٽايو آهي تہ 31_1930 ۾ مسٽر مجمدار هڪ مُهم مڪمل ڪئي، ڪيترا سال اڳ هندستان جي سروي شروع ٿي پر هن مهم جا نتيجا ايترا تہ دلچسپ آهن جو اهي هاڻي پڪا شاهد آهن تہ موهن جي دڙي جي دور جا، سنڌ ۾ اجان وڏيڪ ماڳ آهن(14).

مهم جوئي نوني گوپال مجمدار جي جهڙوڪر خمير ۾ شامل هئي. 1931ع کان 1938ع تائين مسلسل کوجنا ۾ رهيو ۽ گڏيل هندستان جي مختلف علائقن ۾ کوجنا جاري رکندي ڪيترائي ماڳ ڳولي لڌائين. پهرين آڪٽوبر 1938ع تي مجمدار کِي سنڌو ماٿري جي تاريخ کان اوائلي دور واري تهذيب جي وڌيڪ کوجنا لاءِ موڪليو ويو. هن سنڌ ۾ کيرٿر جابلو پٽي ۽ لڳولڳ ميدانن ۾ کوجنا شروع ڪئي. پنهنجي ٽن هفتن جي کوجنا ۾ درجن اڌ درجن ٽامي جي دور جا ماڳ ڳولي ورتائين 11 نومبر 1938ع تي صبح جو ڌاڙيلن جي ٽولي هٿان مارجي ويو جن



سندس ڪئمپ تي حملو ڪيو هو(15). مسٽر ديپنڪار داس گپتا هن درد ناڪ واقعي لاءِ ٻڌائي ٿو تہ نيني گوپال مجمدار سنڌ جي قديم دور جي تهذيب جي کوجنائن ۾ راکلداس بنديوپاڌياوَ (Rakhaldas Bandyopadhyay) سان گڏ هو تہ ڪيس غلطيءَ ۾ پوليس وارو سمجهي 11 نومبر 1938ع تي کيرٿر جي ڪنار سان پهاڙين ۾ شوٽ ڪيو ويو(16). نوني گوپال مجمدار کي ڌاڙيلن ڇو قتل ڪيو؟ يا وري ڌاڙيلن بجاءِ ڪنهن ٻئي قتل ڪيو؟ اصل سبب يا ڪارڻ اڄ تائين تحقيقي طور سامهون نہ آيو آهي. منهنجي خيال ۾ انهيءَ پٺيان اها جاهلاڻي سوچ آهي، جنهن موجب ماڻهو سمجهندا آهن تہ انهن قديم ماڳن ۾ قديم زماني جي ماڻهن جو خزانو پوريل آهي جنهن کي کوجنيڪ ڳوليندا آهن ۽ شايد مجمدار بہ انهيءَ سوچ تحت ڪنهن جو شڪار ٿي ويو هجي. مقامي راءِ موجب ڪيس کيرٿر پهاڙين جي سلسلي ۾ گاج نئي جي ساڄي ڪپ تي موجود روهيل جي ڪنڊ جي قديم ماڳ وٽ قتل ڪيو ويو هو پر هن راءِ کي بہ تحقيقي نظر جي گُهرج آهي. هن ماڳ تي ڪيس پيٽا ڏيڻ لاءِ سڄاڳ سنسار جوهي طرفان 16 جنوري 2011ع تي هڪ سيمينار بہ ڪوٺايو ويو ۽ پيٽا طور سندس نالي جي يادگار تختي پڻ لڳائي وئي آهي.

نوني گوپال مَجُمدار نہ صرف سنڌ پر پوري دنيا ۾ آرڪيالاجسٽ ۽ پئلوگرافر طور مڃتا ماڻي. نوني گوپال مجمدار جهڙو ماهر کوجنيڪ اوائلي سنڌو تهذيب جا راز پڌرا نہ ڪري ها تہ شايد اڄ سوڌو دفن رهن ها. سنڌ سندس قتل جي دانستہ ڏوهي ناهي. اها سنڌ ڌرتي جي بدنصيبي چئبي جو مجمدار جي قتل جو

واقعو سنڌ ۾ پيش آيو. سنڌواسي ٻہ انهيءَ سوگ ۾ صدين تائين وڪوڙيل رهندا.

سنڌ ۾ اين جِي مَجُمدار جي نالي، ڄمر جي سال ۾ سندس حياتيءَ جي احوال تي تحقيق جي روشني ۾ ڪاٻہ چٽي روشني نہ وڌي وئي آهي. هيءُ مؤرخ جهڙوڪر تاريخ جي ورقن ۾ گُم ٿي ويل ڪردار رهيو آهي. هن بابت هر ڪنهن ڪوجنيڪ پنهنجي پنهنجي راءِ پئي ڏني آهي.جنهن ڪري اڄ تائين مجمدار بابت بهتر تحقيقي موجود نہ آهي.

نوني گوپال مجمدار جو ڪيل ڪم لازوال آهي. هن سنڌ ۾ تاريخ کان اڳ واري سنڌو تهذيب کي دنيا آڏو نروار ڪيو. ايڪسپلوريشنس ان سنڌ ۾ هت اٽڪل 32 قديم ماڳن بابت ذهني عرق ريزي ۽ مهارت سان تحقيق پيش ڪئي آهي. هنن ماڳن ۾ ڪيس ميهي، ڪُلي ، نال، عراقي ، آمري ۽ موهن جي دڙي جي تهذيبن جا نشان مليا. انهيءَ ڪانسواءِ ڪوتائي ڪيل ماڳن ۾ جديد پٿر جي دؤر (Neolithic ) ۽ لوه يا ڪنجهي جي دؤر (chalcolithic) جي تهذيبن جا آثار پڻ گولي لڌائين. ايڪسپلوريشنس ان سنڌ سان گڏ سندس ٻيا ڪتاب پڻ ڇپيل آهن جن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

1 نَلند ڪاپر پليٽس آف موناگڙهہ، وريندرا رسرچ ميوزم سوسائٽي راجشاهي نمبر:1 اپريل 1926ع.

2 اِنسڪرپشنس آف بنگال، واليو_3 ، راجشاهي بنگال، 1929ع.



3 ايڪسپلوريشنس اِن سنڌ نمبر:48 ، سنڌ ۾ ڪيل تحقيق، انڊس پبليڪيشنس ڪراچي، 1934ع.

4 اي لِسٽ آف خروتشي اِنسڪرپشنس ،ويجهاٽي ۾ ڇپيل، 2008ع.

5 اي گائيڊ ٽہ دي اڪلپچرس آف انڊين ميوزم، ٻہ ڀاڱا، 1937ع.

نوني گوپال مجمدار انهيءَ ڪانسواءِ مختلف موضوعن تي ٻيابہ تحقيقي مقالا لکيا جن جو تعداد ملار مترا 55 ڄاڻائي ٿو(17). هن يگاني آرڪيالاجسٽ ۽ تاريخدان جي لافاني ڪيل ڪم ۽ زندگي بابت اڃان بہ وڌيڪ تحقيق جي گُهرج آهي جنهن وسيلي سنڌ ۾ سندس وهايل رت جو قرض ادا ٿي سگهي ٿو.

### حوالا ۽ ڪتاب

1 ديبالا مِترا ، ايڊيٽيڊ، ايڪسپلوريشنس اِن آرٽ اينڊ آرڪيالوجي آف سائوٿ ايشيا، ڊپارٽمينٽ آف آرڪيلاجي اينڊ ميوزم گورنمينٽ آف ويسٽ بنگال ڪلڪتہ، 1996ع. ص، xv

2 اشتياق انصاري، گورک، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، 2009ع ص،65

3 روزاني ڪاوش حيدرآباد، 17 جنوري 2011ع

4 روزاني ڊان ڪراچي 17 جنوري 2011ع

5 مِلار مِترا، بايوگرافيڪل پروفائيل آف نيني گوپال مَجُمدار، ديبالا مترا جي ايڊٽ ٿيل ڪتاب ۾ شامل پيپر. ص، xvi

6 ساڳو حوالو، ص، xvii

7مسٽر ديپنڪار داس گُپتا

h:tt//dipankardasgupta.com,Obituary_Tapas Majumdar

8 ديبالا مترا، مٿي ڏنل ساڳيو حوالو ۽ صفحو.

9 ملار مترا ساڳيو حوالو. ص، xviii

10 ساڳيو حوالو.

11 ديبالا مترا مٿي ڏنل ساڳيو حوالو ۽ صفحو

12 اين جِي مَجُمدار، ايڪسپلوريشنس اِن سنڌ، انڊس پبليڪيشنس ڪراچي، 1934ع. ص ii،

13 ملاي مترا، ساڳيو حوالو ص،xix

14 ساڳيو حوالو ص، xx

15 ساڳيو حوالو ص،xix

16 مسٽر ديپنڪار داس گپتا جو مٿي ڏنل ساڳيو حوالو.

17 ملار مترا ساڳيو حوالو ص،xx کان xxiii

انٽر نيٽ جي مدد

18 h:tt//www.getcited.org/mbz/100931003

19 Vedams eBook: A list of Kharoshthi Inscription

20 h:tt//openlibrary.org/authors/OL208245A/Nani_Gopal_Majumdar,

21 فوٽو نوني گوپال مجمدار جي ڌُهٽي پروفيسر آنجن مُکرجي ايميل وسيلي دهلي کان موڪليو.



## ڪلهوڙن جو ٽيون وڏو تختگاهه

ڪلهوڙن جو تعلق مقامي سنڌي قبيلي سان هئو جن پيري مُريدي ۽ ميانوال تحريڪ جي سرگرمين وسيلي سنڌ تي حُڪمراني قائم ڪئي. تاريخ ڪلهوڙا دؤر ۾ ڏنل سندن شجري ۾ پهريون نالوميان اوڏاٽي جو اچي ٿو جيڪو ڪنهن به صورت ۾ عرب نه ٿو ٿي سگهي. ميان يار محمد جي ڏهاڙن ۾ ئي ڪلهوڙن پنهنجي نسبت عباسين سان ايئن ڳنڍڻ شروع ڪئي جيئن سنڌ جي ٻين مقامي قبيلن احساس ڪمتري تحت پنهنجي حسب نسب جو تعلق ايران يا عربستان جي قبيلن سان جوڙڻ شروع ڪيو. ڇاڪاڻ ته ٻاهرين حملي آور قومن يا قبيلن سنڌ جي قبيلن کي حقير سمجهيو ۽ اهو نفسياتي تاثر جوڙيو ته اوهين محڪوميت جي ۽ اسين حاڪميت جي قابل آهيون. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي اڪثر مقامي قبيلن عربستان يا ايران سان ڳنڍي ٻاهرين قبيلن يا قومن آڏو ظاهر ڪيو ته اسين به اعليٰ حسب نسب سان تعلق رکون ٿا. بهر حال هت ڪلهوڙا دؤر جي ٽئين وڏي تخت گاهه خداآباد_2 جو ذڪر ڪرڻ بهتر ٿيندو.

تاريخي طور ڪلهوڙن جي سنڌ تي حڪمراني جو دؤر ميان يار محمد ڪلهوڙي کان شروع ٿئي ٿو. ميان آدم شاهه ڪلهوڙي کان وٺي ميان دين محمد تائين ڪلهوڙا مغل حڪمرانن سان مهاڏو اٽڪائيندي مغلن جي عتاب ۾ رهيا. ميان نصير محمد ڪلهوڙو

میانوال تحریڪ جو یگانو اڳواڻ رهیو جنهن گوالیار جیل منجهان ڪنهن طرح آزاد ٿي اچي ڳوٺ ڳاڙهي ۾ سڪون پذیر ٿیو ۽ چانڊڪا ۽ سیوهڻ کان پوءِ ڪنهن قدر ساهتي پرڳڻي تي به اثر رسوخ قائم ڪیو. میان نصیر محمد جي سنڌ تي حُڪمراني قطعي مڃي نه ٿي سگهجي. میان نصیر محمد ڪلهوڙي 1692ع ۾ وفات ڪئي ته پیراڻي گادي وارو ورثو میان نصیر محمد ڪلهوڙي جي وڏي پٽ میان دین محمد ڪلهوڙي کي ملیو. اٽڪل 1699ع یا 1700ع ۾ اُن وقت ملتان جي مغل گورنر معزالدین ڳوٺ ڳاڙهي تي ڪاهه ڪئي جنهن جو گاج جي ڪناري تي ڪوڙ جي میدان ۾ میان یار محمد ڪلهوڙي ڄمي مقابلو ڪیو پر مغل لشڪر جو مقابلو نه ڪري سگهڻ واري صورتحال ڏسي میان یار محمد ڪلهوڙو زیديءَ (ضلع خضدار) جي رستي قلات هلیو ویو ۽ میان دین محمد ڪلهوڙو سیوهڻ جي قلعي مان گرفتار ٿیو. میان دین محمد ڪلهوڙي کي 28 ساٿین سان ملتان ۾ شهید ڪیو ویو. ڪجهه عرصو خان آف قلات وٽ رهي میان یار محمد ڪلهوڙو ساڳي رستي واپس سنڌ موٽي میان وال تحریڪ کي سرگرم ڪیو. ڪیس اٽڪل 1715ع تائین مقامي قبیلن ۽ پنهنجي ٽڪ منجهان دائودپوٽن جي مخالفت کي منهن ڏيڻو پیو. مخالفتن جي باوجود میان یار محمد ڪلهوڙو پنهنجو اثر رسوخ وڌائیندو رهیو. نیٺ 1718ع ۾ ڪیس مغلن شهنشاهت طرفان "خدایارخان" جي لقب سان گڏ حُڪومت جو پروانو ملیو ته هن پنهورن جي ڳوٺ "شڪارپورپنهورڪِي" تي خداآباد جو نالو رکي اُن کي حُڪُومت جو مرڪز یا گادي جو هنڌ بڻایائین. هيءُ



خداآباد جو پهریون ڳوٺ آهي جیڪو هن وقت دادو شهر کان ڏکڻ طرف ۽ یان سعیدآباد کان اُتر طرف. انڊس هاءِ وي سان لڳولڳ واقع آهي. دادو توڙي یان سعیدآباد کان لڳ ڀڳ ساڳي مفاصلي تي آهي. هيءُ خداآباد گهڻو مقبول ۽ مشهور آهي جتي جامع مسجد ۽ میان یار محمد ڪلهوڙي جي مقبري جهڙا یادگار به آهن ته خداآباد به صفحهءِ هستيءَ تي موجود آهي.

میان یار محمد جي وفات کان پوءِ 1719ع ۾ سندس پُٽ میان نورمحمد ڪلهوڙي حُڪومت جون واڳون سنڀالیون. ڪجهه عرصي بعد میان نورمحمد ڪلهوڙو خداآباد ڇڏي ساهتي پرڳڻي جي ویجهو "محمودآباد" ۽ ڪن تاریخن موجب "محمدآباد" ڳوٺ قائم ڪري ان کي مرڪز بڻایو. هيءُ ڳوٺ موجوده شهر شاهپور جهانیا کان اوڀر-ڏکڻ ۾ اڄ به موجود آهي، جتي میان نورمحمد جو قبرستان یا مزار به آهي ته ننڍڙو ڳوٺ به آهي. هاڻ اهو ڳوٺ "میان نور محمد جا قبا" سڏجي ٿو. میان نورمحمد کان پوءِ ڪلهوڙا اقتدار اندروني خلفشار جو شڪار رهیو. میان نورمحمد ڪلهوڙي کان پوءِ اول حُڪومت میان عطر خان جي حصي ۾ آئي ۽ پوءِ میان غلام شاه 1759ع ۾ اقتدار سنڀالیو. ڪجهه وقت مختلف ڳوٺن ۾ رهیو پر پوءِ حیدرآباد کي مستقل مسڪن بڻایائین ته حیدرآباد ڪلهڙن جي دؤر جو بیو وڏو گاديءَ وارو هنڌ بڻیو. میان غلام شاه کانپوءِ 1772ع ۾ میان سرفراز خان ڪلهوڙو حُڪومت جي تخت تي ویٺو. سرفراز خان شاعر به هو. تاریخ سنڌ ڪلهوڙا دؤر موجب وٽس شعر گوئي جي وڏي پرک به هُئي. ڪجهه وقت حیدرآباد ۾ رهڻ کانپوءِ هن پنهنجن بزرگن جي یاد

تازي ڪرڻ لاءِ سنڌو درياهه ڪناري نئون ڳوٺ قائم ڪري ان تي خداآباد نالو رکي رهائش اختيار ڪيائين. هيءُ ڳوٺ خداآباد 2 سڏجڻ ۾ آيو ۽ ڪلهوڙن جي دؤر جو ٽيون وڏو تخت پڙ بڻيو. هيءُ هالا شهر کان اٽڪل ڏيڍ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي اولهه طرف موجود هو. رحيمداد مولائي شيدائي جي لکيل ڪتاب جنت السنڌ موجب ميان سرفرازخان گادي وارو ٽيون وڏو هنڌ خداآباد-2 سن 1774ع ۾ ٻڌو. مولائي شيدائي لکي ٿو ته خداآباد-2 سٽن ميلن جي ايراضي تي پکڙيل هو ۽ نئين کان پوءِ ٻيو وڏو شهر هو. هت ٽالپور امير ۽ دربار سان سلهاڙيل ٻيا اهم ماڻهو به آباد هئا. رحيمداد وڌيڪ ڄاڻائي ٿو ته انگريز مؤرخن ٿارنٽن ۽ جي.ووڊ مطابق خداآباد-2 وارو گادي جو هنڌ 1814ع ۾ تباهه ٿيو ۽ کنڊرات چار ميل هم چورس پکڙيل هئا . برطانوي راڄ دوران بمبئي سروي رڪارڊ موجب خداآباد-2 جي آبادي 100 گهرن تي مشتمل هئي.

ڪلهوڙن جي گادي واري هن ٽئين هنڌ توڙي ميان سرفراز خان جي حُڪمراني جي خاتمي ۽ سندس شهادت جو ڪارڻ راڄو ليکي ٿاني ۽ سندس پُٽ تاجو ليکي ٿاني هُئا. هنن سازش ڪري مير بهرام خان ۽ سندس پُٽ ميرصوبدار خان کي قتل ڪرايو. منصوبي موجب مير بهرام خان دربار ۾ آيو ۽ سرفراز خان جي موجودگيءَ ۾ وينو ئي هُئو ته مٿس حسن نالي هڪ شخص مٿس حملو ڪري ٽڏي تي قتل ڪري ڇڏيو. مير بهرام ٽالپورن جو مهندار ۽ ڪلهوڙن جو مُک سپهه سالار هو. نفرت جي باهه ڀڙڪي ته ٽالپرن لڙائي تي لهي آيا. مڇريل ٽالپور اميرن خداآباد-2 تي


books.sindhsalamat.com

حملو ڪيو. ميان سرفراز خان ڪوٽ جي مخصوص درياءَ منجهان پنج ڇهه ماڻهن ساڻ نڪري درياهه تي آيو جتان ٻيڙيءَ وسيلي حيدرآباد پهچي قلعي ۾ پناهه ورتائين. حيدرآباد قلعي تي حملو ڪيو ويو ۽ قلعي تي قبضي ڪانپوءِ سرفراز خان کي حُڪومت تان معزول ڪيو ويو. 1777ع ۾ ميان عبدالنبي ڪلهوڙي کي حُڪمران بڻايو ويو. ميان سرفراز کي شهيد ڪيو ويو ۽ کيس حيدآباد ۾ دفن ڪيو ويو جتي سندس مزار اڄ به پِير طورعام خاص جي زيارت گاهه جو مرڪز بڻيل آهي. سندس مزار وارو حيدرآباد وارو علائقو سرفراز ڪالوني سڏجي ٿو. حيرت ان ڳالهه جي به آهي ته ڪلهوڙا دؤر جي ٽئين وڏي گادي جي هنڌ. خداآباد جي اڏيندڙ ۽ ماضيءَ جي حُڪمران کي اڄڪلهه مقامي ماڻهو ”مڇلِي والا بابا“ طور سڃاڻن ٿا.

خداآباد-2 جو وجود مُڪمل ميسارجي چُڪو آهي. صرف اڻ لڳا نشان موجود آهن. اُن جي ويجهو هڪ تاريخي قبرستان آهي جيڪو مقامي طور خداآباد-2 سان منسوب آهي جنهن ۾ اڏيل شاندار مقبرا ڪلهوڙا دؤر جي بهترين طرز تعمير جي نشاندهي ڪن ٿا. هن قبرستان ۾ مير فتح علي، مير غلام علي ۽ مير صوبدار پڻ دفن ٿيل آهن.

**مددي ڪتاب**

- تاريخ ڪلهوڙا دؤر، غلام الرسول مهر
- جنت السنڌ، رحيمداد مولائي شيدائي
- سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو عبدالله مگسي.


www.sindhsalamat.com

# گاج ندي

گاج وڏي برساتي ندي آهي. گاج لفظ جي لغوي معنيٰ گوڙ گرج، شور يا گجگوڙ آهي. انهي پسمنظر ۾ ئي ندي تي گاج نالو پيو. چاڪاڻ تہ هي باراني ندي ساوٽي جي شديد بارشن ۾ جڏهن ميداني علائقي ۾ لهندي آهي تڏهن وڏي آواز گوڙ ۽ هاسي سان لهندي آهي. ان جو شور ميلن تائين ٻُڌڻ ۾ ايندو آهي. گاج نئي اولهندي جابلو علائقن مان وهندي اچي جوهي تعلقي جي ڪاڇي واري ميداني علائقي ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. بلوچستان جي ضلعي خضدار جي سمان تنگ، زِيدي ۽ ڪرخ جي جابلُو ايريا مان وهندڙ نَئيُون وهندين اچي ڪولاچي نئي ۾ ڇوڙ ڪن ٿيون، جڏهن ڪولاچي نئين اچي گاج ۾ پوي ٿي تہ گاج درياهہ جي رُوپ ۾ ڪيرٿر اُڪري ٿخ وٽان ڪاڇي ڏانهن رُخ ڪري ٿي. نئي سمان تنگ، خضدار شهر جي اوپر ۾ لڳ وهي هلندڙ نئي ڪوشڪ يا خضدار جي اُتر ۾ محمد خان زهري ڳوٺ وٽان گذرندڙ نئي باغبان، زيدي مان وهندڙ نئيُن ۽ ڪرخ جي علائقي مان وهندڙ نئي ڪرخ جو مون پاڻ مشاهدو ڪيو آهي. اُهي نئيُون تمام وڏيون نئيُون آهن. 1995ع ۾ بلوچستان ۾ پوندڙ برساتُن ۾



انهن نئيُن ڪي مُون وهندي ڏٺو جن نہ صرف بلوچستان جي خضدار ضلعي کي مفلوج ۽ متاثر بڻايو هو پر انهن جو ڇوڙ جڏهن گاج نئي وسيلي جوهي واري علائقي ۾ ٿيو هو تہ سڄو علائقو خطرناڪ ٻوڏ جي لپيٽ ۾ اچي ويو هو. حالانڪ جوهي ۾ ڪي خاطر خواهہ بارشُون بہ نہ پيون هيون. اهو چوڻ درست نہ آهي تہ گاج ۾ ايران کان وهي هلندڙ نئيُن جو پاڻي پوي ٿو. ايران مان ايندڙ باراني پاڻي جو مختلف نئيُن وسيلي خاران، پنجگور، چاغي، ڪيچ مڪران ۽ گوادر ڏانهن وهڻ، جڏهن تہ خضدار جي اولهندي نئي نال ۽ ڏڪڻ ۾ تعلقي وڍ کان وهندڙ نئي ٽُڪ جو ڇوڙ نئي پورالي ۾ ٿيڻ ۽ پورالي جو لسٻيلي ڏانهن وهي هلڻ تہ سمجهہ ۾ اچي ٿو پر اُن پاڻي جو اوپر طرف سوين ميل جابلُو علائقا لتاڙي خضدار ۽ پوءِ گاج ڏانهن وهي اچڻ سمجهہ کان ٻاهر آهي.
گاج قديم زماني کان سنڌ ۽ بلوچستان سرحدن ۾ وهندڙ آهي. سندس ٻنهي ڪنارن سان قديم بستين ۽ دڙن جا آثار موجود آهن. تحقيق ڪرڻ سان قبل مسيح کان تاريخ جي وچئين دور تائين جا آثار ملي سگهن ٿا. گاج جي ٻنهي ڪنارن سان پٿرن قديم چٽسالي بہ ملي آهي. انڪري گاج کي هڪ تهذيب جو نالو ڏئي سگهجي ٿو. راورٽي ۽ ٻين مُحققن موجب قديم زماني ۾ سنڌُو جي هڪ وڏي ڇاڙ بکر کان نڪري موجوده ڪنڌڪوٽ- ڪشمور کان وهندي، هاٽوڪن قنبر-شهدادڪوٽ، لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن وارا علائقا لتاڙي مَنڇَر وٽان جابلُو علائقي جي جبلن سان ٽڪرائجي، ڪُن يا موڙ کائي، ڏکڻ طرف وهندي سيوهڻ جي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ٻـ ڏکڻ ۾ لال باغ وٽان وهي وڃي سنڌُو سان ملندي هُئي. ڪاڇو ٻـ اُن ڇاڙ جوڙيو تـ ڄاٽايل مٿين ضلعن ۾ ملندڙ ٻين سمورين ڊنڍن جيان مَنڇر ٻـ اُن درياهي ڇاڙ جي نتيجي ۾ وجُود ۾ آئي. ٻين جابلُو نئيُن وانگر گاج ٻـ يقينن اَوَل اُن درياهي ڇاڙ ۾ ڇوڙ ڪندي هُئي. اُن درياهي ڇاڙ جي ڪناري ڪيترن ئي پٽڻن ۾ قديم بستين جا آثار پڻ موجود آهن. طبعي ۽ جاگرافيائي ڦيرڦار سبب جڏهن اها ڇاڙ سُڪي وئي تـ گاج جو ڇوڙ هاڙوڪِي سُڪ نئي جي وهڪري سان پاٽ شريف ۽ ڪاٺ وٽان سئون سڌو سنڌو درياهـ ۾ ٿيڻ لڳو. جڏهن انگريز دؤر ۾ اولهندو نارو نڪتو تـ گاج جو ڇوڙ ناري ۾ ٿيڻ لڳو. انهن دؤرن ۾ گاج جي اضافي پاڻي جو وهڪرو شول (سول) نئين وسيلي منڇر ڏانهن ٻـ رهيو. 1932ع ۾ ٻئراج جُڙڻ کان پوءِ گاج ندي جو تِير ٻِتِ وسيلي مستقل رُخ منڇر ڏانهن موڙيو ويو.

گاج خطرناڪ ٻوڏن جو سبب ٻـ بڻجندي رهي آهي پر قديم زماني کان زراعت جي ٻـ ضامن رهي آهي. منهنجي تحقيق ۾ ڄاڻ موجب سنڌ ۾ واحد باراني ندي آهي جنهن جو قديم زماني کان يُونِيڪ اِريگيشن سسٽم رهيو آهي. اهونظام نـ صرف برساتي پاڻي وسيلي هلندو آيو آهي پر گاج ٻارهووهندڙ نئي آهي. گاج وسيلي قدرتي چشمن جو وهي ايندڙ پاڻي تي ٻـ پراڻي وقت کان پوکي راهي ٿيندي رهي آهي. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ تـ واهن جو نظام تشڪيل ڏنو ويو جنهن کي انگرازن سنواريو ۽ سُڌاريو ۽ گاج اريگيشن سسٽم کي ڊويزن طور هلايو. اهو سسسٽم پاڪستان جُڙڻ کان پوءِ ٻـ روان رهيو. گاج وسيلي چشمن جي انهي پاڻي تي



books.sindhsalamat.com

ميداني علائقي ۾ واهن وسيلي آبادي ٿيندي رهي آهي، گاج تي مڏ سسٽم اڄ ٻـ رائج آهي.. مقامي ماڻهو جابلو علائقي ۾ گاج جي وهڪري تي مَڏُ سسٽم وسيلي چشمن وارو پاڻي لفٽ ڪري اُتي ننڍيُون وڏيُون ماٿريُون پڻ آڳاٽي دؤر کان آباد ڪندا آيا آهن.

گاج واحد نئي آهي جنهن تي حُڪومت پاڪستان ڊيم ٺاهڻ جي رٿا ۾ مصرُوف آهي. . ڊيم ٽُٽڻ يا برساتن ۾ اووَر فلو ٿي ٻوڙڻ جو خطرو جوهي تعلقي کي آهي پر پاڻي ڏيڻ لاءِ جوهي جون ٿوريون يا مخصوص يونين ڪائنسلون شامل آهن. اڪثر ميهڙ ۽ کي.اين شاهـ جي يونين ڪائونسلن کي پاڻي ڏيڻ جي منصوبا بندي ڪيل آهي. گاج ڊيم جي رٿا ۾ پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ گاج کان ڏکڻ طرف منڇر جي ويجهي علائقو ۽ مَنڇر شامل نـ آهن جيڪا ڳالهـ ٻـ اکيائي ۾ ۾ شمار ڪري سگهجي ٿي. هڪ واهـ گاج کان مَنڇر تائين نِيَڻ سان نـ صرف هزارين ايڪڙ بنجر زمين آبادي هيٺ ايندي پر گڏو گڏ منڇر کي ٻـ تازو پاڻي مهيا ٿي ويندو. ان لاءِ سوچ ويچار ۽ عملي ڳڻتي، ڳڻ ڳوت ۽ ڳڻ پهـ جي ضرورت آهي. انهي ستم ظريفيءَ تي ساڃاهـ وندن کان تارخ ضرور پُڇاڻو ڪندي.



www.sindhsalamat.com

## سنڌ: سنڌُوءَ جو تحفو

هيءَ ڌرتي نهايت قديم آهي، جنهن تي سنڌ ڏيهه به قديم زماني کان قائم ۽ دائم آهي. عالمي محققن، تاريخدانن، پوئن وگيانن ۽ علم الانسان جي اڪابرن سالن جي جاکوڙ ۽ ذهني عرق ريزي کان ڪم وٺندي، ڌرتيءَ جي قدامت بابت جيڪا ڄاڻ ڏني آهي، انهيءَ موجب ڌرتيءَ جو گولو اربين سال قديم آهي. ڌرتيءَ جي علم جي ڄاڻن ڌرتيءَ جي ڄمار کي ڌار ڌار جڳن، هر جڳ کي ڌار ڌار زمانن ۽ هر زماني کي ڌار ڌار دؤرن ۾ ورهايو ويو آهي. ٿلهي ليکي ڌرتي جي گولي جي ڄمار سوا چار عرب ورهيه يا ان کان سرس ڪٿي وئي آهي (1)

هي ڌرتيءَ اٽڪل ٽي حصا پاڻي هيٺ ۽ هڪ حصو زمين ڄاڻائي وئي آهي. انهي هڪ حصي زمين ۾ به جبل چشما، ڍنڍون ڍورا ماٿريون ۽ ميدان اچي وڃن ٿا. ڌرتيءَ جي انهيءَ زميني حصي تي آڳاٽي زماني کان انساني وسندين جي پڙ کوجنا ٿي چڪي آهي. تاريخ ۽ انساني علم جي ماهرن ڌرتيءَ ۽ انسان جي لڳ لاڳاپي بابت جيڪا اپٽار ڪئي آهي، تنهن منجهان معلوم ٿئي ٿو ته اوائلي انسان ارتقائي مرحلا طئي ڪرڻ وقت يا ته اهڙن پهاڙن ۽ جهنگلن ۾ آباد هو جتي پاڻي هو يا وري هن دريائي ۽ سامونڊي ڪنارن کي مسڪن بنايو. دنيا جي تاريخ، تهذيب، تمدن ۽ ثقافت تي گهري نظر رکندڙ ڏاهن ۽ کوجنيڪن قديم زماني کان ڌرتي تي انساني وسندين جي تحقيق کان پوءِ تصديق ڪندي ڄاڻايو آهي ته انسان جيڪو فطرت جي رحم ۽ ڪرم هيٺ وحشي دؤر کان به اڳ ارتقائي مرحلن مان گذري هاڻوڪي مهذب ۽ سڌريل انسان جي حد کي رسيو آهي، ڌرتي ان کان به قديم آهي. جڏهن ڌرتيءَ تي جيوت لاءِ سازگار ۽ موزون ماحول جنم ورتو تڏهن ئي انسان جي موجودگيءَ جو گمان ڪري سگهجي ٿو، ليڪن ڌرتيءَ ته ان کان به اڳ موجود هئي. چاڪاڻ ته جڏهن ڌرتيءَ زندگي لاءِ موزون ٿي تڏهن مٿس جيوت جا آثار نموار ۽ ظاهر ٿيڻ لڳا.

انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ڌرتي نهايت قديم آهي پر ان تي موجود دنيا جو هر ملڪ يا خطو به پنهنجي ٿوري گهڻي جاگرافيائي ڦير گهير سان اوترو ئي قديم ۽ اوترو ئي آڳاٽو آهي. چاهي ڪو ملڪ يا خطو ڪٿي اڄ پنهجي جاگرافيائي سرحدون ڪٿي نمودار ٿيو هجي يا ايئن ڪٿي چئجي ته ڪنهن ملڪ يا خطي جون موجوده سرحدون تبديل هجن پر جنهن سر زمين تي سندس حدون محيط آهن، اُهي حدون يا حدن اندر زميني خطو بلاشڪ ڌرتيءَ جو قديم زماني کان حصو رهيو آهي. انڪري چئي سگهجي ٿو ته هر ملڪ هر خطو به ازل کان ڌرتي جو حصو رهيو آهي. توڙي جو اُهو خطو شروع کان نشانمبر هجي يا ڪن قدرتي ڦير گهير سبب بعد ۾ سمنڊ مان ٻاهر نڪتو هجي ۽ پنهنجي طبعي بيهڪ جي لحاظ کان گهڻو پوءِ جيوت جي رهائش قابل بڻيو هجي. رهيو سوال ڪنهن ملڪ يا خطي جي قدامت جو ان لاءِ اهو چوڻ مناسب ٿيندو ته ڪنهن به ملڪ يا خطي جي قدامت جو دارومدار ڌرتيءَ مٿان ان جي طبعي يا جاگرافي حالتن موجب


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

زندگيءَ جي نمودار ٿيڻ تي آهي. ڇاڪاڻ تہ تاريخ ۽ ڌرتيءَ جي علم جي ماهرن بہ ڪنهن ملڪ يا خطي جي قدامت جو ڪاٿو بہ ان ملڪ يا خطي تي ملندڙ قديم آثارن ۽ انساني وسندين جي قدامت جي آڌار تي پئي ڪيو آهي. ڪنهن ملڪ جي سر زمين يا خطي تي جيتري قديم تاريخ تهذيب، تمدن ۽ ثقافت ملي آهي اوتروئي اهو خطو قديم ڄاڻايو ويو آهي. جڏهن کان ڪنهن خطي تي انساني قدمن جي آهٽ ڳڻائي وئي آهي، تڏهن کان انهيءَ خطي جي قدامت بہ ڄاڻائي وئي آهي. دنيا جي مختلف خطن يا ملڪن جي قدامت ۽ ان تي جنم وٺندڙ قديم تهذيب ۽ تمدن جي قدامت مختلف آهي. روءِ زمين تي ڪي خطا اڳ تہ ڪي پوءِ آباد ۽ جيوت لاءِ سازگار بڻيا. جيئن جيئن طبعي، جاگرافي بيهڪ ۽ ماحولياتي خوشگواري پيدا ٿيڻ شروع ٿي هوندي، تيئن تيئن انهيءِ خطي تي جيوت جي رهائش شروع ٿي هوندي ۽ هوريان هوريان تهذيب ۽ تمدن ارتقا جا مرحلا طئي ڪرڻ شروع ڪيا هوندا. سنڌ جي سرزمين بہ نهايت قديم آهي. قديم زماني کان پنهنجي الڳ تهذيب تمدن ۽ ثقافت سان ڌرتي جي گولي تي قائم آهي. سندس طبعي بيهڪ ۽ جاگرافيائي حالت جيوت لاءِ صدين کان سازگار ۽ پُرڪشش رهندي آئي آهي. سنڌ ڏيهہ جي جهونائپ لاءِ چيو ويو آهي تہ آڳاٽي زماني ۾ سنڌ ملڪ سمنڊ هيٺ هو. عالمن جي راءِ آهي تہ سنڌ کي پاڻي منجهان پر گهٽ ٿئي ڪيترا جڳ ٿي ويا آهن. انهي زماني جا ڪي ڪتاب ڪونهن پر ڪي پوڻءِ وگيانَ ڌرتيءَ جي علم ۾ پڙ آهن سي انهن جُڳن جون ڳالهيون بہ پرکي سگهن ٿا.پُوڻءَ وِگيانَ چون ٿا تہ


books.sindhsalamat.com

جيالاجيءَ جي ٽئين دؤر ۾ سنڌ سميت اتر هندستان جو ڳچ حصو ٽيٿيا (1) سمنڊ هيٺ هو. جنهن جي ڇولين هماليہ کان ونڌيا جبلن تائين پئي ڇلڪا ڏنا. ڪنهن وقت هماليہ جبل طرف اهڙا خوفناڪ زلزلا ٿيا جو ڌرتي مٿي چڙهي آئي ۽ سمنڊ هٽي ڏيهان ڏُور ٿي ويو. ائين زمين ظاهر ٿي تہ قدرت وري ٻيا ڪم ڪيا. وقت بہ وقت ڇو ها طوفان لڳا، تن سببن جي ڪري واري وئي پکڙجندي، برساتن سبب زمين وئي ويهندي ۽ گرمي سبب ٿاڪ ٿيندي. هڪ پلر جي پالوٽ ٿي ٻيو ندين جو رڳ ڌرتيءَ مٿان وقت بہ وقت چڙهيو تہ زمين وئي مٿي ٿيندي (2) ڪن محققن اهو بہ ڄاڻايو آهي تہ سنڌ ملڪ جي پيدائش ڌرتيءَ جي ڄاڻن جي ڄاڻايل جُڳن واري پهرئين زماني جي ڇئي وچي ٿي. ٻين لفظن ۾ سنڌ جي سر زمين کي پيدا ٿئي سوا تيرهن ڪروڙ سال ٿي چڪا آهن (3) ڪن ڏاهن سنڌ ملڪ جي سرزمين تي ملندڙ قديم آثارن جي روشني ۾ خيال ظاهر ڪيو آهي تہ سنڌ اٽڪل ست هزار سال ق.م اڳ سمنڊ هيٺ هئي، جيڪو صرف اترين سرحدن کان اٽڪل ٻارهن هزار سال ق.م کان پوءِ هٽڻ شروع ٿيو. ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ وچئين پٿر واري دؤر جي موجودگي جي ثابتي ملي چڪي آهي (4) ماهرن جو رايو آهي تہ اٽڪل هڪ لک ق.م کان پوءِ سمنڊ هٽڻ (پٺتي) شروع ٿيو ۽ هوريان هوريان ڏکڻ طرف هٽندو ويو ۽ زمين وئي ظاهر ٿيندي. اٽڪل ويهہ هزار سال ق.م تائين ملتان وارو علائقو سمنڊ هيٺ هوندو. اٽڪل ساڍا ٻارهن هزار سال ق.م تائين سمنڊ موجوده رُڪ اسٽيشن ۽ اٽڪل ڏهہ هزار سال ق.م تائين سمنڊ هاٽوڪي لاڙڪاڻي تائين هوندو.


www.sindhsalamat.com

اٽڪل نَوَ هزار سال ق.م تائين موجوده حيدرآباد تائين هوندو يا پهچي ۽ هتي چڪو هوندو (5) اهڙي ريت سنڌ سمنڊ پيٽان نڪري نروار ٿي هوندي. سنڌ پيدا ٿيڻ کان پوءِ بہ ڪڇ جي رڻ ۽ ٿر ڏي ڪي صديون ساندهہ سمنڊ هو. هاٽوڪي ضلعي ٺٽي ۽ حيدرآباد ضلعي جا لاڙوارا ڪيترائي ٽَڪر ڪي سمنڊ جي پاڻي تہ ڪي سنڌوندي جي پاڻي هيٺ هئا. جن مان شاهہ بندر، سجاول ۽ جهرڪن وارو ٿورو پاسو بنهہ ويجهڙائي ۾ پاڻي مان نڪري پڌرو ٿيو آهي. تاريخ ۾ جيڪي کوجنائون ٿيون آهن، تن مان سمجهڻ ۾ ايئن اچي ٿو تہ شاهہ بندر، ٺٽي ۽ جهرڪن واريون ٽڪريون، ڪوٽڙي طرف سورجاڻو جبل، حيدرآباد وارو گنجو ٽڪر ۽ رني ڪوٽ واريون ٽڪريون يا تہ ان وقت هيون ڪو نہ يا جي هيون تہ آس پاس پاڻي هئڻ سبب ٻيٽن وانگر بيٺيون هيون. تنهن ڪري سنڌ جي رڳو اولهندي وارو جابلو ڀاڱو اول وسيو هو. اهو قديم پٿر وارو دؤر هو ۽ رڳو ڪي هنڌ آجا هئا (6) هي مٿيون بيان لکندي ڪاڪو ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي منجهيل نظر اچي ٿو. ميجر هيگ ۽ ميجر راورٽي جي حوالي سان لکندي هن جيڪو قديم پٿر وارو دور ڄاڻايو آهي تنهن منجهان شايد سندس مراد اوائلي پٿر وارو دور آهي پر راورٽي آئين اڪبري جي حوالي سان لکي ٿو تہ مغل بادشاهہ اڪبر جي زماني ۾ سنڌ جو صفا ڏاکڻو شهر بدين ڄاڻائي ٿو ۽ تڏهن اهو سمنڊ کان اٽڪل 17 ميل وٿيرڪو هو. (7) محترم ايم ايچ پنهور رڳو وچين پٿر جي دور جو سن پنج لک ق.م کان پنجٽيهہ هزار سال ق.م ڏنو آهي.(8) شايد ڪاڪي ڀيرومل جي انهي بيان جو بہ اهو ئي مطلب هجي.



بهرحال انهن تاريخي تذڪرن جي ڏَيُ تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ اوائلي دور ۾ سنڌ ڏيهہ جا اڪثر حصا سمنڊ هيٺ هئا. هونئن بہ قديم سنڌ جي تاريخ منڍ کان وٺي پوري ريت سمجهڻ لاءِ هاٽوڪي سنڌ ۽ هاٽوڪو زمانو وساري اُهو آڳاٽو زمانو اکين اڳيان آڻيون جنهن وقت سنڌ جي اولهندي ڏي جبل چوٽيون ڪڍيو بيٺا هئا ۽ ٻيا پاسا گهڻو ڪري سمنڊ جي پاڻي هيٺ هئا. (9) لئمبرڪ بہ انهي خيال جو آهي تہ آڳاٽي زماني ۾ ويندي تاريخي دؤر تائين سنڌ جو ڳچ حصو سمنڊ هيٺ هئو. پوءِ وقت گذرڻ سان سمنڊ پٺتي هٽندو ۽ پنهنجي پويان واري جو ڍڳ ڇڏيندو ويو (10) هاڻ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ٿو تہ اهي واري جا ڍڳ ڪٿان آيا؟ سمنڊ جي کاري پاڻي واري پيٽ ۾ واريءَ جا اهي ڍڳ ڪنهن آڻي اڇلايا!؟ سمنڊ پيٽان نڪتل کاري زمين تي مٺيءَ زمين جا تهہ ڪنهن سٿيا!؟ اها ڪهڙي از غيبي ۽ سگهاري شيءِ هئي جنهن جوت ۽ اوت سان واري جا ڍڳ سمنڊ جي ويڪري وات ۾ وجهندي ساڍس صدين کان مهاڏو اٽڪائيندي، ڪيس پٺتي هٽائيندي ۽ واري جا تهہ سٿيندي، عظمتن ڀري سر زمين جا ميدان ۽ ماٿريون سرجيندي رهي. يقينن اها عظيم سنڌو ندي آهي جنهن لاءِ ڪاڪي ڀيرومل ڪيترو نہ خوبصورت اظهار ڪيو آهي تہ "سنڌ جو پرڳڻو سمنڊ مان پيدا ٿيو تنهن کان اڳي سنڌو ندي هئي، جيئن ٻار کي ڄمڻ کان اڳي ڏاڏي قوت تيار رکي ٿو جو سندس ماءُ جي ٿڻن ۾ ٿيج اچي ٿي، تيئن سنڌ کي تاتي نپائي وڏو ڪرڻ لاءِ سنڌو ندي اڳ ئي حاضر هئي (11) بلاشڪ جهڙي ريت سنڌ اسان سنڌ واسين جي جنم ڀومي ۽ ماءُ آهي جنهن جي

سياڳي سرزمين تي اسان جنم ورتو آهي تهڙي ريت عظيم سنڌو وري سنڌ ڏيهه جي ماءُ آهي جنهن جو وجود سنڌ ملڪ کان اڳي هو. جڏهن سنڌ سمنڊ هيٺ هئي. سنڌو ندي قديم زماني کان نه صرف پنهنجي اجهل ۽ از غيبي سگهه سان سمنڊ کي سوڙهو ڪندي، سنڌ جي سرزمين کي سرجي ڌرتي جي گولي تي نمودار ڪيو پر پنهنجي ڪير ڌارا جهڙي پاڻي سان سنڌ لاءِ انيڪ ڪاڏا ۽ خوشحاليون آڻيندي رهي آهي. چوهه سان وهندي سنڌو ماٿري ۾ زرخيزي پکيڙيندي آئي آهي. سندس سونهن سندرتا ۽ تکي وهڪري جي ساراهه ۾ رگ ويد جو ڪوي لکي ٿو ته سنڌو جا اجيت (ناقابل فتح) آهي سا سڌي وهي ٿي. سندس رنگ اڇو ۽ روشن آهي ۽ هو وڏي ندي آهي سندس پاڻي ۾ تک گهڻي آهي. جيڪي چرندڙ شيون (زمين تي) آهن سي اهڙيون تيز رفتار نه آهن جهڙي هي سنڌو آهي. (12) ناقابل فتح سنڌو ندي اڄ به چين ولايت جي برفاني ٽڪرين جي سلسلي منجهان پنهنجو سفر شروع ڪري ٿي، جتي تبتي ۽ آس پاس جا رهاڪو ڪيس شير دريا چون ٿا. سندن خيال آهي ته سنڌو شينهن جي وات مان نڪري ٿي. تبت کان پوءِ ڪشمير جي علائقي لداخ کي لتاڙي سياچين جي سوڙهن لانگهن مان لنگهي شور مچائيندي ۽ جبلن کي ٿونا هڻندي هماليا ۽ قراقرم جي وچ ۾ اسڪردو وٽ ائين ڦهلجي وڃي ٿي جيئن ٽڪجي گرم اس ۾ ليٽي ٽڪ پيچندي هجي. (13) سنڌو پنهجو سفر جاري رکندي اسڪردو مان نڪري اتر طرف وهندي، ڪشمير جي ئي علائقي بلوچستان مان گذري، ناگا پربت جي گرد گهمي اپ سان ڳالهيون ڪندڙ جهرڻا



جوڙيندي هتان ئي ڏکڻ طرف موڙو کائي گلگت ايجنسي جي سرحدن ۾ داخل ٿئي ٿي جتي راڪاپوشي کان ايندڙ ندي هنزه ۽ اولهه کان ايندڙ گلگت ندي ساڻس ملي هڪ ٿي وڃن ٿيون. تنهن کان پوءِ چيلاس کان وهندي صوبي سرحد جي ضلعي ڪوهستان جي ماٿرين ڏانهن گجندي وڌي ٿي. هاسي سان هاڪاريندي هزاره جي وادين مان جڏهن مانسهره ۽ ائبٽ آباد وٽان لنگهي ٿي ته سندس وهڪري ۾ رڪاوٽ لاءِ تربيلا وٽ گُهٽجي، ڇوٽڪارو حاصل ڪري، اٽڪ جي سوڙهي گذر گاهه ڏانهن وڌي ٿي ته ساڻس ڪابل درياءُ اچي سهڪاري ٿئي ٿو. اٽڪ جي تنگ پيچري ۾ اچي ٻيهر گُهٽجڻ لڳي ٿي (14) هت سنڌو نديءَ جي پيچري جو پيرو ڪڍندي عرض ڪندو هلان ته مٿي جيڪو بحث ٿي چڪو آهي ان جي روشني ۾ معلوم ٿئي ٿو ته جڏهن سنڌ سمنڊ هيٺ هئي تڏهن سنڌو ندي اوس هئي پر لڳي ٿو ته تڏهن سندس چوڙ هاٽوڪو سنڌ پرڳڻو نه پر اترين سرحدن ۾ جابلو علائقو هو. اهو چوڙ اٽڪ وٽان هجي يا ان جي آس پاس هجي سو ته يقين سان چئي نه ٿو سگهجي پر اهو وسهڻ ۾ اچي ٿو ته انهي آڳاٽي زماني ۾ سمنڊ به اتر الهندن سرحدي جبلن سان مٿو ٽيڪيو بيٺو هوندو ۽ جابلو علائقي مان وهندي تڏهوڪي زماني ۾ به سنڌوءَ ۾ ڪيترائي ننڍا وڏا وهڪرا اچي پوندا هوندا ته سنڌو اجان به اجهاڳ ۽ اوهاڳ ٿي وهندي هوندي، تڏهن سمنڊ سان سندس جنگ جوٽجي چڪي هوندي. انهيءَ آڳاٽي زماني ۾ زلزلن ۽ ٻين قدرتي ڦيرن سان گڏ سمنڊ کي هٽائڻ ۽ پنتي ڌڪڻ ۾ سنڌوءَ جي سگهاري وهڪري به وڏو ڪردار ادا ڪيو هوندو. سنڌو

تبت کان هلي ٿي ايڏي وڏي ۽ طويل وهڪري جا وري سهسين ٻيا وهڪرا سلامي ٿين ٿا تہ منجهس لٽ جو مقدار سرس شامل ٿي وڃڻ بہ اوس آهي. انڪري سنڌوءَ جو وهڪرو تمام گهڻو لٽاشو ٻڻجيو وڃي. سائنسي لحاظ کان لٽاشين ندين جي ٽين مکيہ ورڇ ڊيلٽا واري آهي. سنڌو قدرتي طرح سڄي جي سڄي انهي ورڇ ۾ اچي ٿي.سنڌوءَ لاءِ طبعي طرح اجان بہ ممڪن آهي تہ پرڳڻي جي اترين حد جي ويڪرائي ڦاڪ کان گهڻو مٿي ٻن شاخن ۾ ورهائجي سمنڊ ڏانهن وڃي ۽ آڳاٽي زماني ۾ جڏهن هاڻوڪي زمين جي گهڻي ڀاڱي تي سمنڊ هو تڏهن سنڌو لاشڪ ايئن ڪندي هئي. تاريخي زماني ڏانهن ايندي اسان سنڌو کي ورهاڱي جي هاڻوڪي سنڌ کان ڪي سو ميل مٿي ۽ تڏهوڪي سامونڊي ڪپر کان بظاهر ايتري ئي پنڌ تي ٻن شاخن ۾ ورهايل ڏسون ٿا. سنڌوءَ جهڙي لٽاسي درياهہ جو ڊيلٽا اتي ٺهندو آهي جتي ان جي پاڻي کي سمنڊ جي جهل ٿيندي آهي. (15) سنڌو جهڙي لٽاشِي ندي ڊيلٽا ٺاهيندي سمنڊ ڏڪيندي, واري جا ڍڳ چڏيندي زمين سرجيندي رهي آهي. سندس نئون ڊيلٽا سمنڊ ۽ نديءَ جي وچ ۾ چٽا پيٽيءَ جو ميدان ٿئي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ نئين سر زمين سرجندي رهي ٿي (16) انهي مان پتو پوي ٿو تہ سنڌو ندي تڏهوڪي جبلن سان ٽڪرائندڙ سمنڊ سان چٽا پيٽي شروع ڪئي هوندي. ڊيلٽا مٽائيندي ۽ سمنڊ هٽائيندي, جابلو گهٽن گهيڙن کان نجات حاصل ڪندي, جڏهن سنڌوءَ ندي کي ننڍي ميداني وٿي ملي هوندي تڏهن واپس موٽائڻ سمنڊ تہ چا پر ڪنهن جي بہ وس جي ڳالهہ نہ هوندي ۽ جڏهن ميدان جوڙي جبلن کان هيٺ لهي وهڻ شروع ڪيو هوندائين, تڏهن چڙواڳ سنڌو سمنڊ ٻوءِ ڪندي وڌڻ لڳي هوندي. ميدانن مان گذرڻ وقت پنتي جابلو علائقن جيان منجهس ٻيا وهڪرا بہ جڙي پوڻ شروع ٿيا هوندا جن سنڌو نديءَ جي وڏيڪ پرتي ڪئي هوندي.اُنهن پرتي ڪندڙ ٻين وهڪرن سبب سنڌُو جي سگهہ ۾ اجان بہ اضافو آيو هوندو. سنڌو ندي ۽ سمنڊ جي اها جنگ تاريخ کان اڳ ۽ پوءِ وارن دورن تائين جاري رهندي آئي, جنهن جي نتيجي ۾ سمنڊ سوين ميل هٽي هڪ وارياسي خطي جي صورت ۾ جڳهہ خالي ڪئي. جيئن جيئن ميدان ويو ٿي جڙندو تيئن تيئن نوان وهڪرا جڙيا ۽ سنڌو کي ويا طاقتور بڻائيندا. انهن وهڪرن جي نشاندهي ويدن واري زماني ۾ بہ ٿئي ٿي. رگ ويد جو رشي اهڙن وهڪرن جو ذڪر ڪندي چاٽائي ٿو تہ اي سنڌو جيئن سٺا ڳايون کير سان پريل اوهن سان پنهنجي ڦرن ڏي ڊوڙن ٿيون تيئن ٻيون نديون جدا جدا هنڌن کان پاڻي کڻي توڏي رنڀنديون اچن ٿيون. اي سنڌو جيئن ڪو راجا جڏ ڪرڻ لاءِ نڪرندو آهي ۽ پنيان لشڪر هوندو اٿس تيئن تون بہ (شاهاڻي شان سان) ندين اڳيان مهندار ٿي هلين ٿي ۽ ٻيون نديون پلٽڻيون ڪري تنهنجي پٺيان ائين هلن ٿيون جو ڄڻ تہ ساڳي رٿ (گاڏي) ۾ سوار آهيو. (17) درياهہ ويدن واري زماني ۾ جبلن کان گهڻو هيٺ هٽي چڪو هو. انهي جي خاطري رگ ويد جي ڪوي جي هن ڪلا مان ملي ٿي, جنهن ۾ هن سنڌو ندي ۾ چوڙ ڪندڙ ٻين وهڪرن جو ذڪر ڪيو آهي تہ اي سنڌو پهريان تون ترشمار؟ سان گڏ وهين ٿي ۽ پوءِ سسرتو ۽ رسا ۽ سويتي (سوات ندي) سان, توسان ڪپا (ڪابل) گومتي

(گومل) ميهتنو ۽ ڪرمو (ڪرم) گڏ وهي ٿي.مٿين وهڪرن مان پويان ڪجهه وهڪرا سنڌو ندي کي هيٺ ميدانن ۾ پرٿو ڪن ٿا ته ڪي اٽڪ کان به مٿي منجهس پون ٿا. ان ڪانسواءِ هارو (Haru) نالي ندي هوندي هئي جيڪا مالاچ جي جابلو علائقي مان نڪري ڪشمير جي اوپر اٽڪ جي هيٺيان نيل آب جي قديم ٿاڪ وٽ سٺ ميل پنڌ ڪري اچي اوپر پاسي کان سنڌو ۾ چوڙ ڪندي هئي. ٻي ڪغذي (kaghzi) يا ڪوهاٽ ندي جيڪا اولهه پاسي کان سنڌو ۾ چوڙ ڪندي هئي. (18) سڌ ملي ٿي ته تاريخ کان اڳ يا پوءِ واري دور ۾ سنڌو ۾ ڪيترائي وهڪرا مليا آهن. انهي مان ڪي اٽڪ کان مٿي ته ڪي اٽڪ کان هيٺ ساڻس مليا ٿي جيڪي قديم زماني کان سنڌو جا پرتي ڪندڙ وهڪرا رهيا آهن. انهن مان ڪي طبعي ڦيرن سبب رخ ڦيري ويا. ڪي سُڪي ختم ٿي ويا ۽ ڪي هاڻ به سنڌو ۾ اچي پون ٿا. انهن ۾ راوي ستلج، چناب، بياس، جهلم، بولان، گاج، گگهر، بارڻ، سوري، نال، لهڙي، گهاڙ ۽ ٻيا ڪيترائي ننڍا وڏا، مستقل ۽ باراني وهڪرا اچي وجن ٿا. انڪري سنڌو اڻ جهل ۽ بدمست ٿي وهندي ۽ وڏ ندي رهي ۽ هيٺ ميدانن ۾ لٿاشي وهڪري سبب شاخن ۾ ورهائجي ويندي هئي. اُنهن وهڪرن يا ندين جي ڪري رگ ويد واري زماني ۾ سنڌ وطن کي سُپت سنڌو يعني ست دراهي ماٿري ڪوٺيو ويو. رگ ويد انهيءِ جي نشاندهي ڪري ٿو ته اي سنڌو ورڻ ديوتا تنهنجي وهڻ لاءِ گهٽيون واٽون ٺاهيون آهن. (19) ويدن واري زماني ۾ سنڌو جي وهڪري ۾ وڏي سگهه ۽ طاقت هئي. جڏهن ميدانن ۾ لهندي هئي ته ڪيهر شينهن وانگر


books.sindhsalamat.com

گرجندي ويندي هئي. رگ ويد جي رشي جي زباني هن طرح آهي ته سنڌو جي گڙگاٽ ڌرتي تان اٿي ٿي ته اها آسمان (آواز سان)پريو چڙي. سنڌو نهايت زور وهي ٿي ۽ منهن مٽيادار يعني خوبصورت ۽ ڏيا وارو اٿس. سندس پاڻي جو آواز اهڙو ٿو ٿئي جو دل ڪري ائين پيو پانئجي جڻ ته مينهن جون اوڙڪون گجگوڙ ڪري پيون وسن. اجها سنڌو ڏِڳي وانگر رنيندي پئي اچي (20) انهيءَ مان ظاهر آهي ته سنڌو ندي جهڙي لٿاشي ندي جي زوردار وهڪري ئي سنڌ ڏيهه جي سر زمين کي ذرو ذرو ڪري سرجيو ۽ سمنڊ کي مات ڏئي هٽايو. سنڌو ندي دنيا جي لٿاشي ندي ليکي وڃي ٿي.جهڙي طرح نِيل ندي جي وهڪري مصر ملڪ جي سر زمين کي جوڙيو تهڙي طرح سنڌو ندي جي لٿاشي وهڪري سنڌ جي وارياسي ماٿري جي تشڪيل ڪئي. انهي خاصيت ۽ طبعي بيهڪ سبب ئي يورپين سنڌ ڏيهه کي، مصر سان تشبيهه ڏني. ڳالهه پئي هلي سنڌوءَ جي پيچري جي پيري ڪٽڻ جي، سو اٽڪ وٽ سنڌو ميدانن ۾ لهي ٿي.قديم زماني کان سمنڊ سان جهيڙيندي، اٽڪ وٽان سنڌوءَ جي رخ ۾ ڪيترين ئي تبديليون آيون. سنڌو ندي ڪڏهن وچ ٿل مان وهندي هئي پر ملتان کي ويجهي هئي پوءِ پنهنجو وهڪرو بدلائڻ شروع ڪيائين. ڪجهه اولهه پرو سرڪي وئي(21) قديم زماني ۾ سندس وهڪرو زوردار هو ۽ سمنڊ سان اُرهه زورائي ڪندي ڊيلٽا مٿائيندي ڊنڊون ڊورا، پٽون ۽ ميدان جوڙيندي اٽڪل سٺ هزار سال ق.م کان به ممڪن آهي ته اڳ کان سنڌوءَ ماٿري جهڙي املهه ۽ عظيم تحفي کي جوڙڻ شروع ڪيائين، جنهن کي اڄ سنڌ ملڪ سڏيون ٿا.اڄ به


www.sindhsalamat.com

جڏهن اٽڪ جي سوڙهي گذر گاهہ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سنڌو ڪالا باغ جي ميدانن ۾ لهندي آهي تہ اجهل هوندي آهي پر اتي بہ ڪيس هٿڪڙول وجهڻ جا سانباها ٿي رهيا آهن. ڪالا باغ ڪان پوءِ ميان والي، پڪر، ليہ، ديري غازي خان ڪان ٿيندي ڪشمور وٽان هاٿوڪي محدود سنڌ مان گذري سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. هاڻ يقين سان سنڌ وطن ڪي ڀڄڪٽي درياهہ سنڌو جي سوکڙي چئي سگهجي ٿو. ٻولي ۽ تاريخ جي عالمن ڄاڻايو آهي تہ سنڌ تي نالو بہ سنڌ درياهہ جي ڪري پيو. سنسڪرت ۾ سنڌو معنيٰ سمنڊ يا وڏو درياهہ آهي. اڳي سنڌو ندي روايتي ندين ڪان تمام وڏي هوندي هئي. سمنڊ سان ڪلهو پئي هٽندي هئي، انهي سبب آڳاٽن آرين اهو نالو ڪيس ڏنو(22) اهو سنڌو درياهہ جو ٻاجهہ آهي جنهن صدين جي ليٽ پيٽ ڪان پوءِ سنڌ جي سرزمين سرجي، تنهنڪري اها ڳالهہ بلڪل مناسب آهي تہ سنڌ جي سر زمين دريا شاهہ بادشاهہ جي نالي پٺيان سڏجي، جو ان ڪي سرجيوئي درياهہ شاهہ بادشاهہ آهي. ان سموري ڏيهہ ڪي جيڪو ڊيگهہ ۾ سوين ميل ۽ ويڪر ۾ سئو ميل آهي، سنڌو جي پاٽي ڪٽو ڪٽو ڪري آٽي تهہ مٿان تهہ رکي جوڙيو ۽ ٺانيڪو ڪيو(23) ٻوليءَ جي پارکن ۽ ماهرن جي اها بہ راءِ آهي تہ سنڌ جو بنياد آهي سنسڪرت لفظ سنڌو معنيٰ وهڻ.انهي سبب سنڌو جي بنيادي معنيٰ آهي اها ندي جيڪا سدائين وهي(24)

تاريخ ۾ جهاتي پائڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ بلاشبهہ سنڌو ندي جي نالي پٺيان سڏبي آئي آهي. سڪندر اعظم سان جيڪي تاريخ نويس (۽ جاگرافيدان ) آيا تن بہ سنڌو ماٿر ۾



رهندڙ ڪي سنڌُو سڏيو پر اچار ڦيرائي ڪيائون انڊو يا انڊوئي. ندي ڪي وري سڏيائون انڊيڪا ۽ انڊيڪوس. ائين هڪڙي ئي سنسڪرت لفظ سنڌو جا اچار لئٽن ۾ ڦري انڊس ۽ انڊيا ٿيا. ٻورن لفظن ۾ چئبو تہ سنڌ لفظ جي اصل معنيٰ هئي سنڌو ندي جي ماٿر (25) انڪانسواءِ اهو بہ پتو پوي ٿو تہ قديم زماني ڪان سنڌ ملڪان ملڪ مشهور بہ سنڌو ندي جي ڪري ٿي جو مٿس نالو سنڌو ندي جي ڪري پيو. سنڌ ڏيهہ تہ ٺهيو پر هندستان تي نالو بہ سنڌو ندي جي ڪري انڊيا پيو چاڪاڻ تہ تڏهوڪي زماني ۾ هندستان جي معنيٰ هئي سنڌو ندي وارو ملڪ. خود سنسڪرت ادب ۾ سنڌو لفظ جي ڪيترن هنڌن تي معنيٰ ئي آهي. "سنڌو ندي وارو ملڪ ۽ سنڌو يا سئينڌو معنيٰ سنڌو ماٿري جا رهاڪو. (26)

قديم زماني ڪان سنڌو ندي سنڌ ڏيهہ جي سرزمين مان وهندي ڪيس سيراب ڪندي شادابي ۽ خوشحالي پکيڙيندي وڃي سمنڊ ۾ پئي ڇوڙ ڪيو آهي. سنڌو ماٿري جي عظيم تهذيب جي گهري مطالعي منجهان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌو نديءَ جي ڪري هتي زراعت عروج تي هئي تہ وڻج واپار بہ ديسان ديس هلندڙهو. سنڌ ڏيهہ ۾ ڪپهہ، ڪڻڪ ۽ ٻيا فصل ججها ٿيندا هئا. هتان جو جڙيل ڪپڙو سميرين ۽ بابلين تائين پهتو. هتي جو چوپايو مال، هاٿي گهوڙا بہ مشهورهئا. سنڌو تهذيب جي دور ۾ سنڌ جا واپاري لاڳاپا ڏور ڏور تائين پکڙيل هئا. انهيءَ وڻج واپار ۽ سنڌ جي خوشحالي جو بنيادي ڪارڻ سنڌو ندي هئي تنهن ڪري ڏيهہ پر ڏيهہ سندس ماٿري ڪي سنڌ سڏيو. آرين واري زماني ۾ بہ سنڌ زرخيز ۽ خوشحال هئي.

ويدن وارن ڏهاڙن ۾ رگ ويد سنڌ جي شادابي جي ساراهه ڪندي رگ ويد جو ڪوي ڏاپي نٿو ۽ چوي ٿو"سنڌ گهوڙن ۾ شاهوڪار رٿن (گاڏين) ۾ شاهوڪار ڪپڙي گندي ۾ شاهوڪار عمدن گهڙيل ڳهَڻن ۾ شاهوڪار. ڪاڏي پيتي ۾ شاهوڪار سلم ٻوٽي يعني مُڃ وغيره جن مان واڻ ۽ رسيون ٺهن ٿيون سي ٻوٽا ٻه سنڌ ۾ ڪوڙ آهن ۽ سياڳي سنڌو جا ڪنارا ماکي ڏيندڙ گُلن سان سينگاريل آهن(27) ويدن واري زماني کان اڳ توڙي پوءِ تاريخي دور تائين ۽ تاريخي دور کان وٺي سنڌ ملڪ سنڌو ندي جي ڪري ۽ سنڌو ندي جي امرت ڌارا جي ڪري خوشحال هُئو . اُنهي خوشحالي سبب مغرب ۾ يونان، روم ۽ ٻين ڏورانهن ملڪن تائين ۽ اتر اوڀر ۾ چين ۽ ٻين ڏور مشرقي ملڪن تائين مشهور هئي. انهن سنڌ کي سنڌو ماٿري جي ڪري ئي سنڌ سڏيو. يونانين ته سنڌ جي اُپت ڪپهه کي سندوس سڏيو. اهو ممڪن آهي ته سنڌو ندي جي ماٿري، سندوس، سنڌو سنڌ يا ٻين آڳاٽن بگڙيل اچارن سان سڏي وئي هجي. پرڏيهين ڪيس ڪهڙي به نالي سان سڏيو هجي پر اهو پوري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌ تي سنڌو ندي سبب ئي نالو پيل آهي.

سنڌ جي وِجُود جي ڳولا ڪندي معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۽ عظيم سنڌو تهذيب جو روءِ زمين تي برپا ٿيڻ ڪو معجزو نه آهي. انهيءَ ۾ سنڌ واسين جو رت ست ۽ اعليٰ ذهني پورهيو شامل آهي. جيڪڏهن معجزو آهي به سهي ته اهو سنڌو ندي جي مرهون منت آهي. ڇو ته اها سنڌوءَ ندي ئي آهي جنهن سنڌ ۽ عظيم سنڌو تهذيب کي جنم ڏنو. سنڌو تهذيب، قديم زماني کان سنڌ جي



مهذب پڻي جي ضمانت آهي جنهن جي ڪوجنا ٿيڻ سان دنيا دنگ رهجي وئي . سمير ۽ بابلي تهذيبون پڻ ڏنيون رهجي ويون. هن ڏِس ۾ عالمي ماهرن کي پنهنجي راءِ ۾ تبديلي آڻيندي مڃڻو ۽ چوڻو پيو ته سمير، بابلي تهذيبن کان به سنڌو ماٿري جي تهذيب نه صرف قديم پر وڌيڪ مُهذب پڻ آهي. عظيم سنڌو تهذيب سنڌ جي وجود کي فخر ۽ مڃڻ لائق بنايو. جيڪڏهن سنڌو ندي سنڌ جي سر زمين تي ليٽ پيٽ نه ڪري ها ته شايد نه سنڌ جو وجود هجي ها ۽ نه ايڏي سندس شاهوڪار تهذيب صفحهءِ هستي ته موجود هجي ها. نه سنڌ ۾ زرخيزي ۽ خوشحالي پکڙجي ها ۽ نه سمنڊ پنهنجي جاءِ ڇڏي ها. اڄ جڏهن سنڌو جي وهڪري سان ارهه زواريون ڪري ڪيس بندن وسيلي هڪ ئي وهڪري سان وهڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي ته سنڌو قيدي جيان هٿڪڙول پائي سمنڊ ڏانهن گڙڪي رهيو آهي. سندس ڇوهه ۽ تک کي وري ڏيمن جي ضرب سان ضربيو ويو آهي ته سمنڊ ٻيهر ڪر کڻڻ شروع ڪيو آهي. هاڻ بدين ۽ ٺٽي ضلعن جون ڪيترين ئي ديهون سمنڊ جي لپيٽ ۾ اچڻ شروع ٿي ويون آهن. نه صرف اهو پر سنڌ جي زراعت به ٺپ ٿي رهي آهي. ماڻهن زرعي ڪارج لاءِ زميني يا جر جي پاڻي تي ڀاڙڻ شروع ڪيو آهي ته به فصل پڇي راس ٿيڻ ته ٺهيو اسرڻ کان اڳ ٻريو اجهاميو وڃي. ماهرن جو خيال آهي ته زميني يا جر جو پاڻي جيڪو مشينن وسيلي زرعي ڪارج ۾ ڪم آندو وڃي ٿو سو اڳتي هلي ڪارو ٿي ختم ٿيو وڃي. سنڌ جي ڪافي علائقن ۾ ايئن ٿيو به آهي. ايئن ٿو لڳي ته مستقبل ۾ جر جي پاڻي جي به اڻاٺ وڌي وڃي ۽ سنڌ ڏيهه ٻيهر سمنڊ جي

لپيٽ ۾ اچي  پٽر واري دور ڏانهن موٽ ڪائي يا مڪمل بدحالي جي ور چڙهي وڃي جيڪا تاريخي ستم ظريفي ۾ شمار ڪري سگهجي ٿي.

## ڪتاب ۽ حوالا


1: سنڌ هڪ عام جائزو ايچ ٽي لئمبرڪ, ص ,  17 ,18

2:قديم سنڌ, ڀيرومل مهرچند آڏواڻي, ص 41, 42

3: سنڌ هڪ عام جائزو مترجم سليم احمد , ص  19

4: ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ, ايم ايچ پنهور, ص 24

5: ساڳيو حوالو ص 8

6: قديم سنڌ, ڀيروملمهرچند آڏواڻي, ص 44, 45

7: سنڌ جو مهراڻ, راورٽي, ص 118

8: ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ, ايم ايچ پنهور ص 24

9: قديم سنڌ, ڀيرومل, ص 4 1

10. سنڌ هڪ عام جائزو ايچ ٽي لئمبرڪ ص, 20

11: قديم سنڌ, ڀيرومل, ص .42

12: ساڳيو حوالو ڀيرومل, ص 1. 4

13: شير درياهه, رضا علي عابدي ص 10, .12

14: ساڳيو حوالو ص. .14

15: سنڌ هڪ عام جائزو لمبئرڪ ص .34

16: ساڳيو حولو ص .14

15: سنڌ هڪ عام جائزو لئمبرڪ, ص .34

16: ساڳيوحوالو ص 35

17: سنڌ جو مهراڻ, راورٽي, ص 43, 445

18: قديم سنڌ, ڀيرومل, ص 141

19: ساڳيو حوالو ص .140

20. سنڌ جو مهراڻ, راورٽي ص 108

21: قديم سنڌ, ڀيرومل ص .36

22: سنڌ هڪ عام جائزو لئمبرڪ, ص .1

23: قديم سنڌ, ڀيرومل ص .36

24: ساڳيو حوالو ص 37

25: ساڳيو حوالو ص 37

26:  ساڳيو حوالو ص 138

27 : ساڳيو حوالو